

# لطيف جا ٿر تان پيرا

(ٿرپارڪر ۾ لطيف رحه جو سير ۽ سفر)

ليکڪ

## معمور يوسفاڻي

مهراڻ اڪيڊمي

# لطيف جا ٿر تان پيرا

(ٿرپارڪر ۾ لطيف رحہ جو سير ۽ سفر)

معمور يوسفاڻي

مهراڻ اڪيڊمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا اداري وٽ هٿيڪا

ڪتاب نمبر هڪ سؤ ڇاهٺ

| | | |
|---|---|---|
| نالو ڪتاب | : | لطيف جا ٽڙ تان پيرا |
| نالو ليکڪ | : | معمور يوسفاڻي |
| ڇپائيندڙ | : | مهراڻ اڪيڊمي |
| ڪمپوزنگ | : | اسٽار ڪمپوزرس شڪارپور |
| پهريون ڇاپو | : | آڪٽوبر 2001 |
| ڳاڻيٽو | : | 1100 |

قيمت =/50 رپيا

ملڻ جو هنڌ:

مهراڻ اڪيڊمي

واڳٽودر شڪارپور

۽ سنڌ جا سمورا ڪتاب گهر

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


* پنهنجي پاران
* پڳهه چوڙي پنڌ پيا (معمور صاحب جو سوانحي خاڪو)
* ٿرپارڪر ضلعي جو تاريخي جائزو 9
* شاهه عبداللطيف جو ٿرپارڪر جي ايراضي ۾ سير ۽ سفر 15

الف ــ ڪاهوءَ جي پٽ کان ساموئي يا سما نگر تائين 15

ب ــ بروئي ۽ رپ جي ڪهاٽي جا آثار 28

ج ــ بروڙ کان ليئور يا ليار تائين 42

د ــ نوهٽي کان ليهور تائين 54

هه ــ ليهور کان سيريين تائين 68

و ــ سيريين کان ڪپورازي تائين 78

ز ــ ڪلري ۽ سيريين جو سير 84

ح ــ مهراٽي ۾ سير ۽ سفر 91

ط ــ کاهڙ ۾ سير ۽ سفر 94

ي ــ پارڪر ۾ سير ۽ سفر 96

ڪ ــ پائر جي پٽ ۾ سير ۽ سفر 98

* مومل ۽ مينڌري جو ماڳ 105
* شاهه جي رسالي ۾ سنڌ جا تاريخي ۽ جاگرافيائي اشارا ۽ اهڃاڻ 112
* ڏيهي ڏور ٿيا 119


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| ❋ مارئي ”ڍالوا“ جي نہ پر ”ڪاروڙي“ جي هئي | 122 |
| ❋ ڄام چنيسر داسڙو | 149 |
| ❋ ڄام ساهڙ نگامرو | 154 |
| ❋ مورڙو ٻهليم | 157 |
| ❋ ڊولو نرور | 166 |
| ❋ ڄام جکرو هوتياڻي | 171 |
| ❋ ڏونگر راءِ سمون | 174 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب

تحريڪ آزادي جي اسير،

مشهور عوامي شاعر ۽ بزرگ

## حضرت "مل" محمود پلي رحہ

جي نام نامي، اسم گرامي

سان منسوب

اسد جمال پلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

سنڌ جي ناميا ري شاعر، اديب، محقق ۽ ”سگهڙ“ جناب مرحوم معمور يوسفاڻي جي تحقيقي مضمونن جو مجموعو **”لطيف جا ٿر تان پيرا“** يا **”ٿرپارڪر ۾ لطيف جو سير ۽ سفر“** اوهانجي هٿن ۾ آهي.

**معمور يوسفاڻي**، سنڌ جي ڄاتل سڃاتل شخصيت آهي، جنهن سنڌي ٻوليءَ جي انيڪ صنفن ۾ پنهنجي قلم جا واهڙ وهايا آهن.

نظم خواه نثر ۾ ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيائين. شاه عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي پارڪن ۾ سندس نالو متاهين جاءِ وارو آهي. شاه جي پيغام کي پکيڙڻ جي ڏس ۾ تحرير ۽ تقرير ٻنهي ۾ پاڻ ملهايائين.

هي ڪتاب بہ **لطيفيات** جي باب ۾ هڪ نرالي تصنيف آهي. سندس فاضل فرزند جناب ڊاڪٽر اسد جمال پلي پڻ والد محترم جي ملبل تربيت جي نتيجي ۾ وڏو علم دوست ۽ ادب نواز دانشور آهي. اسين ڊاڪٽر صاحب جا دل جي اوناهين مان ٿورائتا آهيون، جنهن ههڙي ملهائتي سوکڙي اڪيڊمي کي اشاعت لاءِ ڏني ۽ ڪتاب جو تفصيلي مقدمو پڻ لکيائين.

اميد تہ لطيف جي عاشقن وٽ هي سوکڙي قبول پوندي.

21 آڪٽوبر 2001

**قمر ميمڻ**
سيڪريٽري
مهراڻ اڪيڊمي
واڳنودر شڪارپور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پَڳهہ چوڙي پنڌ پيا
## (معمور صاحب جو سوانحي خاڪو)

سندن جنم 25 ـ جنوري 1929ع تي ڳوٺ حاجي پير محمد پلي ۾ ٿيو. بعد ۾ سندن وڏا پنهنجو ڳوٺ حاجي نبي بخش پلي ڀڏي وينا. سندن پورو نالو محمد عمر معمور يوسفاڻي پلي ولد حاجي محمد يوسف پلي آهي. پاڻ پنهنجي والد جي نالي جي نسبت سان "يوسفاڻي" لکندا هئا.

**خانداني پس منظر:** ـ سندن خاندان ناري پٽ جي معزز قوم "پلي" مان آهي. پلي قوم "درس پلي" جو اولاد آهي، جيڪو بزرگ "ڄام هالي" جي ستين پيڙهي مان آهي. ڄام هالو، سمون سردار هئو جنهن عمر ڪوٽ جي حاڪم همير سومري کي شڪست ڏني هئي. درس پلي جا پنج پٽ هئا. ١. پيرج ٢. احمد ٣. محمد ۴. صديق ۵. ويسو. جنهن مان پلي قوم جون پنج نکون پيرج، سومريجا، حميدجا، صديق جا ۽ ويسا آهن. معمور صاحب "پيرج" آهي.

معمور صاحب جي خاندان ۾ وڏا عالم، فاضل، شاعر، ڄاموٺ، حڪيم، سخي ۽ چڱا مڙس ٿي گذريا آهن. جن ۾ علامہ ارشد پلي، مولانا محمدمبارڪ پلي (تحريڪ آزاديءَ جو مجاهد)،حاجي نبي بخش پلي، ڪامريڊ محمد عثمان پلي، حاجي پرچو پلي، حڪيم حاجي محمد پلي ۽ سندن وڏو ڀاءُ ۽ وقت جو جيد عالم مولوي، عبدالخالق پلي مشهور شخصيتون ٿي گذريا آهن.

**تعليم:** ـ ننڍپڻ ۾ مدرسي جي بنيادي عربي ۽ فارسي ۽ معمولي سنڌي تعليم بعد پنهنجي ٻاري جي ڪم سان منسلڪ ٿي ويا. مگر علم جي پياس کين پيهر تعليمي درسگاهن ڏانهن ڪٺي ويئي ۽ ١٩٥٢ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيائون. ١٩٦٣ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائون،بعد ۾ منشي فاضل (فارسي) اديب فاضل (اردو) ۽ اديب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فاضل (سنڌي) جا امتحان امتيازي پوزيشن سان پاس ڪيائون. ايم ـ اي سنڌي (گولڊ ميڊلسٽ) پاس ڪرڻ بعد سندن آخري تعليمي ڪشالو "سنڌي ٻولي جي ٿري لهجي جو گرامر" جي موضوع تي پي ـ ايڇ ـ ڊي جي ڊگري هئي، مگر طبيعت جي ناسازي سبب اهو ڪم زير تڪميل رهجي ويو.

**ملازمت:** ـ پاڻ تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد طور ملازمت شروع ڪيائون. آخر ۾ انگريزي استاد ايڇ ـ ايس ـ ٽي جي عهدي تان رٽائر ڪيائون. ڪجهه عرصو "بيٽ آفيسر" پڻ رهيا. سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ سنڌيءَ جا سبجيڪٽ اسپيشلسٽ پڻ رهيا. اعزازي طور سنڌي ادبي بورڊ جا ميمبر، ٽماهي "مهراڻ" جي ايڊيٽورل بورڊ جا ميمبر ۽ م ـ د ـ اورينٽل ڪاليج حاجي محمد عالم پلي ۾ پروفيسر طور پڻ ڪم ڪيائون.

**علم ادب سان وابستگي:** ـ پاڻ ١٩٤٥ع کان شعر و شاعري ڏانهن مائل ٿيا ۽ ڪجهه ابتدائي شعر لکيائون. ١٩٥٢ع کان باقاعده شاعري شروع ڪيائون. سندن ابتدائي تخلص "غمناڪ" ۽ "خالد" هئا. بعد ۾ "معمور" جي نالي سا معمور ٿي ويا.

**نثر:** ـ سندن نثر ۾ لڳ ڀڳ سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪيل آهي، جنهن ۾ افسانا، مضمون، ڊراما، ناول، تحقيقي مقالا، سوانح نگاري ۽ ترجما شامل آهن. جنهن ۾ سندن موضوع ناصحانه، ناقدانه، تاريخ، جاگرافي، لطيفيات، لوڪ ادب، ٻاراڻو ادب، آثار قديمه ۽ ڪيترن ئي بزرگ شاعرن جي ڪلام تي تبصرو، ڪتابن جا مقدما ۽ مهاڳ وغيره اچي وڃن.

**نظم:** ـ نظم ۾ پاڻ صاحبِ فن هئا ۽ ڪلاسيڪي ۽ موزون شاعري ٻنهي ۾ استاد جي حيثيت رکندا هئا. پاڻ شاعري تمام تر صنفن تي لکيائون ۽ خوب لکيائون. جنهن ۾، مثنوي، غزل، قطعه، بيت، ڪافي، وائي، هزل، مولود، مداح، منقبت، لوڪ گيت، نظم، آزاد نظم، هائيڪو، ترائيل، سانيٽ کان علاوه لوڪ ادب جون صنفون شامل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندن ڪافين جو مجموعو ڇپيل آهي ۽ "ديوان" ڇپائيءَ هيٺ آهي. غزل کان علاوه سندن مثنويون بہ لاجواب آهن، خصوصاً سنڌ جي تاريخ تي مثنوي "ڏاهر لعہ" ۽ بدين جي ثقافت، تاريخ ۽ جاگرافي تي مثنوي "واهہ بديڻن جي ٻلاري سر زمين" شاهڪار ڇپيل مثنويون آهن.

سندن شاعري جي موضوعن ۾ قومي شاعري، ون يونٽ، وڏيرا شاهي ۽ نوجوانن جي سجاڳي کان وٺي، حمد، نعت ۽ منقبت تائين ۽ غزل جي حجاز ۽ حسن آگهي کان وٺي لوڪ ادب جي لاتين تائين سڀ موضوع شامل آهن. پاڻ ڪجهہ دوستن سان خط و ڪتابت پڻ نظم ۾ ڪندا هئا، ان کا علاوه شادين جا دعوت نامہ ۽ مشاعرن جي ڪمپيئرنگ پڻ نظم ۾ ڪندا هئا. قطعہ تاريخون ڪڍڻ جي فن ۾ يڪتا هئا. مشهور شاعر مولوي حاجي احمد ملاح جي وفات جي تاريخ هن سٽ مان ڪڍيائون تہ:

"آهہ لڏيو واديءَ مهراڻ جو شاعر عظيم"

**لوڪ ادب:** — معمور صاحب سنڌ جو واحد وڏو شاعر، اديب، محقق، مؤرخ ۽ استاد هئو، جيڪو تمام وڏو "سگهڙ" پڻ هئو. ڳجهارت، سورٺا، ڏٺ، پرولي، کان وٺي لوڪ شاعري جون مڙيئي صنفون سندن قلم جون مرهون منت رهيون آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل لوڪ ادب جي لڳ ڀڳ سيني ڪتابن ۾ سندن معاونت ۽ حوالا موجود آهن. ڪين "لوڪ ادب اسڪيم" تحت "انعام" پڻ مليا. پاڻ تمام گهڻو لوڪ ادب سرجيو، سهيڙيو ۽ ترتيب ڏنو.

**مولود خواني :** — پاڻ گهڻو وقت "مولودن جو شغل" پڙهندا رهيا. موسيقي جي فن کا علاوه خوش الحاني ڪين قدرت جي طرفان عطا ٿيل هئي. پاڻ سنڌ جي "گورنر مولودي" حاجي محمد عثمان مڱڻهار جي "پٽ" پڙهندا هئا. مشاعرن ۾ بہ اڪثر ترنم سان شعر پڙهندا هئا. مالڪوس، درٻاري ۽ ڪلياڻ جا راڳ ڪين وجد جي حالت ۾ وٺي ويندا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ريڊيو ۽ ٽي-وي سان وابستگي:** - مشاعرن ۽ مذاڪرن کان علاوه پاڻ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ ڪراچي اسٽيشن تان "سگهڙ" طور پڻ پروگرام ڪندا رهيا. "ڳوٺاڻن پائرن جي پروگرام" ۾ ته سندس ڪچهري "سيد صالح محمد شاه" سان خوب ڄمندي هئي. پاڻ ٽي-وي لاءِ ڪافي ڊراما اسڪرپٽ پڻ لکيائون. سندن قومي نغما ريڊيو تان (١٩٦٥ع) نشر ٿيا ۽ جنگ جي محاذ تي وڙهندڙ مجاهدن لاءِ حوصلي جو سبب بڻيا.

**اسٽيج:** - پاڻ نه صرف سٺا "ڊبيٽر" هئا، مگر ڪجهه اسٽيج ڊرامن ۾ پڻ ڪم ڪيائون. خصوصاً ٽريننگ ڪاليج دادو ۾ ٽريننگ دوران سندن اسٽيج ڪيل خاڪا توجه جو مرڪز رهيا.

**ادبي تنظيمن سان لاڳاپا :** - تورن لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته سندن وقت ۾ سيني فعال ادبي تنظيمن سان سندن خط و ڪتابت، ميمبر شپ ۽ نسبت رهي آهي. پاڻ "صوفي فقير" ۾ بزم ادب — صوفي فقير ۽ مهراڻو اڪيڊمي ، صوفي فقير جو بنياد وڌائون. انهيءَ سان گڏ بارڙا پبليڪيشن — عمر ڪوٽ جا پڻ روح روان هئا. هنن تنظيمن ذريعي ڍهاڪو کن سنڌي ڪتابن جو ادب ۾ اضافو ڪيائون. ان کان علاوه پائر پبليڪشن، اداره نوائے ادب ڳوٺ خانصاحب عطامحمد پلي، شاخ بزمِ طالب المولىٰ صوفي فقير — بزم سروري صوفي فقير، سنڌي ادبي سنگت شاخ صوفي فقير ۽ تنظيم فڪر و نظر سڪر جون صوفي فقير ۾ شاخون قائم ڪيون. جمعيت الشعراء سنڌ، سنڌي ادبي سنگت — بزم طالب المولىٰ، تحريڪ تعمير ادب سنڌ، رهبر ادبي سوسائٽي، محمد بن قاسم ادبي سوسائٽي، ۽ سنڌ لطيف ادبي مجلس جا ميمبر پڻ رهيا.

**ادبي انعام ۽ ايوارڊ :** - ڪين ڪيترائي ادبي انعام ۽ ايوارڊ پڻ مليا جن ۾ لطيف ايوارڊ، رهبر ادبي ايوارڊ، اهل قلم ايوارڊ، ٿرپارڪر ادبي ايوارڊ، سامي ادبي ايوارڊ، پراڻ ادبي ايوارڊ شامل آهن. انهيءَ کان علاوه ڪيترائي انعام پڻ ڪين ادبي معرڪن ۾ عطا ٿيا جن ۾ لوڪ ادب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انعام، شاهه ولي الله اڪيڊمي طرفان انعام ۽ صدر مملڪت طرفان سڪر ۾ لطيف ادبي انعام شامل آهن.

**شاهه فهمي :** ـــ پاڻ شاهه جي رسالي جي صحت، تلفظ، تاريخ، جاگرافي، آثار قديمه، ٻولي، گرامر ۽ روحاني رازن ۾ تمام عمر انوکو ۽ نئون تحقيقي ڪم ڪندا رهيا جيڪو ڪتابن، مقالن ۽ مضمونن جي شڪل ۾ شايع ٿيل آهي. جنهن جاڪجهه تفصيل اسان سندن ڪتاب "ست سورهيه ڏهه ڏاتار" جي مقدمي ۾ ڏنا آهن. لطيفيات تي سندن ڪيل ڪم کي اگر ترتيب ڏبو ته پنج ـ ڇهه ڪتاب تيار ٿي ويندا،جن ۾ "هڪ رسالو" پڻ شامل آهي. هي ڪتاب سندن لطيف فهمي جو ٻيو نمبر ڪتاب آهي. "لطيف رحه جو رسالو" سندن تحقيقي ڪم جو محور رهيو ۽ کين رسالي جي سرن جو حفظ پڻ هئو.

**مشاعرا:** ـ پاڻ نه صرف سنڌ ۽ پاڪستان ليول تي مشاعرن ۾ شريڪ ٿيا بلڪ پاڻ پڻ ڪيترا مشاعرا ۽ ادبي ڪانفرنسون ڪرايائون. پنهنجي پٽن جي شادين جي دعوتن ۾ پڻ شاندار مشاعرا ڪرايائون.

**ٿرپارڪر جي تاريخ :** ـ ٿرپارڪر جي تاريخ تي پاڻ گهڻ رخو ڪم ڪيائون. کين هن سر زمين سان ازلي عشق هئو، جنهن جو اظهار هِن ڪتاب ۾ به ظاهر آهي. سندن ڇپيل مقالن کان سواءِ ڪيترا قلمي مسودا ٿرپارڪر جي تاريخ ۽ ادبي تاريخ تي تيار ڪيل آهن.

هن سلسلي ۾ ايم ـ اي سنڌي جي ڪيترن ئي شاگردن کي تحقيقي مونوگراف لکرايائون جن ۾ بزرگ شاعرن جو ڪلام ۽ احوال شامل آهن.

**بحيثيت نقاد:** ـــ سنڌي ادب ۾ "نقاد" جي حيثيت سان پڻ سندن نالو اهم آهي. پاڻ نثر خواه نظم ٻنهي ۾ تنقيد جا جوهر ڏيکاريائون. سنڌي ادب جي دنيا ۾ "جديديت" جي نالي ۾ جيڪا غير مهذب،غير اخلاقي ۽ مذهب دشمني تي ٻڌل تحريڪ هلي، جنهن جا موجد خود هن وقت "پوڙها ڪريسي" جي اصطلاح جي عذاب ۾ آهن، ان جي پاڻ ڀرپور مخالفت ڪيائون. سندن ان وقت جي تصنيف "آزادي جا انگور" هن وقت به صفا سچ ثابت ٿي آهي. جنهن جو اقرار مرحوم اياز قادري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي آخري انٽرويو ۾ ڪيو هئو ۽ شيخ اياز پڻ پنهنجا حياتي جا ڏهه سال امر جليل جي مضمون "اقرار جي شام" مطابق گذاريا ۽ ٻين به ڪيترن يارن پنهنجون واڳون حقيقت جي دنيا ڏانهن واريون.

تنقيد جي حوالي سان معمور صاحب جو تمام گهڻو مواد روزانه "مهراڻ" ۾ ڇپيو. خاص طرح سندن قسطوار مقالو "جديد سنڌي شاعري جو فريب" ٢۴ قسطن ۾ شايع ٿيو. انهيءَ کان علاوه املهه اٽوريا تي تنقيد، الهداد جنجهي کي جوابي تنقيد ۽ ٻيون به ڪيتريون ئي تنقيدون سندن قلم جي موجزن دريا ء مان نروار ٿيون. خاص ڳالهه ته سندن ڪنهن به تنقيد جو جواب شايع ڪونه ٿيو.

**ادبي استاد ۽ شاگرد:** ـ پاڻ شعر ۾ ڪنهن به شاعر کان اصلاح وٺڻ کي عيب نه سمجهندا هئا. مگر پنهنجو باقاعده استاد حضرت گل حسن شاهه مجذوب عمرڪوٽي کي لکندا ۽ چوندا هئا.

ادب ۾ خاص طرح جن شخصيتن کان متاثر رهيا،انهن ۾ مولوي حاجي احمد ملاح، رشيد احمد لاشاري، ڊاڪٽر محمد ابراهيم "خليل" سردار علي شاه ذاڪر، فيض بخشاپوري، قربان علي بگٽي، ۽ پروفيسر عبدالڪريم لغاري خاص آهن.

انهي کان علاوه سندن شروعاتي ادبي ساٿين ۽ دوستن ۾ عبدالڪريم "ڪريم" پلي، راڄ محمد "جمال" پلي، يارمحمد چڱاٽي، عطا سرهندي، محمد خان "مسڪين"، پرواز سروري، مولوي محمد ادريس جوٹيجو، لطف الله حساماٹي، مولوي عبدالرحمٰن جمالي، ميوو خان "موج" ۽ حاجي محمود هالائي شامل آهن.

سنڌي ادب ۾ تحقيق جي حوالي سان ڪيترن ئي تاريخدانن سان سندن تعلقات ويجها رهيا، جن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خانبلوچ، مخدوم طالب المولىٰ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، پروفيسر اسدالله ڀٽو، سيد علي مير شاهه، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، تاج صحرائي، عبدالله ورياهه، فقير بشير احمد لغاري ۽ مير محمد بخش خاص آهن.

سنڌ جا ڪجهه اديب اهڙا به آهن،جن سان ادبي دوستي کان وڌي، مرڻي پرڻي جا تعلقات قائم ٿي ويا، جن ۾ پروفيسر قلندر شاهه،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجرم لغاري، عزيز جعفراڻي، حاجي عنايت الله، ڊاڪٽر عابد لغاري، شيخ محمد سومار ۽ در محمد ڪمال خاص آهن.

اهڙيطرح سندن ادبي شاگردن ۽ احبابن جو وڏو حلقو آهي، جنهن مان چند نالا هتي ڏجن ٿا.

ولي سروري، "وفا" پلي، نياز حساماڻي، صوفي صالح محمد "ناز" سروري، سالڪ سومرو، محرم مجاهد، محمد صالح سائل، بالومل باشا، محمد ابراهيم "ناهيد" راڄڙ، عبدالشڪور "شاڪر" نهڙي، صوفي محمد زمان "مجذوب"، محمد عالم سرور، هرچند راءِ "نثار"، يار محمد "فدا" راڄڙ، قلندر شاهه، مشتاق آريسر، مخمور مهراڻوي، ثاقب آريسر، احمد خان ڪيريو، گل محمد آريو، "صوفي" سڪندر، لياقت جوڻيجو، ديدار حسين شاهه ديدار، سيف الله "خالد"، حليم هاليپوٽو، "عاصي" هڪڙو، مسرور چانڊيو، "مخلص" چانڊيو، "غمدل" سيال، حنيف عاطر، فدا چانڊيو، ساحر چانڊيو، مجاهد چانڊيو، علي محمد چانڊيو، ڪمال اختر، عبدالعليم شاهه "آزاد"، شاهه مردان شاهه، عبدالخالق "آزاد"، اصغر ٽالپر، دين محمد سجاڳ، چام بنگلاڻي، فدا ٿيبو، تاج هاليپوٽو، مشتاق مري، بيتاب مري، سدورو سڪايل، سومر فقير، معصوم رونجهو، پريم "پياسي"، قائم سولنگي، پنهون نهڙي، الههِ رکيو دل، ديدار درس، محمد موسيٰ ڪنيار، جلال ڪوري، رحيم بخش "قمر" لاڪو، قاضي عبدالرحمٰن هاليپوٽو، محمد حسن زاهد، پناهه شاهه ۽ شائق پلي.

**لئبرري ۽ ميوزيم :** — سندن خانداني علمي حوالن سبب وٽن ڪيترائي، بزرگن جا قلمي نسخا ۽ ڇپيل مواد موجود هئو، جنهن ۾ پاڻ اضافو ڪري هڪ مڪمل لئبرري قائم ڪيائون. جيڪا هن وقت به ڪيترن ئي علم جي پياسن جي اڃ اجهائڻ ۾ مصروف آهي. ان کان علاوه پاڻ ثقافتي، تاريخي ۽ سماجي سامان گڏ ڪري "پلي ميوزيم" جو بنياد رکيائون، جيڪو پڻ مڪمل طور سنڀاليل ۽ موجود آهي.

**حج :** — حياتي جي آخري ايامن ۾ ڪين سرڪاري خرچ تي "حج" موڪلڻ لاءِ ڪٺو نڪتو مگر پاڻ سرڪاري خرچ تي "حج"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجڻ قبول نہ ڪيائون.

**وفات:** ـ پاڻ تقريباً ٽي سال بلڊپريشر جي موذي مرض ۾ مبتلا رهيا. تعجب جي ڳالهہ آهي جو بيماري جي تقاضائن جي عين ابتڙ، نہ تہ، سندن طبع ۾ سختي آئي ۽ نہ وري ڪاوڙ ۽ غصو مٿن غالب پيا. پاڻ علالت جون تڪليفون صبر ۽ شڪر سان برداشت ڪندا رهيا ۽ پوين ڪي سندن آخري سفر متعلق اشارا ڏيندا رهيا. ١٨ ڊسمبر ١٩٩٣ع تي فجر مهل مٿن بيهوشي جو دؤرو طاري ٿيو. کين ڄامشورو اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو، جتي ٢۴ ڊسمبر ١٩٩٣ع تي صبح جو ۵ بجہ جمع جي مبارڪ ڏينهن تي پنهنجي جان حقيقي مالڪ جي سپرد ڪيائون.

**اولاد:** ـ پاڻ ہہ شاديون ڪيائون،جن مان کين الله تبارڪ تعالىٰ آٺَ پٽ ۽ پنج نياڻيون عطا ڪيون آهن. سنڌ جي ثقافتي روايتن موجب سندن وڏي فرزند حزب الله "ڪمال" کي "دستار بندي"، ڪرائي ويئي آهي.

**مشغلا :** ـ سندن سموري زندگي جهد مسلسل ۽ ٿتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ جي اصولن پٺاندر گذري، زراعت ۽ باغباني ڪان وٺي، واڍڪو ڏنڊو، ڀهراڙين ۾ نهندڙ لانڍين ۽ چؤنرن جي هنر جا ماهر هئا. مضبوط جسم ۽ سگهہ سبب ڀهراڙي جي اڪثر راندين ۾ حصو وٺندا هئا. علم موسيقي جا پارکو ۽ سمجهندڙ هئا. ساڳئي وقت جفر، رمل، ابجد، پامسٽري، ايسٽرالاجي ۽ علم الحساب جا پڻ ماهر هئا. سندن تدريسي استاد حضرت عبيدالله شيدي مرحوم کين صرف ونحو جا ہہ تمام رموز سمجهايا هئا. علم ادب جي ذوق ۽ درس و تدريس ڪان علاوه پاڻ ڪيترن ئي شاگردن جي تعليم لاءِ نہ صرف علمي بلڪ مالي اعانت پڻ ڪيائون ۽ فين ڪا علاوه ڪپڙن ۽ ڪتابن جو پڻ ذمو کنيائون.

تعليمي درسگاه قائم ڪرڻ ۽ فعال بنائڻ سندن محبوب مشغلو هئو. م ـ د اورينٽل ڪاليج حاجي محمود عالم پلي، هاءِ اسڪول صوفي فقير ۽ سندن ڳوٺ ۾ بوائز ۽ گرلس پرائمري اسڪول سندن ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوششن ۽ تعاون سان وجود ۾ آيا. انهن کان سواءِ ڪيترن مڪتبن ۽ مدرسن سان پڻ سندن مالي ۽ علمي تعاون رهيو. پاڻ بالغن جي تعليم جي سلسلي ۾ به ڪيتريون ڪوششون سر انجام ڏنائون.

**شخصيت:** ـ سندن مزاج ۾ وڏي سهپ ۽ تحمل هئو. سچائي، نماڻائي ۽ نهٺائي سندن رڳ رڳ ۾ رچيل هئي، پاڻ وفادار دوست، دلير ۽ بهادر ساٿي هئا. زماني جي رسم و رواج جو خيال نه ڪندي پاڻ هميشه حق ۽ سچ جو ساٿ ڏنائون، جنهنڪري ڪين ڪوڙن ڪيسن ۽ جيل جي سختين کي به منهن ڏيڻو پيو، مگر فتح هميشه حق جي ٿي.

ڪين حلال روزي ۽ تدريس سان لڳاءُ هئو. جنهن جا سندن زندگي ۾ انيڪ مثال موجود آهن. رشوت، ٺڳي، رياءَ ڪاري کان دور رهيا. گهر ۾ ڪتو اصل ڪونه ڊارڻ ڏيندا هئا. سجاڳ ۽ ذميوار شخص طور پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعليم سان منور ڪيائون. بهترين مقرر هئا، خوش الحان شاعر ۽ ڪامياب استاد هئا.

سندن سيني تعليمي خواهه سماجي خدمتن جو محور "شريعت محمدي" هئو. سندن شخصيت "عشق رسول ﷺ" سان ٽمٽار هئي. جنهن جو مظهر سندن هر تحرير خواهِ عمل ۾ موجود آهي. سچي حياتي ڳوٺ ۾ "عيد نماز" پاڻ پڙهايائون. روزا رکڻ، تاڪيد سان رکائڻ سندن محبوب مشغلو هئو. ڪيترن بزرگن جي درگاهن تي هميشه ويندا هئا،خاص طرح ڀٽ شاهه، گرهوڙ شريف، مننار فقير ۽ صوفي فقير خاص آهن. سچي ڄمار هڪ موحد مجاهد وانگيان گذاريائون. سندن گفتگو ۾ "گار" ۽ "ڪوڙ" کان پرهيز هوندي هئي. عالمانه گفتگو ۽ ڪچهري کي ترجيح ڏيندا هئا. شال رب پاڪ مٿن رحمتن جا ڪکر وسائيندو رهي ۽ کين بهشت جي اعليٰ مقام تي منور ۽ آباد ڪري.

**تصنيفات :** ـ ڪتاب ڇپيل : ١. آڏي ڍال مَ ڍار (نظم) ٢. پکن منجهه پساهه (نظم) ٣. ستا اٿي جاڳ (نظم) ۴. مذهب ۽ تخليقِ ڪائنات (ترجمو ـ نثر) ۵. ست سورهيه ڌهه ڌاتار ـ (نثر)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦. ڏاهر لعم ــ (مثنوي)

**اڻڇپيل ڪتاب :** ــ ١. پنهوارن پچار ٢. گل ۽ ڪنڊا ٣. آزادي جا انگور ۴. نورجهان (ناول) ۵. دنيا دم گذر ٦. مهراڻي جا مور ٧. تحريڪ آزادي ۾ ٿرپارڪر جو حصو ٨. ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي ٩. هي پونگا هي پيٽيون ١٠. ميون قاسم ڪالرو ١١. ڪنگ ويچارو ڪير ١٢. ٿرپارڪر جي تاريخ ١٣. ٿرپارڪر جا ديني درسگاه ١۴. شاهہ جي رسالي جو گرامر ١۵. پيچ ماتي ١٦. شجرا ۽ نسب نامو ١٧. ديوان معمور ١٨. شاه جي ڪلام جون ڇاڙون ١٩. شاه ولي الله جا همعصر ٢٠. ناري سب ڏويزن جو ادبي جائزو ٢١. مير محمد عنصري جو ڪلام ٢٢. لطيف ۽ ٿرپارڪر.

سندن خاص تحقيقي شايع ٿيل مقالن ۾ هيٺيان قابل ذڪر آهن.

١. سانگهڙ ضلعي جو ادبي جائزو ٢. وتايو فقير هڪ يادگار شخصيت ٣. ٿرپارڪر ضلعي ۾ پراڻا پڙا، وهڪرا ۽ ڪنڊر ۴. ڪيڙوــ سرتيون ۽ سئي ۵. شاه جي رسالي ۾ صرفي ۽ نحوي ترڪيبون ٦. شاه جي رسالي ۾ جاگرافيائي اهڃاڻ ـ ٻني ٧. مارئي عمرڪوٽ جي هئي ٨. ديبل ڪان راوڙ تائين ٩. سر ڏاهر جو مطالعو ١٠. سرڪاپائتي جو مطالعو ١١. علامہ اقبال جي ڪلام جو فڪري جائزو. ١٢. سر سارنگ جو مطالعو ١٣. سر سورٺ جو روحاني راز ١۴. مُئي هاٿيءَ مامرو ١۵. سر ڪلياڻ جو مطالعو ١٦. ماڻڪ ۽ سنڌ ١٧. ٿرپارڪر ۽ شاه لطيف، ١٨. آرياڻي اتور وغيره.

سندن ادبي ڪم جي هي محض جهلڪ آهي، ڪنهن ٻي نشست ۾ تفصيلي بحث ڪبو. سندن علمي ڪاوشون سندن وقت جي لڳ ڀڳ سڀني اخبارن رسالن، جريدن ڪانفرنسن جي مجموعن ۽ تحقيقي جرنلن ۾ ڇپبيون رهيون آهن.

اسد جمال پلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٿرپارڪر ضلعي جو تاريخي جائزو

۱۸۴۳ع ۾ انگريزن جيئن سنڌ فتح ڪئي، تہ انتظامي لحاظ کان سڄي سنڌ کي ٽن ضلعن ۾ ورهائي ڇڏيو، جيڪي هئا، شڪارپور ضلعو، ڪراچي ضلعو ۽ حيدرآباد ضلعو. ان وقت ٿرپارڪر ضلعي جي موجوده نهري ايراضي ۽ عمر ڪوٽ ۽ ڇاڇري تعلقن وارو ٿر، حيدرآباد ضلعي ۾ شامل هئا ۽ باقي ايراضي، جيڪا مٺي، ڏيپلي ۽ ننگر پارڪر تعلقن تي ٻڌل هئي، تنهن کي ضلعي جي شڪل ڏيئي، مٿس ”ٿر ۽ پارڪر“ نالو ڌري، ڪڇ جي پوليٽيڪل ايجنٽ جي سنڀال ۾ ڏنو ويو هو. ان وقت ڪڇ جو پوليٽيڪل ايجنٽ ڪئپٽن اسٽئنلي ريڪس هو. جنهن اڳتي هلي انهيءَ ايراضي بابت ”ٿر ۽ پارڪر“ نالي هڪ عمدو ڪتاب لکيو.

۱۸۵۸ع ڌاري ”ٿر ۽ پارڪر“ واري ايراضي ڪڇ کان جدا ڪري، سنڌ جي حيدرآباد ضلعي کان جدا ڪري، ان جو هڪ جدا انتظامي يونٽ ٺاهيو ويو. جنهن کي ”ايسٽرن سنڌ فرنٽيئر“ نالو ڏنو ويو ۽ ان جي سنڀال لاءِ ”پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ“ مقرر ٿيو. جيڪو ”ليفٽيننٽ ڪرنل ٽرائوٽ“ هو. جنهن کي مقامي طرح ”ٽروَٽ“ ڪوٺيو ويو. اهڙي طرح ٻيو پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ، ليفٽيننٽ ڪرنل ”آر.آءِ ڪرافورڊ“ مقرر ٿيو، جنهن جي ايام ڪاريءَ ۾ ۱۸۸۲ع ڌاري، مذڪوره يونٽ کي ضلعي جي حيثيت ملي ۽ ان جو نالو ”ٿرپارڪر“ رکيو ويو ۽ عمر ڪوٽ جو شهر ضلعي جو هيڊڪوارٽر مقرر ٿيو.

انتظام جي لحاظ کان هن سرحدي ضلعي جي سنڀال لاءِ ڊپٽي ڪمشنر مقرر ٿيو. هيءَ ايراضي جڏهن ضلعي جي شڪل ۾ آئي تہ ان وقت منجهس ست تعلقا (عمر ڪوٽ، نارو، سانگهڙ، مٺي، ڇاڇرو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلو، ننگرپارڪر) هئا، جن جون حدون ڪجهہ ہي طرح هيون. اڳتي هلي پٿورو ۽ سنجهورو تعلقا ناهيا ويا. اهڙي طرح هن ضلعي جا نَوَ تعلقا ٿي پيا. ڪجهہ وقت کان پوءِ پٿوري ۽ ناري جي تعلقن واري حيثيت ختم ڪري، سندن ايراضيءَ مان سامارو ۽ کپرو تعلقا ناهيا ويا، جيڪي هن وقت بہ ساڳي شڪل ۾ آهن.

١٨٩٦ع ڌاري حيدرآباد ضلعي جي شهدادپور ۽ ديري محبت تعلقن جا ڪجهہ حصا هن ضلعي کي ڏنا ويا، جيڪي قريبي تعلقن ۾ شامل ڪيا ويا. ١٩٠١ع جي آدمشماريءَ کان پوءِ نئي پنجسالہ رٿا ۾، موجوده ميرپور خاص تعلقي واري ايراضي، جيڪا ميرواه تعلقي ۾ شامل هئي. اها هن ضلعي کي ڏني وئي. اهڙي طرح ١٩٠۴ع ۾، رئيس غلام محمد خان ٻرڳڙيءَ جي ڪوشش سان جيمس آباد تعلقو ٺهيو، جيڪو هن ضلعي جو سڀ کان ننڍو تعلقو آهي.

١٩٠٦ع ۾، ضلعي جو هيڊڪوارٽر عمر ڪوٽ مان منتقل ڪري، ميرپور خاص ۾ آندو ويو جيڪو اڄا تائين بہ قائم آهي. هاڻي هن ضلعي ۾ ١١ تعلقا شامل ٿي ويا.

١٩١١ع ۾ هن ضلعي جي سربراه لاءِ ڊپٽي ڪمشنر جو عهدو ختم ڪري، مٿس ڪليڪٽر مقرر ڪيو ويو ۽ هن ضلعي جو پهريون ڪليڪٽر ”ڊبليو . اين (W.N) هڊسن“ مقرر ٿي آيو.

١٩١٢ع ۾ جڏهن نواب شاهہ ضلعو ٺهيو، تڏهن هن ضلعي جو سنجهورو تعلقو نواب شاهہ کي ڏنو ويو ۽ حيدرآباد جي محال ڊگهڙيءَ کي تعلقي جو درجو ڏيئي، ٿرپارڪر سان شامل ڪيو ويو. اهڙيطرح هن تبديلي ۾ بہ ضلعي جا ”١١“ تعلقا بحال رهيا. جيڪي ٽن سب ڊويزنن ۾ ورهايل هئا. جن مان ميرپور خاص سب ڊويزن ۾، ميرپورخاص، جيمس آباد ۽ ڊگهڙي تعلقو شامل هئا. ناراويلي سب ڊويزن ۾ عمرڪوٽ، کپرو، سامارو ۽ سانگهڙ تعلقا هئا ۽ ٿر سب ڊويزن ۾ مٺي، ڏيپلو، ننگر پارڪر ۽ ڇاڇرو تعلقا هئا.

١٩٥٣ع ۾ جڏهن سانگهڙ ضلعو ٺهيو تہ ناراويلي سب ڊويزن تعلقا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کپرو ۽ سانگھڙ، سانگھڙ ضلعي کي ڏنا ويا ۽ هيءَ سب ڊويزن باقي ٻن تعلقن تي رهجي وئي.

١٩٥٥ع ۾ جڏهن ضلعن جا سربراهہ ڊپٽي ڪمشنر مقرر ٿيا تہ هن ضلعي جو پهريون ڊپٽي ڪمشنر مسٽر انور عادل مقرر ٿيو.

اڳتي هلي، انتظامي لحاظ کان، هن ضلعي کي پنجن سب ڊويزنن ۾ ورهايو ويو. جنهن جو خاڪو هيٺين طرح آهي.

١. ميرپور خاص سب ڊويزن ۾ – ميرپور خاص تعلقو ۽ ميرپور خاص ميونسپالٽي.
٢. نارا ويلي سب ڊويزن ۾ - عمر ڪوٽ ۽ سامارو تعلقا.
٣. ڊگهڙي سب ڊويزن ۾ - ڊگهڙي ۽ ڪوٽ غلام محمد (جيمس آباد) تعلقا.
۴. مٺي سب ڊويزن ۾ - مٺي ۽ ڏيپلو تعلقا.
۵. ڇاڇرو سب ڊويزن ۾ - ڇاڇرو ۽ ننگر پارڪر تعلقا.

هن ضلعي جي ايراضي، جيڪا سنڌ جي ڏکڻ اوڀر واري سرحدي حصي ۾ آهي، اها تاريخي، ثقافتي توڙي جاگرافيائي لحاظ کان نهايت اهم آهي. هتي قديم دور کان آباديءَ جا نشان ملن ٿا، جيڪي قديم وهڪرن جي ڪنارن تي موجود آهن.

هتي قديم دور ۾ وڏا وهڪرا يا ڪن وهڪرن جون جيڪي شاخون وهنديون هيون، انهن ۾ لوٽي، سرسوتي ۽ جمنا جون شاخون، نار، جهول ۽ گهلوءَ جون شاخون ـ واهند، دامن، هاڪڙو، ريٽي، ٻوڏاري، پوراڻ، پينگهارو، ڳونيرو، ميٺي، ڏاڳي ۽ ڊور وغيره ڳڻي سگهجن ٿا. اهي سيئي وهڪرا اوڀر، اوڀر اتر ۽ اتر کان اچي هن ضلعي جي ڌرتيءَ کي آباد ڪندا هئا. جنهن جا آثار ۽ نشان هنڌين ماڳين موجود آهن.

آثار قديمہ جي ڪن ماهرن جو خيال آهي تہ هن خطي جي تهذيب ”موين جي دڙي“ واري تهذيب کان گهڻو پراڻي آهي.

هن ضلعي جي ڏکڻ ۾ ڪريڙ ۽ پڇم وارن علائقن جي لڳ ”ٻنيءَ“ جو علائقو آهي. جنهن کي عام طرح ڏاڏي آدم جي ٻني ڪونيو وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا قديم دور کان، آدم سان نسبت هئڻ سبب، آباد نٿي ڪئي وڃي. ١٩٤٧ع کان اڳ ٻنيءَ جي ايراضيءَ ۾ ڪنهن کي بہ پوک ڪرڻ جي اجازت ڪونہ هئي. اگر ڪو پنهنجي ويڙهي يا گهر ۾ ڪجهہ پوکيندو هو تہ ان لاءِ بہ ڇهہ مهينا جيل جي سزا مقرر هئي.

انهيءَ ڪچ واري ٻنيءَ کان سواءِ، هن ضلعي جي ساماري تعلقي ۾ هيرل واهہ جي ١٣ ميل واري موريءَ جي قريب هڪ ايراضي جو نالو بہ "ڏاڏي آدم جي ٻني" آهي. جنهن لاءِ پڻ ڪافي روايتون مشهور آهن.

ڪچ ۽ سنڌ جون اهي عوامي روايتون ۽ آثار بہ هن خطي جي اهميت وڏائين تا ۽ ثابت تا ڪن تہ هيءَ ايراضي تمام آڳاٽي دور کان آباد رهندي آئي آهي.

ماهرن جي فيصلي موجب ڪنهن بہ آڳاٽي وسايل ۽ نهايت خوشحال علائقي لاءِ ٽن ڳالهين جو هئڻ ضروري آهي. جيڪي آهن، سونهن، سورهيائي ۽ سخاوت. انهن ٽنهي ڳڻن جي دائري ۾ هن ضلعي جي ايراضي ۾ نهاربو تہ اهي ٽيئي ڳڻ هن ڌرتيءَ کي نصيب ٿيا ۽ ٿيندا رهيا آهن.

سنڌ جي مشهور لوڪ ڪهاڻين ۽ لوڪ داستانن جون مکياڻيون. گهڻو ڪري سڀ هن ضلعي سان وابستہ آهن. جن ۾ رپ، سارنگا، مارل، مارئي، سونل، هوٿل، سکر، مهر، ملهي، همون، لِيلان، ليلا، پوري، ڪپوري ۽ نوران گهڻو مشهور آهن.

اهڙي طرح سورهيائي جي سلسلي ۾ هتي جي سورهين پنري بدام، انڙ وير، هوٿي ڄام، رڙمل رانوڙ، ڪارائڙي ڪونڌر ۽ لاکي ڄام کي سنڌ جي سٺن سورهين ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

ٽئي طرف سخاوت ۽ ڏاتارپ تہ ڄڻ هن ضلعي جو ئي ورثو آهي سنڌ جا مشهور ڏاتار ـ انڙ لاکائي، ڏياچ ويرائي، سپڙ چوٿائي، ڄکرو اوڏائي، اونو ڄکرائي، وڪيو پنرائي، ابڙو اگهامائي، ڪرن هموائي هٽند ٿڏيائي، لاکو ڦلائي، راهو سمائي ۽ ٻيا سڀ هن ضلعي جي ڌرتيءَ جا ڏڳ هئا. جن جي سخا، ڏاتارپ ۽ عطا کي نہ رڳو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ ڳايو آهي. پر اجا تائين ڳائجن پيا. اهي سيئي ڳالهيون ۽ آثار بہ هن ضلعي جي تهذيب


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ تمدن کي متاهون ۽ ممتاز ثابت ڪن ٿا.

تاريخي لحاظ کان هن ضلعي جو گهرو مطالعو ڪبو تہ ان جي مختلف ماڳن تي سنڌ جي قديم قومن مارو ۽ مويا جي مارڳ، دراوڙن جا دڳ، ايراني ۽ يوناني قومن جا آثار، موريا گهراڻي جا ماڳ، پارٿين ۽ پرمارن جا پڊ، راٺوڙن ۽ راءِ گهراڻي جون راهون ۽ رستا، برهمن ۽ اوسواڙن جا آثار، سمن سومرن ۽ سوڍن، سينڌلن، چنن، ٻٽين ۽ ٻئن قومن جا رهائشي نشان ضرور ملندا ۽ اهي بہ ايتري قدر گهڻائي سان جو انهن جا رڳو نالا ڳڻائڻ بہ وڏو مسئلو آهي.

هن ضلعي جي آثار ۾ ”داسڙن جو پڙو“، ”ايسوڙي“ ۽ ”نهٽو“ وغيره اهڙا آثار آهن. جن لاءِ گهڻي وقت کان وٺي ماهرن جو اهو خيال رهندو پئي آيو تہ، اهي موين جي دڙي کان پراڻا، نہ تہ بہ ان جا همعمر ضرور آهن.

تازو نهٽي واري دڙي جي متاچري تان ”موين جي دڙي“ وارين مهرن جي ملڻ مان ثابت ٿيو آهي تہ اهي کنڊرات تمام پراڻا آهن.

انهن آثارن کان سواءِ هن ضلعي ۾ ڪاهوءَ جو دڙو، ڏنيءَ جو دڙو، راوت جو دڙو، ڳاڙهو پڙو، پاري ننگر، پاتار، ڪلات جا کنڊر، ڏيئات جا کنڊر، بروئڙ، هميراڻو، کيجڙياري، سماننگر، ٻانيڙائي، ٻانيڙاءِ، کٺهار ۽ ڏهريڙو اهڙا کنڊر آهن، جيڪي ڪنهن بہ حالت ۾ اسلام کان اڳ واري دور جا وسايل ۽ آباد ڪيل آهن.

انهن کنڊرن کان سواءِ هتي ٻيا بہ ڪيئن پراڻا پڊ ملن ٿا. جن جو مختصر خاڪو هيٺين طرح آهي.

جوٽا گڊ، ڪيرٿي گڊ، پارٿين گڊ، ساکي جو گڊ، اونچل ڪوٽ، ڪانڊل ڪوٽ، ڪانجي ڪوٽ، مارل جو ڪوٽ، ڪسل ڪوٽ، وڳهہ ڪوٽ، عمر ڪوٽ، نئون ڪوٽ، مهڙ ڪوٽ، ٻٽو ڪوٽ، ٻرڙائي ڪوٽ، سنڌرن جو پڙو، جسيرل جو پڙو، بودلن جو پڙو، راڻي جو پڙو، دلوراءِ جو پڙو، حمل جو پڙو، ڳاڙهو پڙو، لاليءَ جو پڙو، ٻچٽ جو پڙو، ڪينجهہ جو پڙو، ارٽيءَ جو پڙو، نور علي شاه واري پڙي، سونبور واري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙي، واهوندين واري پڙي، ڳاڙهي پڙي، ڏنيرلو، دڙيلو، پوريلو، ڏيپلو، ٺمونهي، جهڙپي، ڪڏي، گنج گوندي، راڇاري، اڪڙي، راڄيا چانئين، بازاريا، پوڏيسر، جوارياسر، تڳوسر، ٻلهيار، ڳاهيار، اڪڙو، ڪاروڙو، ڪيراهو، پوٽيو، ليوڙ، ٽائونگ، ڏهر، چوٽاڻ، اسلام ڳڙه، فتح ڳڙه، ڪن، شرواه، ٽيڪراء، سينگاريو، سونٽي ۽ ٻيا.

انهن وڏن ڪنڊرن ڪان سواءِ ٻيا ننڍا ننڍا ڪنڊر به تمام گهڻا آهن. جيڪي سيئي قديم تهذيب ڪي سيني ۾ سانديو ستا پيا آهن.

نسلي لحاظ ڪان هتي سنڌ جي قديم رهاڪن ڪان سواءِ ٻاهران آيل ڪيترا نسل پڻ آباد ٿي ويا آهن. جن مان ڪئين قومون ۽ قبيلا نهيا آهن ۽ انهن مان جيڪي ذاتيون وجود ۾ آيون آهن. انهن جو تعداد ايترو آهي جو انهن تي جدا ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي.

هن ضلعي جي ايراضيءَ ۾ ڪيترائي الله لوڪ انسان آرامي آهن. جن جي تعليم ۽ تربيت جو اثر اهو رهيو اهي ته هن ضلعي ۾ هندو توڙي مسلمان پاڻ ۾ پائرن وانگر رهندا پيا اچن. اهوئي سبب آهي جو هي ضلعو قديم دور ڪان امن ۽ آشتيءَ جو گهوارو رهندو آيو آهي.

هن ضلعي جي اها به وڏي خوش نصيبي آهي، جو سنڌ جي عظيم شاعر حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي ١٥ سرن جو جاگرافيائي ماحول هن ئي ضلعي ۾ ملي ٿو.

هي ضلعو قديم دور ڪان بزرگن جي دعائن جو مرڪز رهندو آيو آهي. جن ۾ پٽ ڌٽي ۽ ميون شاه عنات رضوي سيني ڪان پيش پيش آهن.

شال انهن بزرگن جي دعائن جو اثر جاري رهي. آمين

سارنگ سار لهيج الله لڳ اڃين جي،
پاٽي پوج پٽن تي ارزان ان ڪريج،
وطن وسائيج، ته سنگهارن سڪ ٿئي.
(لطيف)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهه عبداللطيف جو ٿرپارڪر جي ايراضيءَ ۾ سير ۽ سفر

## الف:
## (ڪاهوءَ جي پٽ کان ساموئي يا سما ننگر تائين)

سنڌ جي سر زمين تي، قديم دؤر کان اڄ تائين جيڪي صوفي بزرگ، علماء ڪرام، شاعر حضرات ۽ ٻيا مشاهير پيدا ٿيا آهن، تن سڀني ۾ جيڪو مرتبو ۽ مقام حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه کي عطا ٿيو، اهو ٻئي ڪنهن کي بہ حاصل ٿي نہ سگهيو آهي.

ڀٽ ڌڻيءَ جي انهيءَ اتاهين مرتبي، مٿاهين مقام ۽ عظمت جو هڪ سبب، سنڌن اهو اونهون مشاهدو بہ آهي، جيڪو کين سير ۽ سفر جي ذريعي حاصل ٿيو. جنهن ۾ پاڻ نہ فقط قديم دور جي بزرگن جي آستانن تي چلا ڪڍي، روحاني سڪون حاصل ڪيائون ۽ وقت جي بزرگن، عالمن ۽ فقيرن سان ملاقاتون ڪري، قيمتي سبق پرايائون. بلڪ ملڪ جي مکيہ جاگرافيائي هنڌن، تاريخي آثارن، ثقافتي نشانن، ڳهيڙن ۽ پٽڻن، بندرن ۽ بازارين، ڪهاڻين ۽ قصن، ريتين ۽ رسمن، وٽن ۽ ولين، ڳاهن ۽ ٻوٽن، جيتن ۽ جٽين، پکين ۽ جانورن وغيره جو پڻ ڳوڙهو اڀياس ڪيائون. پوءِ انهن جي فطرت ۽ عادتن کي پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ تمثيلن، تشبيهن، استعارن، ڪناين ۽ صنعتن طور ڪم آڻي، ماڻهن کي ڄاتل حقيقتن جي ذريعي حقيقي پيغام کان واقف ڪري ڇڏيائون.

شاه صاحب جي سير ۽ سفر جو سلسلو، سنڌن ننڍپڻ کان شروع ٿيو ۽ آخري عمر تائين جاري رهيو. جنهن ۾ پاڻ نہ رڳو سنڌ جو سير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيائون، بلڪ ٻيو وارن ملڪن جهڙوڪ: ڪيچ، مڪران، ڪڇ، ڪانياواڙ، نيڙ، جوڌپور ۽ جيسلمير وغيره جي ڪن ڀاڱن ۾ به ويا، جن بابت سندن ڪلام ۾ اشارا ۽ اهڃاڻ موجود آهن.

جيئن ته "لطيفي سير" هڪ وڏو ۽ وسيع موضوع آهي. جنهن لاءِ ڪافي ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي. انهيءَ ڪري آئون هتي ان جي بيان جو مڪمل طرح ست نه سارينديس، فقط شاه صاحب جي انهيءَ سفر جو ذڪر ڪندس، جنهن ۾ پاڻ موجوده ٿرپارڪر ضلعي جي ايراضيءَ ۾ مختلف هنڌن جو سير ڪيو هئائون.

حضرت ڀٽ ڌڻيءَ ٿرپارڪر جي ايراضيءَ جو سير، هڪ سفر ۾ يا مختلف سفرن ۾ ڪيو، تنهن بابت ڪو تاريخي ثبوت ڪونه ٿو ملي. پر سندس ڪلام ۾ آيل اشارن ۽ ڪلام جي رنگ ۽ نوعيت مان اهو ٿو ظاهر ٿئي ته پاڻ اهو سفر جواني جي ڏينهن ۾ ڪيو هئائون.

جاگرافيائي مطالعي ۽ تاريخي قرابت مان اهو ٿو پتو پوي ته شاهه صاحب جي دؤر ۾ "ڀٽ شاهه" يا "حالا حويلي" واري ايراضيءَ کان "ٿرپارڪر" تائين پهچڻ لاءِ ٿرپاڪر کان اوڏانهن وڃڻ لاءِ ٻه ٻه رستا هئا، جن جي جاءِ تي هينئر پڪا رستا. ميرپور خاص کان ٽنڊو آدم روڊ ۽ ميرپور خاص کان ٽنڊوالهيار ۽ نصرپور روڊ ٺهي چڪا آهن، جن تي موجوده شهرن جي بجاءِ ٻيا شهر هئا، جيڪي هينئر ڪنڊرن جي شڪل ۾ تبديل ٿي ويل آهن.

لاڪيٽو لطيف، لازمي طرح انهن ٻنهي رستن مان ڪنهن به هڪ رستي کان ٿرپارڪر ضلعي جي "ڪاهو" ۽ "ڪاڪ" جي پٽن تي پهتو هوندو.

"ڪاهوءَ جو پٽ" ميرپور خاص جي موجوده شهر جي اتر طرف آهي، جنهن ايراضيءَ ۾ هڪ قديم دؤر جو "پڙو" پڻ آهي. جنهن کي "ڪاهوءَ جو دڙو" ڪونيو وڃي ٿو. جيڪو اتي پوءِ ڪاهو ڏيري جي رهائش ڪري سندس قديم نالي جي بدران "ڪاهوءَ جو دڙو" سڏجڻ لڳو. ڪاهو ڏيرو سومرا دور جي هڪ سمي سردار "ڄام نندي" جو سالو هو، جيڪو ٻدام جي ايراضيءَ جو رهندڙ هو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪاڪ جو پٽ“ ميرپور خاص جي شهر کان ڏکڻ طرف آهي جنهن تي اهو نالو ”ڪاڪ“ بن انڙ جي رهائش ڪري مشهور ٿيو ۽ اهو ”ڪاڪ“ مال سانگي، سنڌ جي جنهن به حصي ۾ وڃي سڪونت پذير ٿيو، اهو هنڌ ڪاڪ جو پٽ سڏجڻ لڳو. اهڙي طرح اڳتي هلي، اهو ”ڪاڪ“ لفظ ”ڪاڪ“ بڻجي ويو ۽ ڪاڪ جي نالي سان ”بدين“، ”مٺي“، ”کپري“، ”جيسلمير“ ۽ ٻين هنڌن تي ايراضيون، پٽ ۽ ڳوٺ آهن، جيڪي اڄ به انهيءَ پراڻي نالي سان مشهور آهن.

ياد رهي ته انهي ڪاڪ جو پٽ ”راءِ راڏڻ“ مشهور ٿيو، جنهن جو پٽ ”سمون“ ٿيو جنهن جو اولاد ”سمات“ سڏجي، جنهن جون ڪئين شاخون آهن. قديم دؤر کان ڪاڪ ۽ ڪاهوءَ جي ايراضيءَ مان ”پوراڻ“ ندي وهندڙ هئي، جنهن کي گهٽڻ ورن وڪڙن جي ڪري، ڪن مؤرخن ”پورالي“ به سڏيو آهي ۽ پوراڻ جي معنيٰ به ساڳي آهي. جنهن کي هاڻي ”پراڻ“ سڏيو وڃي ٿو. جيڪو اصل ۾ غلط آهي ۽ اديبن جو فرض آهي ته انکي ”پوراڻ“ لکن ۽ پڙهن.

شاه صاحب جنهن دور ۾ انهيءَ سفر تي نڪتو هو، تنهن دور ۾ ”پوراڻ جا پير“ مشهور هئا جن کي ڏسڻ ۽ ساڻن ملاقات ڪرڻ جي خيال کان پاڻ پوراڻ جو ڪنارو وٺي ڏکڻ طرف روانا ٿيا. انهيءَ دور ۾ پوراڻ تي ڪافي پٽڻ ۽ گهيڙ هئا، جن مان ڪاهوءَ جو پٽڻ، ڪاڪ جو پٽڻ، جهلوري جو پٽڻ، واگهريجيءَ جو پٽڻ ۽ آبهاري جو پٽڻ مشهور هئا.

شاه صاحب، انهن پٽڻن ۽ گهيڙن جي ذريعي پوراڻ جي ٻنهي طرفن سير ڪندو، مماتيءَ وارن بزرگن جي مزارن تي فاتحه پڙهندو، حيات بزرگن سان روح رهاڻيون ڪندو ”آبهاري“ جي ايراضيءَ ۾ پهتو، جتي ”درس عثمان ڪاڇيلي“ سان سندس ملاقات ٿي، جيڪو ٻڪريون چاريندو هو ۽ جهنگ ۾ ڏنارن، ٻڪرارن ۽ جهانگين کي درس ڏيندو هو. متواتر روايتن موجب جڏهن شاه صاحب درس عثمان سان ملاقات بعد اڳتي روانو ٿيو ۽ اڳتي ڪنهن فقير کانئس درس عثمان جي باري ۾ پڇيو ته پاڻ فرمايائون ته:


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کپــريــان پـــري ٿـيـــا ، ابـد بـڌائــون،
انـــين وٽ آئـــون، رهـــي آيــــــس راتـــــڙي.

درس عثمان ڪاڇيلو انهن بزرگن مان هو، جنهن سان ٺٽي جي مشهور عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ به ملاقات ڪئي هئي. اها حقيقت هيئن آهي ته انهيءَ دؤر ۾ ٺٽي شهر اندر پوراڻ جي پٽ جي هڪ پوڙهي عورت رهندي هئي، جيڪا هر وقت پوراڻ جي پيرن جي تعريف ڪندي رهندي هئي. ٺٽي جي ڪن ماڻهن کي اها ڳالهه نه وڻي، سو مخدوم محمد هاشم کي وڃي ٻڌايائون، جنهن وڃي ان پوڙهي عورت سان ملاقات ڪئي ۽ پوڙهيءَ جي واتان پوراڻ جي پيرن جي تعريف ٻڌي، مخدوم صاحب شاگردن جي قافلي سان، گهوڙن تي سوار ٿي پوراڻ طرف روانو ٿيو ۽ جڏهن پوراڻ جي قريب پهتو ته اڳين نماز جو ٽائيم ٿي ويو ۽ پاڻي نه ملڻ ڪري، مخدوم صاحب ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ انهيءَ پريشانيءَ واري حالت ۾ اوچتو هن هڪ ٻڪرار ڏٺو، جنهن جي هٿ ۾ پاڻيءَ جي ڪري هئي. مخدوم صاحب ٻڪرار کان پاڻي جو ڏس پڇيو ته ٻڪرار ڏانهس ڪري وڌائي ۽ پاڻي پيئڻ لاءِ چيو. پوءِ مخدوم صاحب ۽ شاگردن ان ڪريءَ مان پاڻي پيتو ۽ وضو ڪيو ۽ وضو جو هاريل پاڻي وهڻ پيتو ۽ ان بعد سيني.گڏجي نماز پڙهي. نماز بعد مخدوم صاحب ان ٻڪرار سان ڪچهري شروع ڪئي، جنهن ۾ ان ٻڪرار مخدوم صاحب کي اهڙا ته علمي ۽ روحاني نڪتا سمجهايا جو پاڻ حيران ٿي زارو زار روئڻ لڳو ۽ پوءِ ان ٻڪرار کانئس اچڻ جو ڪارڻ پڇيو، ته مخدوم صاحب ٻڌايو ته "مونکي پوراڻ جي پيرن سان ملڻو آهي." جنهن تي ٻڪرار چيو ته آئون پوراڻ جي پيرن جو ٻڪرار آهيان ۽ بزرگ اجا اڳتي آهن. اهو ٻڌي مخدوم صاحب شاگردن کي چيو ته "بابا! هلو ته پوئتي هلون، پوراڻ جا پير ڏناسون." مگر ڪن شاگردن چيو ته "نه سائين! هلو ته اڳتي هلون!" انهيءَ تي ان ٻڪرار چيو ته، "بابا اڳتي نه وڃو، پوراڻ جي پيرن مان ڪي بزرگ جلالي طبع وارا به آهن ۽ اهي اوهان جي ٻاراڻي گفتگو کان جي ڪاوڙجي پيا ته پوءِ سئو ڪونه ٿيندو." ان بعد مخدوم صاحب


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاگردن سميت پوئتي موٽيو ۽ ٻڪرار پنهنجي راهه ورتي. اهو ٻڪرار اصل ۾ درس عثمان ڪاڇيلو هو، جنهن سان شاه صاحب اڳي ملاقات ڪئي هئي.

درس عثمان جي رهائش گاهه "آٻهاري" جي پٽ ۾ هئي، جيڪا ڏرتي جيمس آباد جي تعلقي ۾ اچي وڃي ٿي، جتي ئي هينئر سندس مزار آهي.

شاهه صاحب آٻهاري جي سڪونت بعد، پوراڻ جي ڪناري سان اڳتي روانو ٿيو ۽ سير ڪندي "دڙيلي" جي شهر ۾ پهتو هو، جيڪو شهر موجوده "ڪاڇيلي اسٽيشن" جي لڳ، پوراڻ جي ساڄي ۽ کاٻي طرف هو جنهن جا آثار هينئر گهٽي ياڳي بلڊوزرن ۽ ٽريڪٽرن جي نذر ٿي چڪا آهن.

انهيءَ شهر جو قديم نالو "دل لوءِ" هو جنهن کي عرب مؤرخين "دليله يا دهليله" ڪوٺيو، جيڪو اڳتي هلي "دليلو"، "دريلو" ۽ پوءِ "دڙيلو" سڏجڻ ۾ آيو ۽ انگريزن جي حڪومت دوران، جڏهن اتي ريلوي اسٽيشن قائم ڪئي وئي ته انجو نالو به دڙيلو مقرر ٿيو، جيڪو پوءِ ڪنهن سبب ڪاڇيلو جي نالي ۾ تبديل ٿي ويو.

شاه صاحب جنهن دؤر ۾ اتي پهتو هو تنهن دؤر ۾ پوراڻ جي ٻنهي پاسن ڪاڪه جي پٽ کان بدامر تائين دل قوم گهٽائيءَ ۾ هئي، جن مان دڙيلي شهر جو سردار دريا خان دل سيني کان سيرو ۽ وڏو سردار هو، جنهن شاه صاحب جي تمام گهڻي خاطر تواضح ڪئي هئي ۽ شاه صاحب راضي ٿي کيس دعا ڪندي فرمايو هو ته:

دل ته دريا خان، پيا مڙيئي پائٽڙا.

دڙيلي شهر جي وچ ۾ پراڻ جي موڙ کي بلڪل سامهون هڪ دڙي تي قديم دؤر جي هڪ بزرگ سيد سوڊل شاه جي مزار آهي. جتان پراڻ ڏي ڏسندي دل ۾ ايتري ته ڪشش پيدا ٿيندي آهي جو اتان اٿڻ محال ٿي پوندو آهي. سو شاه صاحب جڏهن اتي پهتو ته پراڻ جي انهيءَ گهيڙ جي سونهن کيس اڳتي نه چڏيو ۽ پاڻ اتي ويهي ڪيترا ڏينهن سوڊل شاهه جون مٿيون پريندو رهيو ۽ اتي هڪ چلو به ڪڍيو هئائين جيڪا جاءِ بزرگ جي مزار جي ڏکڻ ۾، پراڻ جي ڪناري سان آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيد سوڍل شاهہ شهيد، سومرا دؤر جو بزرگ هو ۽ پوراڻ جي موڙ وٽ رهندو هو. سندس وار ايڏا تہ ڊگها هوندا هئا، جو انهن جا چيڙا پيرن جي آڱوٺن ۾ ڦاسائي سڌو ٿي بيهندو هو.

جڏهن ان شهر جون پاٽياريون دلا ڪٽي پوراڻ جي انهيءَ گهيڙ تان پاڻي ڀرڻ ايندڙيون هيون تہ انهن جو حسن ڏسي، شاهہ صاحب وجد ۾ اچي ويندو هو ۽ سندس لوڻ لوڻ مان ”سبحانه ـ سبحانه“ جو ورد جاري ٿي ويندو هو.

انهيءَ شهر ۾ سوڍن نڪرن ۽ ڪِن مسلمانن کي شاه صاحب جي اِها روش پسند نہ آئي ۽ هن شاه صاحب کي قتل ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو جيڪو معلوم ٿيڻ تي ..... شاهہ صاحب شهر وارن کي چيو تہ اڄ ئي هي شهر ڇڏي هليا وڃو نہ تہ سڀاڻي هتي زلزلو ايندو ۽ سڄو شهر غرق ٿي ويندو. جنهن تي فقط هڪ ڪنيار اتان لڏي منڊرن جي شهر ڏانهن هليو ويو ۽ ٻيو ڪوبہ ماڻهو ڪونہ نڪتو.

رات جو سوڍن ۽ مسلمانن گڏجي شاه صاحب کي شهيد ڪرايو ۽ صبح جو خطرناڪ زلزلو آيو، جنهن ڪان سڄو شهر ڊهي هڪ دڙي جي شڪل بنجي ويو.

مغل دؤر ۾، جڏهن دل قوم جي ماڻهن اهو شهر ٻيهر اچي آباد ڪيو تہ اهو دلہ لوءِ سڏجڻ لڳو ۽ ڪلهوڙا دؤر ۾ انهيءَ شهر جو سردار دريا خان دل هو، جنهن کي شاه صاحب دعا ڪئي ۽ ڪافي وقت وٽس رهيو هو. جنهن جو مختصر ذڪر مٿي اچي چڪو آهي.

دڙيلي کان پوءِ شاه صاحب ڏکڻ طرف سفر ڪندو آمريءَ جي قبرستان وٽ پهتو، جيڪو قبرستان، سنڌ جي قديم قبرستانن مان هڪ آهي. جنهن ۾ سلطان محمود غزنويءَ جا سپاهي بہ دفن ٿيل آهن تہ پراڻ جا مشهور شاعر ماموئيا فقير بہ آرامي آهن. جن کي ”هفت تن“ بہ ڪوٺيو ويو آهي.

سومرا دؤر ۾ هن قبرستان جي هڪ ڪنڊ ۾، حضرت غوث بهاوالحق ذڪريا ملتاني رحہ چلو اچي ڪڍيو هو ۽ آمريءَ جو وڻ بہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوکيو هو، جنهن تان انهيءَ قبرستان نالو بہ آمريءَ جو قبرستان مشهور ٿيو ۽ پوراڻ جو اهو گهيڙ بہ آمريءَ وارو گهيڙ سڏجڻ ۾ آيو.

اهڙي طرح حضرت غوث بهاؤالحق رحہ جي چلي وارو هنڌ، اڳتي هلي ”سمن صالحن“ جي نالي سان مشهور ٿيو، جنهن جو مطلب آهي، الله وارن نيڪ انسانن جي ملاقات جو هنڌ، جتي مقرر ٽائيم تي يا مقرر ڏينهن تي اهي اچي گڏ ٿيندا هئا.

شاهہ صاحب جي وڏي هم عصر بزرگ ميين شاهہ عنات رضوي رحہ هڪ وائيءَ ۾ آمريءَ جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن جو ٽل هن طرح آهي تہ:

سمن صالحن، توڙان طالبن، اصل آهي آمري،

سو شاه صاحب جڏهن آمريءَ وٽ پهتو ۽ ان بابت تاريخي حقيقتون معلوم ڪيائين تہ آمريءَ سان هن طرح مخاطب ٿيو:

تون ابل سندي آمري، ڪ تون لاکي سندي لال

اهو پڇڻ کان پوءِ، آمريءَ جي پاران پاڻ ئي جواب ڏنائين تہ:

مون ۾ لا کي لعلون پڏيون، آئون لا کي سندي لال،
ابل اچي ڪالهہ، هو مون وٽ مانجهادو ڪيو.

اهڙي طرح آمريءَ جي گهيڙ ڏانهن متوجہ ٿيندي، پوراڻ کان وري هن طرح سوال ڪيائين تہ:

جهوني تون پوراڻ، جڳ ڇتيهہ سنيرين،
تو ڪي ڏٺا هاڻ، لاکي جهڙا پهيڙا ؟

اهو سوال پڇڻ بعد پوراڻ جي پاران جيڪو جوابي بيت ڏنائين، سو هن طرح آهي:

لاکا لکين آئيا، انڙ ڪروڙيون اٺ،
هيم هيڙائو هيڪڙو، آيو هو مون وٽ.

مذڪور بيتن ۾ لاکي ڦلاڻيءَ جو، مهر راڻيءَ سان پرڻجن لاءِ ڪڇ کان جڇ وني اچڻ، پراڻ جي انهيءَ گهيڙ مان لنگهڻ، ڏيج جي ڪپڙن جو پسي پوڻ، انهن کي پوراڻ جي وڻن تي سڪائڻ، وڻن تي سڪايل ڪپڙن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي اوڏائي چئي، اتي ڇڏي ڏيڻ واري واقعي سان ڳنڍ. سومرا دؤر جي مشهور سوداگر سيف الملوڪ جو اتي لهڻ، لاکي جي اوڏائي واري ڳالهه ٻڌڻ ۽ ان جو پوراڻ جي وٽن ڪي زيور پارائڻ واري ڳالهه ڏانهن به اشارو آهي.

اجتماعي طرح مٿين بيتن ۾، سنڌ جي ٽن تاريخي ڪردارن ڏانهن اشارا آهن، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن طرح پنهنجي دؤر جا مشاهير هئا.

لاکو ڦلاڻي ڏهين صدي عيسويءَ جو مشهور سورهيه ۽ ڏاتار هو. ابل سومرو ٻارهين صديءَ جو ”هاٿو“ هو، جنهن جي ڪوٽ جا کنڊر، ٽنڊي الهيار شهر جي اتر ۾ شيخ موسيٰ آهيڊائيءَ جي مقبري لڳ آهن، جيڪو ”ڏولي نرور“ جي داشته ”مومل“ جي ڀيڻ عمر ڪوٽ مان ڪٽي ويو هو، جِتي مومل جي رهائش جا کنڊر، عمرڪوٽ جي ڏکڻ ۾ ميل کن پنڌ تي موجود آهن، جن کي مومل جي ماڙي سڏيو وڃي ٿو.

اهڙي طرح سيف الملوڪ پنهنجي دؤر جو وڏو وڻجارو هو. جنهن جي زال ”بديع الجمال“ سونهن جي راڻي هئي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ برهمڻ آباد جي ظالم حاڪم، دلوراءِ سومري، سيف الملوڪ جا ٻيڙا روڪيا هئا. پر مالڪ جي مهر سان ٻيڙن واري هنڌ وٽان دريا ڦاٽ کائي اچي پوراڻ ۾ پيو هو ۽ روڪيل ٻيڙا صبح تائين دلوراءِ جي حد مان نڪري چڪا هئا.

سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال جون تربتون ۽ محلات جا کنڊر دڙيلي ۽ آمريءَ جي وچ ۾ مندرن جي کنڊرن سامهون پراڻ جي ڪاٻي پاسي جسيرل جي پتڻ لڳ اڄ به موجود آهن. جنهن جي آسپاس، ٿوري ٿوري پنڌ تي ڪيترن ئي بزرگن جون مزارون آهن، جن مان مخدوم ابراهيم ناگوراڻي، سيد لال ڇتي، درويش بابو سڪريي ۽ درس اڄر لوريڙ جو ذڪر مير علي شير ”قانع“ تحفة الڪرام ۾ به ڪيو آهي.

قديم وقت ۾، ٿوڙي شاه صاحب واري دؤر ۾ پوراڻ . درويشن، فقيرن، عالمن ۽ شاعرن کان مشهور هئي. جنهن ڪري ڪيئي بزرگ تمام پري کان ڪهي انهن جي ملاقات ۽ زيارت لاءِ ايندا هئا. جن ۾ ٺٽي جو مشهور عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي به شامل آهي، جيڪو پراڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو پرتوو پسڻ لاءِ نتي ڪان ڪهي آيو هو. جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو آهي. اهڙي طرح ”دشت باران“ جو بزرگ جکرو ننڌوو جيئن هتي آيو تہ وري واپس نہ موٽيو ۽ هميشہ لاءِ پوراڻ جي پيرن جي خدمت ۾ رهيو ۽ سندس مزار بہ پوراڻ جي ڪناري آمريءَ جي قبرستان ۾ آهي.

پوراڻ جا پير هن ضلعي جي ٽن تعلقن ميرپورخاص، جيمس آباد ۽ ڏگهڙيءَ ۾ ڏسجن ٿا، جن کي ”پوراڻ جو پٽ“ سڏيو ويو آهي ۽ شاهه صاحب پوراڻ جي پٽ کي دعا ڪندي فرمايو آهي تہ:

**مونکي کنوڻين خوش ڪيو، جي ڪڪر ۾ ڪاري،**
**وٺا پٽ پوراڻ جا، وٺيون ”ساماري“،**
**لکن کي لطيف چئي، پلر پياري،**
**وڄڙين واري، ڪٽي ڪعبي تي ڪر نائيا.**

حضرت شاهه عبداللطيف رحہ آمريءَ کان اڳتي نڪري ”بادل فقير“ جي آرامگاهہ لڳ ”بالوءَ جي ڪنب“ وٽ پهچي ٿو تہ سامهون ”بدامر“ جو پٽ اچي ٿو، جيڪو جاگرافيائي توڙي تاريخي لحاظ کان مشهور هو. جنهن ۾ سنڌ جي مشهور سورهيہ پونري جي راڄڌاني ”ٻرڙائي ڪوٽ“ جا کنڊر ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي پوراڻ جي پراڻي بزرگ ”جهنڊي پاٽيءَ“ جي مزار کان ڏکڻ طرف ميل کن پنڌ تي آهن.

لاڪيٽي لطيف بدامر جو ذڪر سر سارنگ ۾ اجهو هن طرح ڪيو آهي:

**اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪڍيا برجن سين،**
**ساز، سارنگيون، سرندا، وڄائي برچنگ،**
**صراحيون سارنگ، پلٽيون رات ”بدامر“ تي.**

”پونرو بداماڻي“ نائين صدي عيسويءَ جو مشهور سورهيہ سردار هو، جيڪو نہ رڳو ”بدامر“ جي علائقي ۾ پنهنجي راڄن جي رکوالي ڪندو هو، پر اوڪيءَ ۾ آسپاس وارن کي بہ ”سڏ“ ڏيندو هو. سندس دؤر ۾ ڪنهن بہ پاڙي واري کي ڪا تڪليف پهچندي هئي تہ اهو ڪيس ضرور پڪاريندو هو. جنهن ڳالهہ جي تصديق حضرت پٽ ڌڻيءَ بہ ڪئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن ۾ پونري جي ڪنهن مظلوم پڙوسيءَ جي زبان ۾ فرمايو اٿس تہ:

اڄ گهرجين هت، بداماٽي پونرا !
متان پڳيءَ پت، ويرين واٽون لاٽيون.

*

اڄ گهرجين يار، بداماٽي پونرا !
"ڪاڇي" ٻئي پار، اچي ويرين ويڙهيا.

جام پونرو اهڙو سورهيہ سردار هو جو سندس دؤر ۾ ڪڏهن بہ ائين ڪونہ ٿيو، جو ڪنهن "هاٽي" سندس جوءِ يا آسپاس مان، مال هنيو هجي ۽ پونري نہ ورايو هجي.

پونري جي جرئت، همت، دليري ۽ ڦڙتائي اهڙي تہ مشهور هئي جو "هاٽا" ۽ "لوڙائو" سندس اچڻ جو ٻڌي، هنيل مال ڇڏي ڀڄي ويندا هئا ۽ ڪنهن کي بہ ساڻس مقابلي جي جرئت ڪين ٿيندي هئي

پونري جي پهلواني، جلدائي، بهادري ۽ همت بابت جهانگين ۽ سانگين کان، شاه صاحب جو هڪ "ڏوهو" مليو آهي، جيڪو مذڪور حقيقتن جي تصديق ڪري ٿو:

ڪنڌيءَ مور ڪٽڪيو، وڳن واجهايو،
•بداماٽي پونرو، جو ٻجهي سو آيو.

جاگرافيائي بيهڪ جي لحاظ کان، قديم دؤر ۾ "بدام" جو علائقو اهڙو پٽ هو، جنهن ۾ هاڪڙي ۽ پوراڻ جو پاڻي ريل ڇيل پيو ٿيندو هو، جنهن ڪري ڪونجون ۽ ٻيا پکي گذران خاطر اتي ايندا رهندا هئا. پر "بدام" جا رهاڪو پنهنجي سورهيہ سردار "پونري بداماٽي" جي رکواليءَ ۾ سام سنڀالڻ واري ريت کي ڌيان ۾ رکندي، انهن پکين کي پناهہ ۾ آيل سمجهي، ڪين ذرو بہ ڪين ستائيندا هئا. جنهن ڪري پکي بہ بي ڊپا ۽ غافل ٿيو پيا ڄڳندا هئا.

ڪافي دور کان پوءِ اهڙو زمانو بہ آيو، جو آسپاس جي علائقن مان اهڙا ماڻهو بہ "بدام" ۾ اچي سڪونت پذير ٿيا جيڪي "بدام" جي رکواليءَ واري رواج جي خلاف عمل ڪري انهن پرديسي پکين کي مارڻ لڳا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄام انڙ ڪانپوءِ، ان جو پٽ ”ڄام تماچي“ عرف ڄام سمو حاڪم ٿيو، جنهن جي دؤر ۾ اروڙ وٽان، سنڌونديءَ جو موجوده وهڪرو ڦٽي نڪتو ۽ هاڪڙي جو وهڪرو ڪمزور ٿيڻ لڳو ۽ ماموين جا تاريخي بيت مشهور ٿيا. انهيءَ ڄام تماچي عرف ڄام سمي جو پٽ ”ڄام راهو“ تمام سپوت ساماڻو، جنهن پنهنجي راڄڌانيءَ جون حدون ڏکڻ طرف ”ڪڙير“ ۽ ”پچم“ تائين وڌايون ۽ اتر طرف بدام ۽ ناري جي پٽن تي پڻ قبضو ڪيائين.

”ڄام راهو“ پنهنجي ڏاڏي ”ڄام انڙ“ وانگر وڏو سخي ۽ ڏاتار هو. جنهن جي سخا جو ڏاڪو پري پري تائين پهتل هو. شاهه صاحب ساڻس مخاطب ٿيندي فرمائي ٿو تہ:

راهو تنهنجي ريت، پرڪنديں پڌري،
گهٽا گهوڙين چاڙهيين، مسافر مسيت،
پڇين ڪانہ وڏيت، جي آيا سي اگهيا.

ڄام راهوءَ جي عادت هوندي هئي تہ هو پنهنجا خاص ماڻهو موڪلي رعيت جي خبر چار وني، گهرجائن ۽ ضرورتمندن جي مدد ڪندو هو. انهيءَ ڪري ڪئين فقير ۽ منگتا سدائين ڏانهس پيا ايندا ويندا هئا. جيڪا حقيقت نگاهه ۾ رکندي لاکيڻي لطيف،گهرجائن کي صلاح ڏني آهي تہ:

تڙ تڙ ڪيم ترس، سر نهارج سقرو،
ڏيندئي لک لطيف چئي، راڄ ”راهوءَ“ جي رس،
ولها جنهن ونهيان ڪيا، پاڳ تنهينجي پس،
ڪوڙين لاهي ڪس، جتہ ڳالهائي ڳات ڪٽي.

مطلب تہ راهو اهڙو سخي سردار هو جو سندس سخا جا ڳيت پنج صديون پوءِ ڄام جکري جي دؤر ۾ بہ ڳايا پئي ويا. جنهن حقيقت بابت شاهه صاحب کان بہ گواهي ملي ٿي:

راهوءَ جا رهيام، سنيها سرير ۾،
ٻيا در وسريام، ڏني جادم جکري.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄام راهوءَ کان پوءِ، ان جو پٽ ”ڄام داسڙو“ حاڪم ٿيو، جيڪو پنهنجي دور جو مشهور شخص هو. جنهن جي شهرت جو اهو بہ هڪ ثبوت آهي جو ڪاٺس پوءَ سندس اولاد ”سما“ سڏجڻ جي بدران داسڙا سڏجڻ لڳو.

”ڄام داسڙي“ ناري پٽ ۾ هڪ وڏو قلعو ٺهرايو. جنهن جا ڪنڊر، شادي پلي اسٽيشن لڳ، هڪ پراڻي وهڪري جي ڪناري، اڄ بہ موجود آهن، جن تان قديم دور جون شيون ۽ سڪا پڻ لڀن ٿا.

ڄام داسڙي کان پوءِ، سندس سپوٽ پٽ ڄام چنيسر گاديءَ جو وارث ٿيو، جنهن جو احوال اڳتي ايندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ب:
# بروئي ۽ رپ جي ڪهاڻي ۽ آثار

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه "ساموئي" جي قديم ڪنڊرن جي سير کان فارغ ٿي، "هاڪڙي" جو ڪنارو وٺي، اوڀارو روانو ٿيو ۽ پنج - ڇهه ميل ڏکڻ طرف هلڻ بعد "ٿانور پٽيءَ" جي شهر جي ڪنڊرن وٽ پهتو، جيڪي "ڏگهڙي" تعلقي جي ديهه "جنهاڻ" ۾، فضل ڀنيري اسٽيشن کان ٽي ميل ڪن اوڀر طرف هاڪڙي جي ساڄي ڪپ تي آهن ۽ ڪافي ايراضي والارين ٿا. اتي پهچي شاهه صاحب کي ٿانور پٽيءَ جي اها ڏک ڀري ڪهاڻي معلوم ٿي جنهن ۾ هو، پنهنجي ملڪ ۾ سخت ڏڪار پوڻ واري حالت ۾، روزگار خاطر اهڙي ملڪ ۾ وڃي نڪتو، جنهن ۾ پورهئي تي ايندڙن لاءِ قانون هئو تہ، "ڪي بہ زال مڙس گڏجي اچي نہ رهن."

هن اهو قانون ڏسي پاڻ کي گونگو ۽ ابوجهہ ظاهر ڪيو ۽ زال کي سمجهايائين تہ هوءَ ماڻهن کي ٻڌائي تہ، هي ٻئي پاڻ ۾ ڀاءُ ڀيڻ آهن." جڏهن ٿانور جي زال ماڻهن کي اهو ٻڌايو تہ ساڻس گڏ پورهئي تي آيل سڱدس ڀاءُ آهي، تڏهن کين اتي رهڻ ۽ پورهئي ڪرڻ جي اجازت ملي ۽ هو مختلف هنڌن تي مزدوري ڪندا رهيا.

هڪ رات ٿانور جي زال اداسيءَ جي حالت ۾ ويٺي هئي تہ هن پنهنجي علائقي جي مٿان ڪنوڻ جا تجلا ڏٺا ۽ ڊوڙندي پنهنجي مڙس وٽ آئي ۽ چيائين تہ "هو ڏس ! رب پاڻ تي راضي ٿيو آهي، جو پنهنجي ملڪ مٿان ڪنوڻ پئي ڪِنوي." اهو ٻڌي، ٿانور ورندي ڏني تہ "رب انهن تي راضي ٿيو آهي، جيڪي مجبوريءَ جي حالت ۾ پنهنجن مڙسن کي ڀائر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوٺيو، محنت ۽ مزوري پيون ڪن." لطيف سائينءَ انهيءَ حقيقت طرح اشارو ڪندي، اجهو هيئن فرمايو آهي تہ:

"ٿانور" اتي پَسُ، ڏيهہ ڪنودي "وڃڙي"،
تنين ڪارڻ "وَسُ"، جن "ور" متائي "پائر" ڪيا.

"ٿانور پٽي" سومرا دؤر جو هڪ ننڍو سردار هو، جنهنجي راجائي، ڪجهہ ٿر جي ايراضيءَ ۾ ۽ ڪجهہ هاڪڙي جي ڪناري سان هئي. هن جتي پنهنجو شهر آباد ڪيو هو، اتي اڳ ۾ بہ هڪ پراڻي شهر جا ڪنڊر هئا، جنڪي "بروٽڙ" يا "بروڙ" جا ڪنڊر سڏيو ويندو هو.

حضرت پٽ ڏٺي، جنهن دؤر ۾ اتي آيو هو ان دور ۾، مذڪور ڪنڊرن کي "ٿانور پٽيءَ جو پڙو" ڪوٺڻ سان گڏ "بروٽڙ" جا ڪنڊر بہ سڏيو ويو پئي ۽ اهي ڪنڊر اصل ۾ آڳاٽي دور جي هڪ تاريخي شخصيت "بروٽي" يا "بروڙي" جي آباد ڪيل شهر جا آثار آهن، جيڪي عرب دؤر کان ڪنهن بہ حالت ۾ آڳاٽا چئبا، ڇو تہ محمد بن قاسم "راوڙ" جي فتح بعد "برهمڻ آباد" ڏي موٽندي، "بروٽڙ" جو قلعو بہ فتح ڪيو هو. جنهنکي عرب مؤرخن "بهرور" يا "برور" لکيو آهي. اهي ڪنڊرات اڄ بہ موجود آهن ۽ اتان "منجنيقن" ۾ استعمال ٿيندڙ مٽيءَ جا پڪل ڳولا پڻ لڌا ويا آهن. هن وقت بہ اهي ڪنڊرات بنهي نالن سان سڏجڻ ۾ اچن پيا.

لاڪيٽي لطيف رحہ انهيءَ شهر جي ڪنڊرن گهمڻ دوران، "ٿانور پٽيءَ" جي ڪهاڻيءَ سان گڏ، "بروٽي" جي دل ڏاريندڙ ڪهاڻي بہ ٻڌي، جنهن بعد پاڻ انهيءَ ڪهاڻي جي هيروئن "رپ" جي رهائش گاهہ وارن ڪنڊرن ڏانهن بہ ويو، جيڪي هن وقت جي سروي موجب ٻگهڙي تعلقي جي "ڳوٺيري" تپي ۾ موجود آهن، جنڪي هينئر "ڳاڙهو پڙو" سڏين ٿا ۽ انهيءَ ايراضيءَ واري ديهہ جو نالو بہ "ڳاڙهو پڙو" آهي.

"بروٽي" ۽ "رپ" جي ڪهاڻي، هاڪڙي ۽ پوراڻ جي مشهور ڪهاڻين مان سيني کان پراڻي ڪهاڻي آهي، جيڪا شاهہ صاحب جي دؤر ۾ ملڪ اندر مشهور عام ڪونہ هئي، پر سنڌ جي سڄاڻ ۽ همہ گير شاعر کان ڳجهي رهي نہ سگهي ۽ ان ڪيس پنهنجي ڪلام جي ڇڻن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرن ـ بروئي، رپ، ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ ۾ اشارن سان پيش ڪري، هميشہ لاءِ زنده ڪري ڇڏي آهي.

هتي اهو پڻ عرض ڪندس، تہ سنڌ جو اڪثر عوام، توڙي اديب صاحبان، انهيءَ ڪهاڻيءَ کان واقف ڪونہ آهن، تنهنڪري هتي ان ڪهاڻيءَ جو اختصار ڏيڻ لازمي سمجهان ٿو، تہ جيئن اهي حضرات انهيءَ کان واقف ٿين ۽ ڪين مذڪور سرن جو تاريخي پس منظر توڙي روحاني راز سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

"انهيءَ ڪهاڻي ۾ "بروئو" ۽ "رپ" ڪهاڻي جا مکيہ ڪردار يعني هيرو ۽ هيروئن آهن، جن مان بروئي جي رهائش مذڪور ڪندڙن واري، سندس آباد ڪيل شهر ۾ هئي، جنکي هينئر "بروڙ" سڏيو وڃي ٿو ۽ "رپ" جي رهائش "ٻاڙهي پڙي" واري جاءِ تي هئي، جتي هوءَ پنهنجي پيءُ "ڪلياڻ" سان گڏ رهندي هئي، جيڪو شهر پوراڻ ۽ هاڪڙي جي وچان وهندڙ هڪ قديم وهڪري تي هو.

رپ انهيءَ دؤر جي مشهور حسينہ هئي، جنهنجي حسن جي هاڪ ٻڌي "بروئو" متس پريت عاشق ٿي پيو ۽ هر وقت انجا ئي خواب ڏسڻ ۽ ان جي سونهن کي ساراهڻ ۾ مشغول رهندو هو. هو يارن دوستن جي اڳيان "رپ" جي حسن جي جن لفظن ۾ واکاڻ ڪندو هو، ڀِٽائي رحہ انکي شعر ۾ هن طرح آندو آهي تہ:

صورت سندين سال، پاڻ مصاحب سپرين،
مولا ڏنن منهن ۾، نوري نيڻ نهال،
سنڌي خواب خيال، مون من متوالو ڪيو.

آخر جڏهن "بروئو" بلڪل بيوس ٿي پيو تہ ماڻهو موڪلي "ڪلياڻ" کان "رپ" جي سڱ جي طلب ڪيائين. جنهن تي ڪلياڻ نہ رڳو سڱ کان جواب ڏنو، پر هو "بروئي" جو ڪليو دشمن ٿي بيٺو. اهو انهيءَ ڪري جو، ڪلياڻ جي مقابلي ۾ بروئو ننڍو راجواڙو هو ۽ ان دؤر جي قانون موجب، ذات ۾ بہ ڪلياڻ کان گهٽ هو.

جيئن ئي ڪلياڻ کان "رپ" جي سنگ جو جواب مليو تہ بروئو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غريب ڏاڍو لاچار ٿي پيو ۽ هر وقت لڙڪن جون لارون وهائيندو هلندو هو. هنڪي انهيءَ حال ۾ ڏسي، گهرن دوستن چيس تہ تو جڏهن رب کي ڏنو ٿي ڪونهي تہ پوءِ ان لاءِ هي هيڏو روئڻ پٽڻ ڇو ٿو ڪرين؟ سٺائي انهيءَ ۾ آهي تہ روح راڙهو ڇڏي، اٿي پنهنجي مال ملڪيت ۽ راڄ جي سنڀال ڪر. دوستن جي انهي نصيحت جي جواب ۾ بروئي ڪين جيڪو جواب ڏنو، تنهنکي شاهہ صاحب هن طرح شعر جو روپ ڏنو آهي.

ماڻهو گهرن مال، آئون سڀ ڏينهن گهران سپرين،
دنيا تنهن دوست تان، فدا ڪريان في الحال،
ڪيڙس نام نهال، پسڻ تان پري رهيو.

بروئي جو اهڙو جواب ٻڌي، هڪ دوست کيس مٺي طور جيڪي چيو، تنهنکي لطيف سائين هن طرح ادا ڪيو آهي:

يار سڏائي سيو، جاني زباني،
آهي آساني، ڪم پئي ڪل پوي.

انهيءَ تي بروئي جيڪا کيس ورندي ڏني، تنهن کي لطيف سائين شعر جي روپ هن طرح ڏنو آهي:

جڏهان ڪر تيام، ساڄاءِ سپرين سين،
تڏهان ڪر تر جيترو، وبل نہ وسريام،
اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري.

بروئي جي انهيءَ جواب تي، سندس دوست ٺوڪ طور کيس جيڪي چيو، سو يٽ ڏٽي جي ٻولن ۾ هيئن آهي تہ:

لافون لک هڻن، سيڻن جي سڌ پئي،
ڏسان ڪير وهن، تا پاڙو ڏيئي پرين سين !

مطلب تہ بروئي کي سندس دوستن ۽ عزيزن گهڻيئي سمجهايو ۽ نصيحتون ڪيون، پر ڪنهن بہ اثر ڪونہ ڪيو ۽ هو پنهنجي ارادي تي مضبوط رهيو.

ڪجهہ ڏينهن بعد هو برهہ جي بال کان بيحال ٿي پيو ۽ پرين جي پرتوو پسڻ لاءِ، پنهنجو شهر ڇڏي، رب جي رهائش گاهہ واري شهر ڏانهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هليو ويو تہ من ڪنهن طرح ڪٿان پري کان ئي سندس حسن جو جلوو ڏسي سگهي.

هنڪي رب جي شهر ۾ رلندي ڪافي وقت گذري ويو، پر رب جي سونهن جي هڪ جهلڪ بہ ڏسي نہ سگهيو. هڪ ڏينهن هلندي، هن ڏٺو تہ ڪاسائيءَ جي هٽ تي هڪ نوجوان حسينہ آئي، جنهن کيس گلا ڏيندي چيو تہ، ”ڪالهوڪو گوشت سٺو نہ هئڻ ڪري، شهزاديءَ کي کونہ وڻيو ۽ هوءَ ڏاڍي ناراض ٿي آهي. اڳتي لاءِ جيڪر اهڙو گوشت ڏنئي تہ تنهنجو خير ڪونهي.“

ڪاسائي ويچارو اها ڳالهہ ٻڌي ڏڪي ويو ۽ هٿ ٻڌي معافي بہ ورتائين. جڏهن اها حسينہ موٽي وئي تہ بروئي ان ڪاسائيءَ کان پڇيو تہ اها ڪير آهي؟ ڪاسائيءَ ورائيو تہ اها راجا جي ڌيءَ رب جي خاص ٻانهي آهي ۽ گوشت وٺڻ بہ سندس ذمي آهي. اها ڳالهہ ٻڌي، هو ٿوري دير لاءِ خاموش ٿي ويو ۽ پوءِ ڪاسائيءَ کي چيائين تہ مون کي جيڪر موقعو ڏين تہ آئون ڪجهہ وقت لاءِ تمام سٺو گوشت ڏيئي سگهندس. ڪاسائيءَ اها ڳالهہ قبول ڪئي ۽ فيصلو ٿيو تہ نئون ڪاسائي (بروئو) فقط شهزاديءَ لاءِ ئي سٺو گوشت ڏيندو.

اهو فيصلو ڪرڻ بعد بروئو شهر جي مشهور جراح وٽ ويو ۽ ان کان ”وَڍِ“ سڪائڻ لاءِ ٻورو ۽ دائون وٺي آيو ۽ اهي ڪٺي وجهي، جاءِ اندر وڃي ويٺو ۽ ڪاسائيءَ پنهنجو ڏيرو اتان پٽي وڃي دڪان جي اڳيان لڳايو. ٻئي ڏينهن جڏهن ٻانهي گوشت وٺڻ آئي تہ ڪاسائيءَ ان کي جاءِ ڏانهن وڃڻ جو اشارو ڪيو، جنهنجو در بند هو ۽ فقط هڪ ننڍي دري کليل هئي. ٻانهيءَ انجو سبب پڇيو تہ ڪاسائيءَ ٻڌايو تہ جاءِ اندر نئون ڪاسائي آهي، جيڪو فقط سٺو گوشت وڪرو ڪندو آهي.

ٻانهي دريءَ وٽ بيهي، سٺو گوشت گهريو ۽ بروئي ان کان ٿانءُ وٺي، پنهنجي ران مان گوشت جو ”ڳپل“ وڍي، ننڍا ٽڪرا ڪري ٻانهيءَ کي ڏنو ۽ ”وڍِ“ مٿان ٻورو ڇٽڪاري، دائون مکي مٿان پَٽي ٻڌي ڇڏي.

شهزاديءَ جيئن ئي بروئي جي ران جو رڌل گوشت کاڌو تہ کيس ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڏاڍو سواد حاصل ٿيو ۽ ٻانهيءَ کي تاڪيد ڪيائين تہ روزانو اهڙو گوشت آڻيندي ڪر !

”انساني گوشت“ جو اهو سلسلو ايستائين هلندو رهيو، جيستائين بروئي جي جسم جو ڪمائتو گوشت وڃي ختم ٿيو. گوشت جي خاتمي واري ڏينهن، جڏهن ٻانهي آئي تہ بروئي انڪي گوشت ڏيڻ کان جواب ڏيندي چيو تہ ”اڄ گوشت تڏهن ڏيندس، جڏهن شهزادي خود گوشت وٺڻ ايندي.

ٻانهيءَ اهو ذڪر وڃي شهزاديءَ سان ڪيو ۽ شهزادي ڪاوڙجي محلات مان نڪري، سڌي ڪاسائيءَ جي دڪان تي آئي ۽ اندر ليئو پائي ڏٺائين تہ هڪ شهزادو بيٺو آهي، جنهنجو سڄو جسم پٽين سان ٻڌو پيو آهي.

شهزادي کي پٽين ۾ ويڙهيل ڏسي، هنکي سڄي گوشت جو سمورو راز سمجهہ ۾ اچي ويو ۽ اتي بيهي هنجي جسم کي پيرن کان مٿي تائين جاچي ۽ هنجي اکين ۾ نهارڻ لڳي.

شهزاديءَ کي فڪرات ۾ ڏسي بروئي ڏانهس ڪاتي وڌائيندي، جيڪو عرض ڪيو سو يٽ ڌٽي جي ٻوليءَ ۾ هن طرح آهي:

جانــي منهنجي جيءَ ۾، جي تــو طمع هــوءِ،
وٺ ڪاتي، وڍِ انگڙا، منجهو ادب ڪر نہ ڪوءِ،
پانيان پال سندوءِ، جي ساجن سنئون نهارين!

بروئي جا چيل لفظ ٻڌي، رپ ڏڪي وئي ۽ منهن جو رنگ بہ ڳاڙهو ٿي ويس ۽ پاٺان وڏيڪ گهوري ڏسڻ لڳي، جنهن تي بروئي ڪيس لطيفي لفظن ۾ گويا هيئن چيو تہ:

گهوري ڪڻ مَ سپرين! ڪنيئي تان ڪوڙ،
اهل اکڙين جي، نيئي نباهج توڙ،
مون ۾ عيبن ڪوڙ، تون پاڻ سڄاڻج سپرين.

وڌيڪ هيئن بہ چيائين تہ:

اکيون پرين تنهنجون، ”گهليون“ ۽ گهوڙا“
لاهين نہ لوڙا، جي تو ”هاجي“ هيريون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بروئي جي طرفان، منهن مقابل اهڙيون ڳالهيون ٻڌي، شهزاديءَ کي ڪجهه ڪاوڙ تي ۽ بروئي جي اکين ۾ اکيون کپائي، رعب سان چيائين ته آخر تو ڇا ڏٺو آهي جو هيئن پيو متو هڻين؟

رب جي اهڙي روش ۽ رعب ڏسي بروئي نماڻائي سان ڪيس جيڪا ورائي ڏني، پٽ ڌڻيءَ ان کي شاعريءَ جو روپ ڏيئي هن طرح ظاهر ڪيو آهي ته:

باري توکي بان، عقابيل اکين ۾،
ايو اڳرايون ڪريين، ماڳ هڻيون مستان،
جاني تو زبان، اکين سان ايذا ڪرين !

وڌيڪ هيئن به چيائين ته:

تون صاحبزاده سپرين، آئون نسورو نوڪر،
بيحد ڪربان تو بندگي، هٿ ٻڌي حاضر،
ڇِنَ ڇڏيندس ڪينکي دوست اوهانجو در،
مون تان مهر نظر، پرين لاهه مَ پانهنجي.

بروئي جا اهڙا گفتا ٻڌي، شهزاديءَ جي اکين ۾ وڌيڪ شور پيدا ٿي ويو ۽ هوءَ تهان ئي توجه سان ڏسڻ لڳي.

شهزاديءَ کي تيز نظرن سان نهاريندو ڏسي بروئي جي زبان مان جيڪي الفاظ نڪتا، سي لطيفي زبان ۾ هن طرح آهن:

ڪتان سڪئين سپرين، ڪاسائڪي ڪار ؟
تکي ڪاتي هٿ ڪري، مُڏيءَ سين مَ مار،
چوري چاڪ نهار، سورن سانگهيڙا ڪيا.

اها ورندي ڏيڻ سان گڏوگڏ، هن پنهنجي وڍيل جسم تان ڪجهه پٽيون پري ڪيون جنکي ڏسندي رب کان رڙ نڪري وئي ۽ پڇيائين ته، ”تون ڪير آهين؟“

ورندي مليس ته - ”تنهنجو غلام بروئو !“

بروئي جو نالو ٻڌي رب جي دل ۾ عشق جو اوڙاه مچي ويو ۽ روئندي محلات ڏانهن رواني ٿي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بروئي جو پريت متس عاشق ٿيڻ، ڪلياڻ ڪان سڱ جي گهر ڪرڻ، سڱ ڪان جواب ملڻ ۽ ڪلياڻ جي بروئي سان دشمني وغيره جي ڪيس اڳ خبر هئي ۽ مٿان جو سندس هيءَ قرباني ڏنائين ته دلي طرح هميشه لاءِ سندس بنجي وئي. ٻئي طرف، بروئو جيڪو رپ جو سچو عاشق هو، سو به ڪيس سامهون ڏسي وس ڪان نڪري ويو.

ٿوري دير بعد شهزاديءَ جي ساڳي ٻانهي آئي ۽ بروئي کي زالاڻو لباس پهرائي، شهزادي جي محلات ۾ وني وئي، جتي راجا ڪان لڪ ۾، تمام هوشيار ويجن هٿان ان جو علاج ٿيڻ لڳو ۽ چند ڏينهن ۾ هو بلڪل چڱو ڀلو ٿي ويو.

تندرست ٿيڻ تي، شهزاديءَ هن کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ ٻئي ديوانا جيئن هڪ ٻئي جي آمهون سامهون آيا ته بند بنجي ويا ۽ ايستائين ڪين هوش ڪونه آيو، جيستائين خاص ٻانهيءَ اچي چيو ته، "صبح ٿيڻ وارو آهي." ان بعد ٻانهي بروئي کي زنانو لباس پهرائي، ڪاسائيءَ وٽ ڇڏي آئي، جيڪو هينئر سندن رازدانن مان هو.

چوندا آهن ته "عشق ۽ مشڪ ڳجهو ڪين رهندا" - سو ڪنهن طرح "بروئي" جو فقيراڻي روپ ۾ رهڻ ۽ "رپ" سان ملاقات ڪرڻ وارو راز، راز نه رهيو ۽ اها سڻڪ "ڪلياڻ" جي ڪنن تائين پهچي وئي. هن هڪ طرف "رپ" جي محلات جي آس پاس سخت پهرو رکايو ۽ ٻئي طرف حڪم ڪيو ته شهر ۾ جيڪو به فقير ڏسو ان کي گرفتار ڪري مون وٽ وني اچو.

جيئن ئي فقيرن جي گرفتاري شروع ٿي ته "بروئو" فقيراڻو لباس لاهي، ڪو ٻيو روپ اختيار ڪري، "ڪلياڻ" جي راجڌاني مان نڪري پنهنجي شهر ۾ پهچي ويو.

هينئر هن جون "رپ" سان ملاقات جون سيئي اميدون ختم ٿي چڪيون هيون ۽ مايوسيءَ جي حالت ۾ ڏينهان ڏينهن ڳرندو ويو. آخر وڇوڙي جي اثر ۽ جسماني ڪمزوريءَ جي ڪري، هي بلڪل بي حال ٿي ويو ۽ هر وقت "رپ، رپ" پڪارڻ لڳو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”رپ“ کي ڪنهن طرح بروئي جي انهيءَ حالت جي خبر پئي، تڏهن هن پنهنجو خاص رازدان ڏانهس موڪلي، کيس صبر جي تلقين ڪئي. جيڪا ڳالهه لطيف هن طرح بيان ڪئي آهي ته:

نيهن نهائينءَ جان، ڏکيو ڪوهه نه ڏکيين،
جه جر جيري چڏي، ڪيئن پچندا تان،
سندي ڪنپاران، ڪن ڪريجج ڳالهڙي.

*

نهائينءَ کان نيهن، سک منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.

”رپ“ جو اهو حڪم ٻڌي، هن صبر ته اختيار ڪيو، پر ان صبر هن کي هٽي جهوري وڌو. اهڙي حال ۾ جڏهن هڪ دوست کيس ڏسڻ لاءِ آيو ۽ انهيءَ حالت تي پهچڻ جو سبب پڇيائين ته بروئي کيس ورندي ڏني ته:

ڳالهيون پيٽ ورن ۾، وڏي ونڻ ٿيون،
پرَ سان مون نه ڪيون، گوشي پرين نه گڏيا.

*

جڏهن پوي ٿي ياد، صحبت سپرين جي،
فريادون فرياد، ناگهه وجن نڪريو.

”بروئي“ کي هيٽي ۽ جهيٽي حال ۾ ڏسي، سندس عزيزن ۽ دوستن پروگرام ناهيو ته هن کي، هن علائقي کان پري، ڪنهن ٻئي هنڌ ڏانهن وٺي وڃجي ته شايد هن جي ذهن مان ”رپ“ جو خيال گهٽجي وڃي ۽ سندس طبع سڌري پوي. انهيءَ پروگرام تحت هو کيس سندس ڏورانهن عزيزن ۾ وٺي ويا، جيڪي بروئي جي شهر کان ڏکڻ طرف، ڪافي پري، مهراڻ جي قديم وهڪري جي ”ڏوُر“ نالي شاخ جي ڪناري سان رهندا هئا.

اها خبر جڏهن ”رپ“ کي پهتي ته ان جو حال به خراب ٿي ويو ۽ هوءَ کائڻ پيئڻ ڇڏي لنگهڻ ڪاٽڻ ۽ لڇڻ ڦٿڪڻ لڳي. ”رپ“ جو اهو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حال ڏسي، سندس ماءُ ساڻس تمام گهڻي همدردي ظاهر ڪئي ۽ ڪانئس انهيءَ روج راڙهي ۽ ٻاراڻي جو سبب پڇيو ۽ نصيحت به ڪئي.

”رپ“، جيڪا اڳ ماءُ جي آڏو ڪجهه چوڻ کان هٻڪندي هئي، سا هينئر سڀ حجاب ۽ حيا ڇڏي، ڪيس لطيفي لفظن ۾ پنهنجو حال هيئن ٻڌائڻ لڳي ته:

ڍوليــو وئــڙو ڍؤر، تــي ڌــي ســيءَ گــذاريـــان،
مادر مون م چور، نه ته پڌر پونديس پرينءَ ري،

*

ايــريـا م انــگـور، ســتـي ســپـيـريـن جا،
ڪــايــو ڪــايــو ســور، لــوچــئــو، لــڇيــو اتــيـان !

رپ جو اهو جواب ٻڌي، ماڻس سندس سرتين ۽ سهيلين کي سڏي سمجهائي ڇيو ته اُهي رپ کي انهيءَ ڳالهه تان لاهين. انهي پروگرام تحت جڏهن، ”رپ“ جون سرتيون ۽ سهيليون وٽس آيون ۽ ڪانئس پڇيائون ته آخر توکي ڇا ٿيو آهي، جو ههڙا حال ڪٽي بنايا اٿيئي؟ تڏهن ”رپ“ انهن کي جيڪو جواب ڏنو، سو لطيفي لفظن ۾ هينئن طرح آهي:

ستي سنيرئوم، ڪو ڳرڻ بروبجن جو،
ڪنڌ وهاڻو پنو، هريو هٿ ٿيوم،
سڄڻ ياد پيوم، جاڙ جيان ٿي جيڏيون.

انهيءَ تي سرتين سمجهايس ته جيڪي ٿيو سو ٿيو، هاڻي اها ڳالهه وساري ڇڏ، ته وري ڪو بيو ويچار ڪجي. تنهن تي رپ کين جواب ڏنو ته:

جاءِ نه سڄو ڏينهن، هينئڙو اوني وڳ جيئن،
مون پريان سين نينهن، ڇنڻ ڪارڻ نه ڪيو.

وڌيڪ هينئن به چيائين ته:

جهڙي تهڙي حال سين، پرين نه وسـريـام،
هريا هٿ ٿيام، نيڻـنـئـون نير وهي !

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**لاهـيان جي نـہ چتان، الا ان مرَ وسـران،**
**مڙهيو منجهاران، جيءُ منهنجو جن سين !**

سرتين ۽ سهيلين جي سمجهاڻ ڪان پوءِ، ماڻس مٿس يلغار ڪئي ۽ ڪافي رعب تاب ڪيائين جنهن کي جواب ڏيندي چيائين تہ:

**جهوري، جهڃڻ، جهانءِ، موں جنين جي نہ لهي،**
**آيل ائين مرَ يانءِ، تہ ڪا آئون جيئندي ان ري.**

جڏهن ماءُ جي گهڻين نصيحتن ۽ سهيلين جي سمجهاڻ سان بہ "رپ" ـ "بروئي" جو خيال هڪ لمحي لاءِ ڇڏڻ واسطي تيار نہ ٿي، تہ ماڻس اهو حال "ڪلياڻ" کي ٻڌايو ۽ صلاح بيٺي تہ ڪجهہ وقت لاءِ هتان لڏي پري نڪري هلجي تہ آهستي آهستي، خود بخود "رپ" کان اهي پور پري ٿي ويندا.

اهو فيصلو ڪري، راجا ڪلياڻ، لڪ چپ ۾ لاڙ طرف هليو ويو ۽ اتان پوءِ ٻئن طرفن ڏي وڃي رهيو، پر رپ جي دل مان بروئي جو خيال اصل نہ نڪتو.

"جيئن تڏ تيئن وڌ" وانگر، اهو خيال ايترو وڌيو جو هوءَ هاڻي ڪليءَ طرح بروئي جو نالو وٺي روئڻ رڙڻ لڳي ۽ اها بہ ايتري قدر جو هر هنڌ رپ جو روڄ مشهور ٿي ويو، جنهن ڪان سندس رهائش وارا سيئي هنڌ، رپ جا پڌ" سڏجڻ لڳا اها جوءِ "رپ واري جوءِ" جي نالي سان مشهور ٿي وئي.

ٻئي طرف جڏهن "بروئي" کي خبر پئي تہ "ڪلياڻ" ـ "رپ" کي وٺي ڪيڏانهن ڏور نڪري ويو آهي، تہ هو بيتاب ٿي، موٽي پنهنجي ماڳ آيو ۽ لڪ چپ ۾ ڪلياڻ جي شهر ۾ بہ ويو ۽ پنهنجي دوست ڪاسائيءَ سان بہ مليو، جنهن کيس رپ جي روڄ راڙهي جي خبر ٻڌائي، جيڪا ٻڌڻ سان هو وڌيڪ بيتاب ۽ بيحال ٿي ويو ۽ گهر اچي بستري تي پئجي رهيو. اهڙي حالت ۾ جڏهن سندس يار دوست وٽس ايندا هئا تہ هو پنهنجو حال بيان ڪندي گهٽجي پوندو هو ۽ نيڪ ٿيڻ بعد وري احوال اورڻ شروع ڪندو هو. شاه صاحب سندس انهيءَ حالت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي نگاهه ۾ رکندي، سندس زباني بيان ڪيل حال هن طرح بيان ڪيو آهي:

جڏهان ڪر جاني، سڄڻ سانگ سڌاريا،
راتيان راحت ناهہ ڪا، ڏينهان حيراني،
آئون پنهنجي پرينءَ تان، ڪوڙين قرباني،
رضا رباني، نہ تہ ڪريان وس وصال جا.

هن جو اهو حال ڏسي، جڏهن دوست کيس چيڙائڻ خاطر چوندا هئا تہ، ”تون جنهن لاءِ هيترو فدا آهين، ان تہ توکي پڇيو بہ ڪونہ ۽ چپ چاپ مائٽن سان گڏ هلي وئي!“ تہ دوستن طرفان اهڙين ڳالهين ۽ سوالن جا هو جيڪي جواب ڏيندو هو، تن کي شاهه صاحب، جامع نموني هڪ مصرع ۾ اجهو هيئن پيش ڪيو آهي:

”پروس ٿيم پرياڻ، پرين وس نہ پانهنجي.“

هوڏانهن ”ڪلياڻ“ جڏهن ڏٺو تہ جنهن مقصد لاءِ هن گهر ڇڏي، اچي پرديس وسايو آهي، اُهو تہ حاصل نہ ٿيو، الٽو جتي ڪٿي سندس بدنامي ٿيڻ لڳي، تڏهن مائٽ ميٽ ۾ موٽي وطن آيو ۽ اچي پنهنجو راڄ سنڀاليائين. ظاهري طرح، رب جي طرف کان پهرو هئائي ڇڏيائين پر مخفي طرح تمام گهڻا جاسوس پکيڙي ڇڏيائين تہ اهي ڪنهن بہ طرح بروئي کي هتي اچڻ تي گرفتار ڪري حاضر ڪن. ڪلياڻ جي موٽي اچڻ جي جڏهن بروئي کي خبر پئي تہ هو بنا دير جي لڪ ڇپ ۾، ڪلياڻ جي شهر ۾ پهچي ويو ۽ سر تان آهو ڪٿي ڏينهن ڏني جو سڌو رب جي محلات ۾، رب وٽ پهچي ويو. رب کي جيئرو جاڳندو سامهون بيٺل ڏسي، هن جيڪي الفاظ چيا، شاهہ صاحب انهن کي شعر جو روپ هن طرح ڏنو آهي:

شڪر گڏياسون سپرين، جيئري جانب يار،
ويٺي جنين وٽ ۾، ڪوڙي ٿيا قرار،
ڏٺيم، ڪر مَ ڏار، پاڙو تن پرين سين!

هي اچا گڏجي مس ويٺا تہ جاسوسن کي خبر پئجي وئي، انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪدم هڪ ڏوتي اندر موڪلي، جنهن ٻنهي کي گڏ ويٺل ڏسي، هڪدم وڃي ڪلياڻ کي ٻڌايو، جيڪو بنا دير جي اگهاڙي ترار کڻي، رپ جي محلات ڏانهن آيو ۽ ڏٺائين تہ رپ ۽ بروئو ٻئي، هڪ ٻئي جي سامهون اکين ۾ اکيون ملايو ويٺا آهن ۽ هڪ ٻئي کي ڏسڻ ۾ ايترو تہ مدهوش آهن، جو ٻئي ڪنهن جي اچڻ جو احساس نہ اٿن. اهڙي حالت ۾، هن ٿورو سوچي، بروئي کي قيد ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ان بعد پنهنجن خاص مشيرن جي ڪيل فيصلي موجب هن کي رپ جي روبرو قتل ڪري ڇڏيائين.

هن جي انهيءَ قتل جو اهو مقصد هئو تہ، رپ، بروئي کي روبرو مرندو ڏسي، آخر نيث ان جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏيندي ۽ حالت سڌرڻ تي سندس شادي ڪرائي ڇڏبي، مگر انهيءَ قتل سان بہ ڪلياڻ جو مقصد حل نہ ٿيو، ۽ الٽو قصو اڳوڻي کان بہ اڳتي نڪري ويو. بروئي جي انهيءَ بي دردانہ قتل تي، رپ اهڙو تہ روڄ ڪيو ۽ پار ڪديا جو نہ رڳو ڪلياڻ جي گهر وارا، پر سڄو راڄ پريشان ٿي ويو.

ڀٽ ڌڻيءَ، رپ جي انهن اوسارن کي، اجهو هن طرح شاعريءَ جو روپ ڏنو آهي:

لڪئي لامون ڪوڙيون، نيٽين وهي نير،
هينئڙا ٿيءُ سڌير، ڪالهہ قريبن لڏيو!

*

جيئن سي ڪوهي نار، وهن واريءَ گاڏئان،
هينئڙو پريان ڌار، نبيريان، نہ نبري!

*

جهڃي جهانڪاري، مان نہ اڃهي مون هيين،
سڄڻ سي ساري، هو جنين جو هيرئون!

*

گوندر ڪيو غرق، ماء منهنجو جندڙو،
ڏکوين مرڪ، متي سگر پنڌڙو!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخر جڏهن رب کي آهون دانهون ڪندي گهڻو وقت گذري ويو، تہ ڪيس خود بخود اهو خيال پيدا ٿيو تہ هاڻي صبر سان رهجي. سندس اهو حال پٽ ڌڻيءَ هيئن بيان ڪيو آهي:

پڌر وجهہ مَ پريبنءَ ري، ڳُڙهڻہ مَ، ڳجهو روءُ،
سورن سيُر هوءُ، هينئڙا ڪم ڪٺن جيئن.

هن کي ماٺ ۾ ڏسي، سندس مائٽن اندازو لڳايو تہ هوءَ هاڻي ڪجهہ نيڪ آهي، سو ان کي وڌيڪ نيڪ بنائڻ جي خيال سان شاهي ويج کي علاج لاءِ مقرر ڪيائين، جنهن هن کي نشترين، پوين ۽ ڦڪين ڦڪين جي ذريعي ڏاڍو تنگ ڪيو، جنهن ڪان تنگ ٿي، جيڪي چيائين، سو لطيفي لفظن ۾ هن ريت آهي:

تن طبيب نہ تون، سڌ نہ لهين سور جي،
ساندِ پنهنجا ڏيڙا، ڪڏ ڪٽي ۾ پون،
ڪانہ گهرجي مون، حياتي هوتن ريءَ.

واقعي هن جي پنهنجي هوت ڪان سواءِ حياتي بچي نہ سگهي ۽ هوءَ ويچاري پنهنجي سڄڻ کي سارينديي هن دنيا مان هلي وئي ۽ سندس سچي محبت جي ڪهاڻي باقي رهجي وئي.

رب جو نالو اڄ بہ زنده آهي ۽ سندس نالي سان هن وقت بہ تعلقي جيمس آباد جي "ڪڙيي پير" تپي ۾ بہ ديهون موجود آهن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ج:

# ”بروئڙ کان ليئور يا ليار تائين“

لاکيڻو لطيف، ”بروئڙ“ جا کنڊر ڏسڻ، ”بروئي“ ۽ ”رپ“ جي کھائيءَ کان واقف ٿيڻ بعد، ”هاڪڙي“ جو پٽُ وارو پاسو وٺي، اتر طرف روانو ٿيو. چند ميل اڳتي هلڻ کان پوءِ، هاڪڙي جي ”بانڪل واري گهيڙ“ مان اڪري، ساڄي پاسي کان اتر طرف هلندو، مهراڻي جي ايراضيءَ جي ٿئين مشهور شهر ”نوهٽي“ جي کنڊرن وٽ پهتو، جتي عربن جي آخري دؤر کان سومرن جي ابتدائي دؤر تائين، ”رانوڙن“ جي سرداري هئي.

رانوڙ قوم جي سونهن ملڪان ملڪ مشهور هئي ۽ هن قوم جي مختلف خاندانن مان نهايت حسين عورتون ٿي گذريون آهن، جن مان سيني کان سرس ۽ ”سونهن جي ديوي“ - ”مهر“ هئي، جنهن جي حسن جي هاڪ ٻڌي“ ڪئين پروانا ۽ پرستار پيدا ٿي پيا، جن کي ٽارڻ لاءِ، ”شهزادي مهر“، تمام اڙانگا شرط پيش ڪري، اعلان ڪيو ته، ”جيڪو به اهي شرط پورا ڪندو آئون ان سان ئي شادي ڪنديس.“

آخرڪار اهي شرط سنڌ جي مشهور سورهيه ۽ ڏاتار ”لاکي ڦلاڻي“ پورا ڪيا ۽ ”مهر“ کي مسلمان ڪيائين، جنهن کان پوءِ ”شهزادي مهر“، ”مهر راڻي“ سڏجڻ لڳي.

”لاکو ڦلاڻي“ انهيءَ دؤر ۾ پنهنجي ساٿين ”جسي“ ۽ ”جسراج“ جو وير ونڻ لاءِ، سورهين جي ساٿ سان، ميدان تي نڪري چڪو هو. هن جو هڪ پير ڪڇ ۾ هو ته ٻيو سنڌ ۾، ۽ هن پنهنجن دشمنن تي اهڙي ته تيزيءَ ۽ ڦڙتائيءَ سان حملا ٿي ڪيا، جو ”ڪڇ وارن“ سمجهيو ٿي ته، هو سنڌ کان ٿو اچي ۽ ”سنڌ وارن“ ڄاتو ٿي ته هو ڪڇ مان ٿو ڪاهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"لاکي" جي ڏوُر ۾ ڪڇ جو "راجا ڪنگھار" هو، جيڪو هڪ وڏي مالدار ۽ نهايت حسين "رٻارڻ" جو شيدائي هو ۽ ان جو جائز خواه ناجائز حڪم مڃڻ کان انڪار نہ ڪندو هو.

راجا کي ايترو جهڪيل ڏسي، "رٻارين" جو من وڏي ويو ۽ هو ڏاڍايون ڪرڻ لڳا، جن ۾ هڪ ڏاڍائي اها بہ هئي، جو هنن، لاکي جي ٻن ساٿين "جسي" ۽ "جسراج" کي بيگناه ماري وڌو هو. ٻئي طرف لاکي جڏهن اها دانهن "راءِ ڪنگھار" کي ڏني تہ هن الٽو لاکي کي ڏوهاري ٺهرايو ۽ رٻارين جي حمايت ڪيائين، جنهن تي مجبور ٿي لاکي کي "لوڙائو" ڇڏڻو پيو ۽ پٽ ڏٺي انهيءَ حقيقت ڏانهن اجهو هيئن اشارو ڪيو آهي تہ:

پڇٺا پلي پير، وڌو راءِ رڪاب ۾،
ڪيچ رهندو ڪير ؟ لاکو لوڙائن سين.

*

پڇٺا پلي نگٺو، ڏيئي پاگوڙي پير،
"جسي" ۽ "جسراج" جو، متي وانديں وير،
ڪيچ رهندو ڪير ؟ لاکو "لوڙائو" ٿيو! (سر ڏهر)

لاکو جڏهن لوڙائو ڇڏي نڪتو هو، تڏهن اهو اعلان ڪيو هئائين تہ جيسين پنهنجي دشمن "رٻارين" کي بلڪل ختم نہ ڪندس، تيسين "پيچ" ڏي موٽي نہ ايندس. شاديءَ کان پوءِ هن "مهر راڻيءَ" جي خاطر "نوهٽي" جي لڳ ڀاڪڙي جي ڪاهي ڪپ تي "تنبو" ۽ "راڻيٽيون" هٽي، عارضي رهائش اختيار ڪئي هئي، جتي راڻيءَ لاءِ سيڪا سهولت موجود هئي ۽ راءِ لاکو، جنهن جو گھڻو وقت "هاٽائپ" ۾ گذرندو هو، سو بہ موقعو ملندي، مهر وٽ پهچي ويندو هو.

هڪ دفعي، ساٿين کي، ڪنهن ويجهي منزل ڇڏي، پاڻ اڌ رات مهل، جيئن پنهنجي تنبوءَ ۾ داخل ٿيو تہ، مهر کي هڪ نوڪر جي هنج ۾ ويٺل ڏٺائين ۽ هڪدم ترار مياڻ مان ڪڍي اڳتي وڌيو تہ، مهر پوتيءَ جو پاند وجهي، عرض ڪيو تہ "سردار ! بخش ڪر، جيئندان ڏي، ڏاتار ! پنهنجي مهر تي ڪا مهر ڪر!"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهر جو عرض ٻڌي لاکو بيهي رهيو ۽ ترار مياڻ ۾ وجهي، چيائين ته "مهر! آئون ڏاتار آهيان ۽ ڏاتار لاءِ اهو لازمي آهي ته هو ڪنهن به سائل جو ڪهڙو به سوال پورو ڪري. تو مونکي جيڪو سوال ڪيو، مون اهو قبول ڪيو، ۽ مون تنهنجو، نه بخشڻ جهڙو ڏوهه معاف ڪري ڇڏيو آهي: . پر آئون توکي رڳو اها ميار ڏيندس ته، "تو لاکي جهڙي ور کي وساري، هڪ معمولي نوڪر سان دل ڳنڍي، پاڻ کي آسمان تان ڪيرائي وڌو آهي."

لاکي جي انهيءَ ميار کي لاکيڻي لطيف، پنهنجي لفظن ۾ اجهو هيئن بيان ڪيو آهي:

"ور" سين وجهيوڪاڻ، "ڪر" سين "ڪيلون" پائين،
پوري "منڊ" اڇاڻ، "ڪڻ" ڇڏيو، "تهه" ميڙين!
(سر ڏهر)

مهر کي ڏوهه بخش ڪري، لاکو انهيءَ مهل پوئتي موٽيو ۽ اچي پنهنجي سائين سان مليو ۽ ان ئي وقت اتان کان ڪوچ ڪيائين ۽ پنهنجي ڪرت کي لڳي ويا.

ڪافي وقت گذري ويو، پر لاکو، مهر ڏي موٽي نه آيو، تڏهن مهر لاچار ٿي، ڏانهس قاصد موڪليو. جنهن مهر جي طرفان•ڪيل آزيون، نيازيون ۽ ليلائيون اچي پيش ڪيون.

لطيف سائين، مهر راڻي جي "لولاٽن" کي شعر جي شڪل ڏيندي، اهو هن طرح فرمايو آهي:

مَ ڪر "ڍول" ڍلو، ناتو نماڻيءَ سين،
ڪونهي ڪميڻيءَ جو بگر تو ڀلو،
تنهنجو نان نلو، ونيو وڃي آهيان.

*

ڪر ڪو ڀيرو ڪانڌ، نماڻيءَ جي نجهري،
پرين تنهنجي پانڌ، ڍولا ڍڪي آهيان.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تون قائم، ڪانڌ، تہ آئون ور ولهي نہ ٿيان،
پڪي چنان پانڌ، ڳنڍي نہ ڇاڻي ڪو پيو.
(سر ڍهر)

مهر راڻيءَ جون آزيون ۽ نيزاريون قبول پيون ۽ سردار لاکو، موٽي وٽس آيو ۽ ڪيس اهڙو تہ پيار ۽ قرب ڏنائين، جو هوءَ هر وقت، هڪ جيڏين سان پنهنجي ور جي واکاڻ ۾ رڌل رهندي هئي، شاه سائين بہ سندس ترجماني ڪرڻ تي مجبور ٿي پيو ۽ مهر جي زبان ۾ فرمايائين تہ:

ڪانڌ ٻئن ڪيترا، مون ور وڏي وٽ،
مٿان ڏيئي هٿ، جنهن عيب منهنجا ڍڪيا.

*

ڪانڌ ٻئن ڪيترا، مون ور وڏي جوءِ،
لوڪ نہ آڇي اوءِ، جي ڏسي ڏوهہ اکين سين.

*

ڪانڌ ٻئن ڪيترا، مون ور وڏيءَ ذات،
لوڪ نہ آڇي وات، جي ڏسي ڏوهہ اکين سين.

*

ڪانڌ ٻئن ڪيترا، مون ور وڏيءَ ڪانڌ،
پاٿا ڍڪي پانڌ، جي ڏسي ڏوهہ اکين سين.
(سر ڍهر)

لاکي جي عادت هوندي هئي تہ هو جڏهن بہ سفر تان موٽي مهر وٽ ايندو هو تہ مهر کي ڏاج ۾ مليل مڱڻهار کان ڪماچ تي راڳ ٻڌندو هو ۽ کيس دل گهريو انعام ڏيندو هو. هڪ دفعي مڱڻهار جي راڳ کان ايترو تہ خوش ٿيو جو کيس چيائين تہ، ”اڄ جيڪي گهرڻو اٿئي، سو گهر !“

مڱڻهار ويچارو منجهي پيو تہ آخر ڇا گهري؟ اڻ گهوڙا تہ اڳيئي کيس اڻ گهريا بہ ملن پيا. مڱڻهار کي اوٺو جهولو ڏسي، ”مهر راڻي“ متس قياس ڪري، پنهنجي قيمتي هار ڏانهن اشارو ڪندي، چيو تہ اهو گهر! ڪجهہ وقت بعد لاکي ڪنڌ مٿي ڪري، مڱڻهار کان سندس مرضي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلوم ڪئي تہ مڱڻهار اڳر سان "مهر" جي ڪنڌ ۾ پيل هار ڏانهن اشارو ڪيو ۽ لاڪي سمجهيو تہ اهو اشارو مهر ڏانهن آهي ۽ مڱڻهار مون کان "مهر" تو گهري ۽ شايد "مهر" جي بہ اها مرضي آهي، سو هڪدم اٿي ڪڙو ٿيو ۽ مڱڻهار کي چيائين، تہ "مون مهر توکي ڏني، اڄ کانپوءِ مون تي اها حرام آهي."

لاڪي جا اها الفاظ ٻڌي، مڱڻهار عرض ڪيو تہ، سردار "مون تہ هار گهريو هو، "مهر" تہ منهنجي ماءُ آهي، آئون ان کي ڇا ڪريان ؟ پر" لاڪي چيو تہ، بس! هاڻي جيڪي ٿيڻو هو، اهو ٿي ويو. پوءِ انهيءَ مهل ٿي لاڪو پنهنجي ساٿ سان اتان هليو ويو ۽ "مهر" مڱڻهار وٽ رهجي وئي.

اها خبر آخر "مهر" جي مائٽن کي بہ پهتي، جيڪي هن کي وٺڻ آيا، پر "مهر" هلڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ آئون ڏاتار، "لاڪي ڦلاڻيءَ" جي لڄ آهيان ۽ ان جا ڪک ڇڏي، ٻئي هنڌ هرگز نہ هلنديس. ان کان پوءِ "مهر" حاڪماڻو لباس لاهي ڇڏيو ۽ غريباڻو لباس پهري اتي ئي هڪ ڪکائين جهوپڙي نهرائي ان ۾ رهڻ لڳي ۽ اهو ماڻتاڻو مڱڻهار سندس سار سنڀال لهندو رهيو.

ڪافي سالن کانپوءِ لاڪو ڦلاڻي، ڪنهن مهم تان موٽندي، نوهٽي جي ويجهو اچي مٿيو. ڪيس سخت اڃ لڳل هئي، سو نوڪر کي چيائين تہ ڪٿان پاڻي وني اچ. ۽ پاڻ گهوڙي تان لهي هڪ وڻ هيٺ ويهي رهيو.

نوڪر، پاڻيءَ جي تلاش ۾ هلندو اچي "مهر" جي جهوپڙيءَ تائين پهتو ۽ جهوپڙيءَ ۾ هڪ پوڙهي ۽ ڪمزور عورت کي ويٺل ڏسي، کانئس پاڻي گهريائين. عورت کيس پاڻيءَ جو وٽو ڀري ڏنو، جيڪو سمورو هي پي ويو ۽ کانئس ٻيو پاڻي پنهنجي سردار لاءِ گهريائين، جنهن تي عورت پڇيس تہ تنهنجو سردار ڪير آهي؟ نوڪر جواب ڏنو تہ "سورهيہ لاکو ڦلاڻي." لاڪي جو نالو ٻڌي وٽو عورت جي هٿ مان ڪري پيو، پر وري هڪدم پاڻ سنڀالي ورتائين ۽ وٽو پاڻيءَ سا ڀري اُن ۾ سنها ڪک وجهي ڏنائين تہ وڃي سردار کي ڏي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوڪر جيئن لاکي وٽ پهچي، ڪيس پاڻي جو وٽو هٿ ۾ ڏنو تہ لاکي هڪدم ڪٽي چپن تي رکيو، پر ڪکن جي ڪري هبڪي ويو ۽ پوءِ آهستي آهستي ڪک ڪڍندو، پاڻي پيئندو ويو. جڏهن سامت ۾ آيو تہ نوڪر کان پڇيائين تہ ڪک پاڻيءَ ۾ ڪنهن وڌا آهن؟ نوڪر ڪيس سموري حقيقت ٻڌائي ۽ لاکو ان مهل پروڙي ويو تہ اها "مهر" ئي آهي. سو نوڪر کي وٽو هٿ ۾ ڏيندي چيائين تہ هي وٽو ان عورت کي ڏيئي اچ ! ۽ چوينس تہ "مهر ! اچا پئي جيين!"

نوڪر وٽو کڻي، مهر وٽ پهتو ۽ کيس لاکي جو نياپو اچي ڏنائين، جيڪو ٻڌڻ سان، مهر رڙ ڪري اتي ڪري پئي ۽ سندس روح پرواز ڪري ويو.

نوڪر اها خبر وڃي لاکي کي ٻڌائي جيڪو ڊوڙندو اتي پهتو ۽ مهر جو لاش هنج ۾ کڻي ويهي روئڻ لڳو. ايتري ۾ مهر جو خدمتگار مڱڻهار بہ پهچي ويو، جيڪو اها حالت ڏسي بي حال ٿي ويو ۽ سرت ۾ اچڻ تي مهر جي زندگيءَ جو سمورو احوال لاکي کي ٻڌايائين. پوءِ ٻنهي ڄڻن گڏجي مهر جي غسل ۽ ڪفن جو بندوبست ڪري، کيس اتي ئي دفن ڪيو، جتي پوءِ ٻيا ماڻهو بہ دفن ڪيا ويا ۽ اتي هڪ وڏو قبرستان بنجي ويو، جنهن کي اڄ بہ "مهر جو قبرستان" سڏيو وڃي ٿو ۽ انهيءَ قبرستان جي پر واري ڏهر کي "مهر جو ڏهر" ڪوٺيو وڃي ٿو.

چون ٿا تہ انهيءَ واقعي جو لاکي جي دل تي اهڙو اثر ٿيو جو هن، ان ڏينهن کانپوءِ لوڙيون هڻڻ بلڪل ڇڏي ڏنيون، جنهن جي گواهي شاهہ صاحب کان پڻ ملي ٿي تہ:

لاکي لوڙيون ڇڏيون، سرها ٿيا سنگهار،
چوٽاٽي چوڏار، وان ڊيون وس چرنديون.
(سر ڏهر)

لاکي ۽ مهر جي انهي واقعي کي ڌيان ۾ رکندي وقت جي ڪنهن سڄاڻ سگهڙ هيئن بہ چئي ڇڏيو تہ:


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاکو ڦلاڻي، ڪچو ڪچاڻي،
جنهن ڪري ٻاراڻي، چڙي مهر راڻي.

سگهڙ جي اها چوڻي، اڄ به ماڻهن کي ياد آهي ۽ ياد رهندي.

لاکو جيتوڻيڪ سورهيه سردار، سخي ۽ ڏاتار هو، تہ بہ سياڻن سنڌس ”مهر“ کي چڙي وڃڻ واري عمل کي سٺو ڪونہ سڏيو آهي ۽ نندينداآيا آهن.

”مهر“ جي وفات کا پوءِ بہ ”نوهٽي“ تي سنڌس مائٽن جي سرداري ڪافي وقت تائين رهي، جن مان ڪافي ناليرا حاڪم پڻ ٿي گذريا آهن، جن جو اثر، نوهٽي واري ايراضيءَ کانسواءِ، اتر طرف، ”ناري“، ”ڪاٺڙ“ ۽ ”ڏڻن“ تائين هو ۽ ڏکڻ طرف ”بدام“، ”ونگي“ ۽ آسپاس تائين بہ رهيو، جنهن جا آثار ڪمزور حالت ۾ اڄ بہ موجود آهن.

سومرن جي شروع دؤر ۾، نوهٽي راڻوڙ بن گروپن ۾ ورهائجي ويا، جن مان هڪ گروپ ”جهانيري“، ”سيڙي“ ۽ ”ڪيجڙياريءَ“ کان ٿيندو، ”چوڙ“ جي قريب پنهنجو ڪوٽ اڏي وڃي رهيو، جيڪو ”ڪسل ڪوٽ“ جي نالي سان مشهور ٿيو، جنهن جا آثار ”اڪيراج نڪر“ جي ڳوٺ لڳ موجود آهن.

”ڪسل ڪوٽ“ کانپوءِ انهن راڻوڙن جو هڪ خاندان ”ڪاٺڙ“ جي علائقي ۾ ”ڳڏڙي“ جي لڳ وڃي آباد ٿيو، جن مان ”رٺمل راڻوڙ“ پنهنجي دور جو مشهور تير انداز ۽ پهلوان ٿي گذريو آهي، جنهن جي باري ۾ چيل هڪ ٽري ڏوهو، اڄ بہ ماڻهن کي ياد آهي:

ڪاڪو جڪي رو ڪونيجي، پائي پارمل،
گهوڙو جڪي رو نو لکيو، او راوتيو ”رٺمل“.

حضرت پيٽ ڌڻي بہ، ”سر ڍول مارو“ جي هڪ ڏوهي ۾ رٺمل جو نالو تمثيل طور استعمال ڪيو آهي:

ساجي ٿيان سينگڙي رٺمل هٿ ڪري،
وڙهندي سر وبريين، ڪوڙ ڪسيسان ڏي.

(سر ڍول مارو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رانوڙن جو ٻيو گروپ، "نوهٽي" مان نڪري بدامر جي ايراضي ۾، پوراڻ جي اولهه طرف "پٽاري" جي پٽ ۾ وڃي سڪونت پذير ٿيو، جن جو سردار "ٻالو رانوڙ" هو، جنهن جي نالي سان اڄ به پٽاري جي پٽ ۾ هڪ شهر جا کنڊرات موجود آهن.

ٻالي رانوڙ کي، تمام گهڻي سونهن ۽ سوپيا واريون ٻه ڌيئرون هيون، جن کي سنڌن بي انتها سونهن سبب "پريون" سڏيو ويو آهي. ٻالي جي ڌيئرن مان وڏيءَ جو نالو "ملهي" هو، جنهن جي نالي سان، "نبي سر" جي ايراضيءَ ۾، سينهوئيءَ جي قريب، هڪ پٽ مشهور آهي، جنهن کي اڄ به "ملهيءَ جي پٽ" سڏيو وڃي ٿو.

ملهي جو سڱ، مهراڻي جي هڪ سمي سردار ڄام ننڌي کي مليو، جيڪو تر توڙي لاڙ ۾ ناليرو ٿي گذريو آهي.

اهڙي طرح ٻالي رانوڙ جي ننڍي ڌيءَ همونءَ جو مڱڻو ميرپور خاص واري ايراضي جي هڪ سردار ڪاهو ڏيري سان ٿيو، جنهن جي نسبت سان ٻڌن جي آباد ڪيل قديم شهر جي کنڊرن کي، ڪاهوءَ جو دڙو سڏيو ويو آهي.

جهڙي طرح ٻالي رانوڙ ۽ ملهيءَ جي نالي سان آثار موجود آهن، اهڙي طرح همونءَ جي نالي سان پڻ ڪجهه آثار ملن ٿا، جن مان ڪينجهيجي اسٽيشن کان اوپر طرف هاڪڙي جي هڪ گهيڙ کي، همونءَ جو گهيڙ ۽ جهڏي شهر کان ٽي ميل اولهه طرف، هڪ تلاءِ کي همونءَ جو تلاءُ سڏيو وڃي ٿو.

جنهن دؤر ۾، ٻالو رانوڙ، نوهٽو ڇڏي، پٽاري جي ايراضي ڏانهن هليو ويو هو، ان دؤر ۾ ملهيءَ جي پٽ جي ويجهو، هاڪڙي جي ڪناري سان کنڊين جي وٽن جو وڏو ٻيلو هو، جتان ٻالي رانوڙ کي ڏتڙيل حالت ۾ قبول شاه عرف قبوليو نالي سلڇڻو ڇوڪرو هٿ آيو هو، جنهن کي هن پنهنجو گابار بنايو هو ۽ اڳتي هلي، اهو گابار، گنجڙو گابار سڏجڻ لڳو هو.

گنجڙو گابار، وڏو ڀاڳوند ۽ عقلمند هو ۽ سندس ڪردار سنڌ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشهور ڪردارن، پيرائي پنيري، وتائي فقير ۽ گامونءَ سچار کان ڪنهن بہ حالت ۾ گهٽ ڪين هو.

قبوليو عرف گنجڙو گابار ٻالي راڻوڙ جي نندي ڌيءَ همون جو سچو عاشق هو ۽ همون بہ هنکي گهڻو چاهيندي هئي، پر هنن جي پاڻ ۾ شادي ان ڪري نہ ٿي سگهي، جو همون اڳ ۾ ڪاهو ڏيري سان مڱايل هئي ۽ هن ڪاهو ڏيري سان شادي ڪرڻ کان بہ ان ڪري انڪار ڪيو هو، جو هوءَ قبوليي کي دل و جان سان چاهيندي هئي. ٻي طرف قبوليو بہ اهڙو وفادار هو، جو سڄي زندگي؛ ٻالي راڻوڙ جو گابار بنجي گذاريائين ۽ ان ئي در تي وفات ڪيائين. سندس مزار نئي ڪوٽ جي اسٽيشن جي اوپر ۾، "گجڻي جي پڙين" لڳ آهي، جنهن جي مٿان پڪو اڏيل آهي.

قبول شاه عرف قبوليو، نبي سر جي ايراضيءَ جي مشهور بزرگ سيد ڪبير شاه جو فرزند هو، جنهن جي مزار ڳوٺ راڻا واه لڳ اڄ بہ سلامت آهي ۽ ڪئين مراد وند پري کان ڪهي، فاتحہ بخشڻ لاءِ ايندا رهن ٿا.

عام روايت آهي تہ قبول شاه پنجن ـ ڇهن سالن جي عمر جو هو تہ سندس والد وفات ڪري ويو ۽ هي يتيم بنجي رهجي ويو، ڇو تہ سندس خاندان جا ٻيا ڀاتي اڳ ۾ ئي رحلت ڪري ويا هئا. پوءِ حضرت شاهہ عبداللطيف جڏهن ڪبير شاه جي ڪرامات ۽ قبول شاه عرف قبوليي جي ڪهاڻيءَ کان واقف ٿيو ۽ ان جي مزار کان ٿيندو، سندس والد جي مزار واريءَ ايراضيءَ ۾ آيو ۽ قبوليي جي يتيم ٿيڻ، ٻالي کي هٿ اچڻ، گابار بنجڻ، عشق ۾ ڦاسڻ ۽ سڄي عمر محبوب جي در تي وفادار بنجي رهڻ واريون حقيقتون ٻڌيون تہ سندس تصوير هڪدم پوئتي موٽ کاڌي ۽ پاڻ قبوليي جي باري ۾ فرمايائين تہ:

وياءِ واسينگن جا، سنها پاڻءِ م سپ،
وهہ جنين جي وات ۾، ڪر ڪاتيون ۽ ڪپ،
هٿن جي جهڙپ، تہ هاٿي هنڌن نہ چري.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنها پانءِ مَ سپ سي، سڪا جنين پيٽ،
وهہ ايئين ٿن وات ۾، جيئن ”ڪرا“ ۾ ڪيٽ،
تنين جي جهپيٽ، جُنگن کي جوکو ٿئي.
(سر ڪاموڏ)

رانوڙن کان پوءِ نوهٽي تي سمن جو قبضو ٿيو، جن مان ”راءِ جکري“ جي دور ۾ تہ نوهٽي ايڏي ترقي ڪئي، جو ان لاءِ ڪنهن سگهڙ کي هيئن بہ چوڻو پيو تہ:

جڏهن واري جکري، تڏهن نوهٽي نو سؤ هٽ،
پري کان ئي پانڌين کي ٿي آئي عطر ڇٽ،
محبت سندا مٽ، هئا مُهراٽي جي ملڪ ۾.

راءِ جکرو، ڄام چنيسر داسڙي جو وزير پڻ هو، جنهن جو ذڪر لطيف سائينءَ سر ليلا چنيسر ۾ اجهو هن طرح ڪيو آهي.

رنو ديريدار، جڏهن جُهارئو ٿي جکري،
ڊوليي تڏهن ڊيلين، سوڀي ٿيئي نہ سار،
چنيسر پتار، حيلو ڪيو هار جو.

راءِ جکري جي راڄڌانيءَ نوهٽي کان اٽڪل ٣٣ ميل ڪن اتر طرف راءِ چنيسر داسڙي جي راڄڌاني هئي، جنهن ڏي ويندي شاه صاحب سنگهار قوم جي مشهور سپوت ”ساري سنگهار“ جا اهي تلاءَ بہ ڏٺا، جيڪي اڃا بہ موجود آهن ۽ ساري سنگهار کانپوءِ اتي مختلف ماڻهن جي رهائش جي ڪري، انهن جا نالا تبديل ٿيندا رهيا آهن ۽ هن وقت انهن تلائن جا نالا آهن. نوهٽو تلاءُ، ليٽڪو تلاءُ، پيماس ۽ صاحب تڙ. سنگهار اصل ۾ ”سانگ آر“ لفظ جي بگڙيل صورت آهي، جيڪا سانگار مان سنگهار ۽ پوءِ سنگهار بنجي وئي آهي. سانگار يا سنگهار جي معنيٰ آهي اُهي ماڻهو يا اُهي قومون، جيڪي پنهنجي مال جي سڻي لاءِ ڪڏهن ڪٿي، ڪڏهن ڪٿي سانگ ڪري وڃي رهنديون هيون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ دؤر ۾ وڏو شاهوڪار يا سڪيو ستابو اهو ماڻهو ليکيو ويندو هو، جنهن وٽ ججهو مال هوندو هو. ان وقت جا سخي ۽ ڏاتار بہ گهٽو ڪري منگتن ۽ چارڻن کي انعام طور يا خيرات طور مال ئي ڏيندا هئا. هاڪڙي جي هن ايراضيءَ جا سنگهار گهڻو ڪري سپ سماٽ قومن مان هئا، جيڪي هر جمعي جي رات يعني خميس جي شام جو پنهنجو سمورو کير غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا. انڪري ٻئي ڏينهن تي وٽن گيهہ نہ ٿيندو هو ۽ گيهہ جا واپاري جيڪي گهڻو ڪري سپ واڻيا هوندا هئا، اهي ان ڏينهن خالي موٽي هليا ويندا هئا. لاڪيٽي لطيف سنگهارن جي انهيءَ ريت جو نهايت احترام سان ذڪر ڪيو آهي:

ڪير ڪرينـدي ريس، آيـل سـنـگـهـارن سين،
جنين جيءَ خميس، منـڏي مــور نـہ مــٽ ۾.

*

ڪير ڪرينـدي ريس، آيـل سـنـگـهـارن سين،
جنيـــــن جي خمـيـس، واڻـيــو واري ڇڏيــو.

(سر ٿمر)

لطيف سائينءَ نہ رڳو سنگهارن جي انهيءَ ريت جو ذڪر ڪيو آهي، بلڪ سندن همت، جرئت، سخاوت ۽ درياهہ دلي جي وصفن ڏانهن بہ اشارا ڪيا آهن:

آيـل سـنـگـهـارن سين، جيـڪـا گـهـاري مــاء !
تـوڙي هـوءِ او ڳـٽـي، تـہ بـہ رکـو مــور نـہ ڪــاء.

*

جي پـايـين وس چران، تـہ سـنـگـهـارن سين لـڏ،
تـہ هـاجي سندي هـڏ، ڪوڪ نــہ سٽيين ڪڏهن.

*

جي پـايـين وس چران، تـہ سنگهارن سـين گـهـار،
جنين سـنديءَ واڙ، چور نــہ اچي ڪـڏهـن.

(سر ڏهر)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگھارن جي وٿاڻن ۽ جھوڪن تي سدائين مسافر ۽ جڏڙا هوندا ئي هوندا هئا ۽ سنگھار سندن سٺي نموني آدر ڀاءُ ڪندا هئا ۽ هو جڏڙن کي، پنهنجي جوءِ جو جياپو سمجھندا هئا. شاه صاحب سنگھارن جي انهيءَ عادت ۽ ريت کي به ڳايو آهي:

**منڌيون مٽ گڙن، جھوڪين سونهن پهيڙا،**
**سندي سنگھارن، جوءِ جياري جڏڙين.**

(سر ڍهر)

سنگھارن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ انهن کي ڳائڻ بعد، لطيف سائينءَ هاڻي هاڪڙي جو ساڄو ڪپ وٺي چنيسر جي راڄڌانيءَ ڏانهن روانو ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

د :
# نوهٽي کان ليهور تائين

"نوهٽي" جو مڪمل طرح تاريخي جائزو وٺڻ بعد، شاه صاحب هاڪڙي جو ساڄو ڪپ ڏيئي، اتر طرف روانو ٿيو. "مونڊاواءِ"، "ڏنيرلوءِ" ۽ "راڄاري" جي پٽن مان هلندو، "نبي سر" جي اولهه طرف، "ديني سر" جي پٽ ۾ پهتو، جتي قديم دور جي مشهور بزرگ ۽ عالم "درس ملوڪ" عرف "ملوڪ شاه" جي مزار هئي.

"ملوڪ شاه" جي مزار ۱۴ فوٽ ڪن ڊگهي آهي، جنهن تي هن وقت مٽيءَ جي "ڪرن" جو ايترو ته گهڻو تعداد پيل آهي جو ڏسي ڏاڍو عجب ٿو ٿئي. ويتر جو اتي رهندڙ خدمتگار انهن کي، مزار جي چوڌاري ٺاهي رکيو آهي ته اهي ائين ٿا ڏسڻ ۾ اچن، ڄڻ ڪو "ڪرن" جو وڏو ڪوٽ يا "ڪرن" جي ٺهيل پٽ آهي.

متواتر روايتن موجب "درس ملوڪ" غزنوي دؤر يا سومرا دؤر جي شروع ۾، اتي تلاءَ جي ڪناري سان، پنهنجي قائم ڪيل مدرسي ۾ پڙهائيندو هو. هن لاءِ اهو به مشهور آهي ته هميشه وضوءَ سان رهندو هو، ان ڪري پاڻيءَ جو "ڪرو" سدائين ساڻ هوندو هوس. اهوئي سبب آهي جو سندس وفات بعد، سندس معتقدين دعائن گهرڻ سان گڏ اتي "ڪرا" به رکڻ شروع ڪيا، جيڪو سلسلو اڄ جاري آهي.

شاه صاحب جيئن ئي سندس مزار تي پهتو ته ڪافي ڏينهن اتي قرآن خواني ۽ ذڪر فڪر ۾ مشغول رهيو. جنهن بعد ساڄيو رستو وٺي، سيد ڪبير شاه (قبوليءَ جي والد) جي مزار تان پيرو ڪندو، سومرا دور جي ٻئي مشهور بزرگ عالم "درس مَيَد" جي مزار ت پهتو ۽ اتي اچي هڪ مختصر چلو پڙ ڪديائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”درس ميّد“ جو قبرستان، ٿرپارڪر جي قديم ۽ وڏن قبرستانن مان هڪ آهي، جنهن ۾ قديم قبرن تي چُرَ واريون اهڙيون سرون به پيل آهن، جهڙيون ”پوراڻ“ جي بزرگن ـ ”درس اجر لوريڙ“ ، ”درس بابو سڪريي“ ، ”آمريءَ جي قبرستان“ ۾ پيل تي آهن.

درس ميّد جي مزار لڳ سنڌس وهڻ جي هڪ پٿرائين چورس صندلي پيل آهي، جنهن تي پالي خط جهڙا اکر اڪريل آهن. هن وقت انهيءَ صندليءَ جو هڪ پير ٽٽل آهي، جيڪو پڻ اتي پيل آهي.

لاکيٽو لطيف، درس ميد جي زيارت بعد چونداواءِ ويراسر، ڳوراهي ۽ ڇڇڙي پٽن سان سير ڪندو ”ليار“ يا ”ليهور“ جي ڪندرن وٽ پهتو، جتي ڄام چنيسر داسڙي جي رهائش هئي.

ڄام چنيسر داسڙو، سما ننگر يا ساموئي شهر جي باني ”ڄام لاکي ”ڳهڙاءِ“ يا ”لاکي گڙراهوءَ“ جي اولاد مان ستون نمبر سردار هو، جيڪو پنهنجي دؤر ۾، سنڌ جي ناري، بدام، ڏيرڪ، ونگي ولاسي، ۽ ڪڇ جي ڪڙير ۽ پيچم علائقن جو حاڪم ۽ ڪيترن قلعن جو مالڪ پڻ هو، جن ۾ پروڙ، ليهور، ساموئي ۽ ديول ڪوٽ وڏيڪ مشهور هئا.

ڄام چنيسر ننڍو ئي هو تہ سنڌس سپوت پيءُ، ڄام داسڙو گذاري ويو ۽ راڄ جي سنڀال سنڌس چاچيءِ جي هٿ ۾ آئي، جيڪو چنيسر جي ٻاراڻ جو ناجائز فائدو وٺي، سموري علائقي ۽ مال ملڪيت تي مڪمل طرح قابض ٿي ويو.

جڏهن چنيسر وڏو ٿيو ۽ ڪيس اها خبر پئي تہ ننڍي هوندي کان ئي سنڌس مڱڻو، چاچس جي اڪيلي ۽ لاڏلي ڌيءَ ”ليلان“ سان ٿيل آهي. تڏهن چاچي کان ليلان جو سڱ گهريائين.

چاچس جي گهر ۾ ڏاري زال هئي، جنهن جي مرضي هئي تہ ليلان جو سڱ چنيسر کي نہ ملي، سو مڙس جا ڪن پريندي ڪيس انهيءَ ڳالهہ تي اچي بيهاريائين تہ ـ اول چنيسر جي امتحان لاءِ ڪي ڏکيا شرط مقرر ڪجن ۽ پوءِ ڏسجي تہ هو انهن جي پورائي لاءِ ڪيتري قدر ٿو ڪاميابي حاصل ڪري ۽ ان بعد ئي ٻي سوچ ڪجي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنگينن جو پتو پيو تہ هو انهن ڏوتين جي مدد سان، ساميءَ جي شاديءَ واري محفل ۾ پهتو، جنهن ۾ سامي ڪونروءَ سان لائون لهڻ وارو هو. اتي پهچي هن پهرين طبلچيءَ جو روپ اختيار ڪري، اهڙي تہ وڄت ڪئي جو ليلان نچندي نچندي راضي ٿي ڪيس پنهنجو قيمتي هار انعام ۾ اچلي ڏنو. ان بعد ڏوتين جي تعاون سان هڪ نئون روپ ڌاري بيهي رهيو. جيڪو اهڙو تہ وٺندڙ هو، جو ڏسندي ساميءَ جي دوستن فيصلو ڪيو تہ، بدشڪل ساميءَ کي پاسيرو وهاري ان جي عيوض ڪجھ گهڙين لاءِ نئين روپ واري شهزادي (چنيسر) کي سامي بنائي پيش ڪجي ۽ لانئن لهڻ بعد ڪنوار کي آٿي اصلي ساميءَ جي حوالي ڪجي ۽ هنکي ڏڪي ڇڏجي.

اهو انڪري ٿي ڪيائون تہ "پڇٽ سامي" نهايت بدشڪل هو ۽ هن کي شڪ هو تہ انجي شڪل ڏسندي متان شهزادي ڪونرو، شاديءَ کان انڪار نہ ڪري ويهي.

راءِ چنيسر جڏهن عارضي سامي بنجي ڪونروءَ سان لائون لهڻ ويو ۽ چونرو ڦريو تہ سندس سهڻي شڪل ڏسي ڪونرو مٿس موهت ٿي پئي ۽ چنيسر کي ديوتا ڪوئيندي، ڪيس تعظيم جو سجدو ڪيائين.

ساڳي شغل ۾ رسمن جي ادائگيءَ وقت ڄام چنيسر پنهنجي منڊي ڪونروءَ کي ڏني، جنهن تي "ڄام چنيسر" لکيل هو ۽ ان سان گڏ سندس نالي وارو اهو قيمتي هار پڻ هنکي ڏنائين جيڪو ليلان ڪيس طبلچيءَ جي روپ ۾، وڄت وقت انعام ۾ ڏنو هو اهڙي طرح ڪونروءَ جي ہٿ تي ٻہ لکي ڇڏيائين تہ "چنيسر ڄام ليهور جو حاڪم."

انهيءَ ڪم ڪان واندو ٿي، هن ڏوتين جي مدد سان پڇٽ ساميءَ کي ماري ان جو لاش گم ڪرايو ۽ پوءِ ليلان کان اڳ گهر پهچي ويو.

ٻي طرف جڏهن اهو هل هليو تہ سامي گم ٿي ويو، آهي. تڏهن ڪونروءَ کي چيائون تہ اها سندس واپس اچڻ تائين سندس محلات ۾ هلي رهي. پر ڪونروءَ چيو تہ منهنجو مڙس سامي ڪونہ آهي، پر ليهور جو حاڪم، ڄام چنيسر داسڙو آهي جنهن جو ڏنل هي ٽي نشانيون مون وٽ موجود آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منڊي، هار ۽ ٻٽ جي ڇنيءَ تي نالو لکيل ڏسي سيني ڪٽي ماٺ ڪئي ۽ ڪونرو پنهنجي مائٽن سان گڏ پنهنجي علائقي ۾ پهتي، جتي سندس پيءُ سندس سڱ ڪنهن ٻئي شخص کي ڏيڻ جو اعلان ڪيو، پر ڪونروءَ ان سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ اهو چيائين ته منهنجو مڙس جيئرو ويٺو آهي ۽ ان ڏي ويندس. آخرڪار ماءُ کي ساڻ ڪري، ليهور جي شهر ۾ اچي پهتي. جتي هن ليلان جي پاڙي ۾ رهي سائس "ساهيڙپ" جو رستو رکيو ۽ آخر "هار" ليلان کي ڏيئي، هڪ رات لاءِ چنيسر اڌارو ورتو.

جڏهن ڄام چنيسر ڪونروءَ وٽ پهتو ۽ ڪونروءَ ڪيس ڏنل منڊي ۽ ٻٽ ڏياريندي پنهنجو پاڻ ظاهر ڪيو ته چنيسر کي ڪونروءَ لاءِ دل ۾ نهايت گهڻي محبت پيدا ٿي ۽ ليلان لاءِ نفرت جو طوفان ڪڙو ٿي ويو.

ليلان جنهن هار ورتي، چنيسر ڏيئي پڇتايو هو، تنهن صبح جو سويلو چنيسر کي خاص ٻانهيءَ جي ذريعي اطلاع ڏنو ته: گرم پاڻي وهنجڻ لاءِ تيار رکيو آهي ۽ تاسريءَ ۾ تيل وجهيو ليلان توهان جو انتظار پئي ڪري.

شاه سائينءَ جي رسالي ۾ به انهيءَ حقيقت ڏانهن اشارو مليل ٿو، جيڪو هن طرح آهي ته:

ڪوسو چڙهيو چلهه، تاسريءَ ۾ تيل پيو،
ڪڻ جي هيئن ملهه، آءُ ليلان جا ولها.

ساڳي داستان ۾ لطيفي لفظن ۾، مٿين بيت جو جواب به موجود آهي، جيڪو ڄڻ ڄام چنيسر طرفان ليلان جي مذڪور نياپي جو ئي جواب آهي:

ليلان ! پنهنجو لاهه، ڪونروءَ ڪوسو چاڙهيو،
سندي هارَ اهاءِ، وڃي اور ارٽ سين.

چنيسر طرفان اهڙو جواب ملڻ تي، ليلان جون اکيون کليون ۽ رڙ ڪري چيائين ته:

جي ڀانيان ها ائين، ته دل متيندو داسڙو،
ته ساهه ويندي سئين، هوند هَيو هار نه جهليان.

ان ڪانپوءِ ليلان ڄام چنيسر کي تمام گهڻيون آريون نيزاريون ڪيون ۽ رنو پٽيو، پر ڄام سندس هڪ به نه مڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڪيٽي لطيف پنهنجي شعر ۾، ليلان جي ”آهن، دانهن“ جو جيڪو نقشو چٽيو آهي، تن مان چند بيت هن طرح آهن:

ڏنيئي ڏهاڳ ! پر جي ”ور“ وهاريين،
مون ڪي تنهنجو سپرين، سيوئي سهاڳ،
اجهو تون ۾ آڳ، وڏو آهين ولها.

*

ڪوڙيون تنهنجون ڪهاڻيون، تون ڪوڙين سندو ڪانڌ،
مونکي چڏ م َ داسڙا، وڃان نه وٺواند،
مون ڳچيءَ ۾ پاند، تو چنيسر هٿ ۾.

*

ڍولا ! ڍيل م َ مون، ڪانڌ! ڪميٽي آهيان،
سڪ تنهنجي سپرين، پيري وڏيس پون،
مون ور تون هي تون، تو ور! وهون ڪيترين !

ليلان جي آهه زاري ۽ روڄ راڙي تي ڄام چنيسر ليلان ڪان منهن مٽي سندس محلات ڪان اڌ ميل ڪن پري، هڪ نئون محلات ٺهرائي ڪونروءَ ڪي ساڻ وٺي وڃي اتي رهيو ۽ ليلان کي حڪم ڪيائين ته هوءَ پنهنجي ئي محل ۾ رهي ۽ هن ڏانهن نه اچي.

ليلان کي جڏهن اهو حڪم مليو ۽ چنيسر ڪانئس پري وڃي رهيو ته هوءَ وڇوڙي ۽ صدمي ڪان ڏاڍي لاچار ٿي پيئي ۽ مجبور ٿي ڄام چنيسر کي لطيف جي لفظ ۾ ڄڻ هن طرح عرض ڪرڻ لڳي ته:

آڏا اڏيئي جي، ڍولا اولا نه سهان،
تو ور وهون ڪيتريون، مون ور تون، وري،
پرين پيري پري، ڏکيءَ کي ڏسيج تون.

*

م َ ڪر ڍول ڍلو، ناتو نماڻيءَ سين،
ڪونهي ڪاٺياريءَ جو بگر تو بلو،
تنهنجو نام نلو، وٺيو وينئي آهيان.

ليلان جي انهن پريت وارن نياپن ۽ ڏوراپن جو به جڏهن ڄام چنيسر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ڪو اثر ڪونہ ٿيو تہ ڏاڍي بيوس ۽ بيحال ٿي پئي ۽ ڪلي طرح پنهنجي گناهہ جو اعتراف ڪندي، وڏي واڪي جيڪي چوڻ لڳي، سو شاهہ جي شاعريءَ ۾ هيئن آهي:

مٺيي مٽي جي هٿا، تن چٽن ڦيريم چٽ،
هار ڪٽنديس هوڏ ۾، نيبهہ ٽيندم نت،
پر ڪونروءَ جو ڪرت، مونهان متاهون ٿيو.

*

ڏيهہ بہ لهنديس ڏات، هار بہ ڪٽنديس هوڏ ۾،
وهاڻيءَ پرڀات، منڊي اپيون مامرو،

هن جي انهيءَ اعتراف تي، سندس سرتيون ۽ ساهيڙيون ڪيس، شاهہ سائين جي ٻولن ۾ جڻ هيئن چوڻ لڳيون تہ:

هيين گهڻو هشيار، ڪل بہ هيئي ڪانڌ جي،
تو ڀانيو موچاري ٿيان، ڳچي پائي هار،
ڪانڌ، "ڪوڙيءَ" جو نہ وٺي سهيسن پٽ سينگار،
وهم لهي وينجهار، تو دليون پرڪي داسڙو.

*

ٻہ رنگو لوڪ ٻيو، چنيسر چوءِ رنگ،
تنهن سان چني سنگ، وجيؤ هار هٿ ڇهين!

*

ڇٽي چنيسر ڄام سين، ليلان لڪايوءِ!
تو جو ڀانيو پنهنجو، تنهن پرو ڪونہ پيوءِ
"ڪونروءَ" ڪانڌ سندوءِ، دست ڪيو داسڙو

ليلان، جيڪا تمام ڏاهي ۽ هوشيار هئي، تنهن سرتين جي سڻ پڻ ٻڌي، پنهنجو حال جنهن نموني بيان ڪيو، تنهن جو لطيف سائينءَ اجهو هيئن نقشو چٽيو آهي تہ:

وڏيري هياس، ميڙو مون گهر سرتئين!
هٿ ڇهڻ سين هارجي، ڪڙي ڪانڌ ڪياس،
ڊولي ڊيلياس، آيم ڏنءُ ڏهاڳ جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽـڙڪـي پـسـي ٽـوڪ، تـرڪـي تـڪـبـر ۾ پـئـي،
اڇيـو اڇيـو ”اڳـلـي“ چئـي لـيـلان ڪـي لـوڪ،
انـدر اوپـالـن سـيـن، سـاڙي ڪـيـائـونـس سـوڪ،
ٻـالاپـڻ جـو ٻـوڪ، ويـو وبـچـاريءَ وسـري.
ليلان، جيڪا اڳ مهڻن ۽ طعنن ملڻ تي، سرتين سان وڙهي پوندي هئي ۽ پاڻ کي پاڪ ۽ بيڏوهي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، سا هاڻي ڪلڻ واري حالت ۾، خودبخود چوڻ لڳي ته:
جيـڪـس ڪـم سـنـدام، جونـا ڏنـا جيـڏيـن،
ڪـلـن سـڀ مـتـام، سـرتـيـون ۽ سـاهـيـڙيـون.
هن جي اهڙي حالت ۾ ٻه ڪي عورتون ڪيس خواه مخواه اڇي ”ور“ جي ڇڏي وڃڻ جا مهڻا ڏينديون هيون ۽ هيءَ ڪين جيڪي ورنديون ڏيندي هئي، اهي ڄڻ شاه جي بيتن ۾ هن طرح آهن:
جي نـــه وارو ڏي، تـه پـڻ مـنـهـنـجـو ”ولـهـو“
آئـون تـنـهـن آسـانـيـي، ويـنـي ولـهـون گـهـاريـان.
*
تـوٽـي ڏي، مَ ڏي، تـه پـڻ مـنـهـنـجـو ”ولـهـو“،
آئـون تـهـن پـريـنءَ کـي، پـاڻ پـرنيـان ڪـيـتـوو؟
هن جي اهڙي حالت ڏسي، ڪنهن سڄاڻ ساهيڙيءَ کي هيئن ٻه چوڻو پيو ته:
جي وَرُ وسـري تـه ڪـوهـه ؟ وَرُ نـه وسـريـوس !
تـه اڳـڻ اونـڌائـوس، ڪـونـه چـونـدو ڪـڏهـن.
آخر اها منزل ٻه اچي پهتي، جو ڄام چنيسر ڪاوڙجي ڪيس ليهور ڇڏڻ جو حڪم ڏنو ۽ چيائين ته هاڻي وڃي پنهنجن ناناڻن ۾ رهه، اهو حڪم لطيف جي ٻوليءَ ۾ اجهو هيئن آهي:
ليلان ڇڏ لـيـهـور، وڃ پـنـهـنـجـي مـائـٽـيـن،
مـون پـڻ لـهـي هـور، تـون پـڻ سـڪـيـاٽـي ٽـنـيـن.
ڄام چنيسر جو اهو حڪم ٻڌي، ليلان وٺي لڇڻ لڳي، ته سندس هڪ گهري سهيلي ڪيس سمجهائيندي چيو ته:


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لـيـلان! لـڇ مَ ايـتـرو، وبـيـئـي ڳـالـهـ هـتـاءِ،
چـنـيـسـر ڪـانـڌاءِ، ڪـونـ پـنـون تـو ڪـاڇڙو !

هاڻي ليلان پنهنجو مختصر سامان اُٿ تي ٻڌي تيار ٿي، پنهنجي اڱڻ تي آخري روج ڪرڻ لاءِ پڙ ٻڌي روئڻ لڳي ته ڪنهن چنيسر کي چوائي موڪليو ته ليلان لڏيو پئي وڃي !

ليلان جي انهيءَ لڏڻ ۽ روئڻ جو نقشو چٽيندي لعل لطيف اجهو هيئن فرمايو آهي ته:

نـهـيـو ٻـڌيـو روءِ، اڱڻ جهـوڪـيـو ڪـرهـو،
ڪـو چـنـيـسـر چـوءِ، تـه لـيـلان وڃي لـڏيـو.

ڄام چنيسر کي جڏهن ليلان جي لڏڻ واري خبر پهتي ته، هن اها خبر پهچائڻ وارن کي چوائي موڪليو ته:

لـڏي تـه لـڏايـوءِ، مـنـڌ مَ روڪـيـو مـاڻـهـوئـا،
هـي اهـا ئـي جـوءِ، جـنـهـن مـٽـيـي تـي ور مـٽـيـو.

ان بعد ليلان روئندي پٽيندي پنهنجي ناناڻن جي ڳوٺ ڏانهن رواني ٿي، جيڪو ڳوٺ ليهور کان اٽڪل ٣٠ ـ ٣٥ ميل پري ميرپور خاص جي موجود شهر کان ١٢ ميل ڪن اتر طرف کيراهوءَ جي پٽ ۾ هو ۽ هينئر اتي ڪنڊر موجود آهن، جن کي ليلان جون پٽيون سڏيو وڃي ٿو.

ڄام چنيسر جو وزير جکرو، جيڪو ليلان جي ناناڻن مان هو، تنهن جو مڱڻو پڻ ساڳئي ڳوٺ ۾ ٿيل هو. تن جڏهن ليلان جو اهو حشر ڏٺو ته جکري کي سڱ کان جواب ڏيئي ڇڏيائون.

جکرو ويچارو ڏاڍو لاچار ٿيو ۽ بي عزتيءَ کان بچڻ لاءِ وڃي ليلان کي منٿ ڪيائين ته ڪيئن به ڪري مونکي اهو سڱ وٺي ڏي. ليلان چيو ته ان سڱ ملڻ لاءِ اهو شرط آهي ته ڄام چنيسر کي پنهنجي ڄڃ ۾ وٺي ايندين !

جکري اهو شرط قبول ڪيو ۽ ڄام چنيسر کي منٿ ڪري، ڄڃ سان گڏ هلڻ لاءِ راضي ڪيائين، ان بعد ليلان وٽ ويو، جنهن ناناڻن کي راضي ڪري شاديءَ جو ڏينهن مقرر ڪرائي ڏنو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ڄام ڄنيسر جي سات سان ڇڄ وٺي، جکرو، ساهرن ۾ پهتو تہ ليلان هڪ ڳجهي رٿي، لطيف جي لفظن ۾ جيڪو اعلان ڪيو، تاريخي اعلان هن طرح آهي تہ:

سائي اگھڻ لوڏ، سو ئي ورن وبريين،
ڪاڪريندي هوڏ، ٿي ڪانڌ ڪسوئيءَ چاڙهيان.

جڏهن محفل متي، ان جي آخر ۾ ليلان جو وارو هو، جيڪا منهن تي نقاب ڍڪي، ميدان تي آئي هئي، سان پهريائين نچڻ ۽ پوءِ درديلي آواز سان ڳائڻ لڳي. جنهن تي ڄنيسر بيحال ٿي پيو ۽ نماڻو عرض ڪيائين تہ "اي نازنين! خدا جي واسطي، پنهنجي منهن تان نقاب پري ڪر تہ تنهنجو منهن مبارڪ ڏسان."

اهو ٻڌي، ليلان سامهون بيهي، نهايت ادب ۽ احترام سا پنهنجي منهن تان نقاب پري ڪيو تہ ڄنيسر جي زبان مان الفاظ نڪتا تہ "ليلان، تون!" ليلان ورندي ڏني تہ "هائو سرتاج! تنهنجي ليلان."

ڄنيسر ليلان کي ڏسي، ڪيس سڀ ڪجهہ معاف ڪري چڪو هو، پر ظاهري ڏيکاءَ خاطر وڏائي ڪري، منهن ڦيرائي ڇڏيائين، جنهن تي ليلان جي هڪ مائٽياڻيءَ، ليلان جي ناهيل پروگرام موجب پريان بيهي ليلان کي سڏ ڪندي چيو تہ: ليلان! تنهنجو ٻار پيو روئي!" ليلان سڏ ٻڌي بہ سڏ ڪونہ ڏنو، تہ ان عورت وري پيو دفعو وڏي آواز سان سڏ ڪيو، جنهن ۾ چيائين تہ: ڄنيسر واري ليلان ! تنهنجو ٻار پيو روئي!" اهي لفظ ٻڌي، ڄام ڄنيسر جي اکين ۾ ڳوڙها لهي آيا ۽ ليلان ڏانهن منهن ڪري چيائين تہ، ليلان! اهو سچ آهي؟" - ليلان ورندي ڏني تہ ها سرتاج ! ليلان تنهنجي آهي، ٻي جي ڪيئن ٿي سگهندي ؟" - ليلان جا اهي لفظ ٻڌي، ڄنيسر جيڪي لفظ چيا، تن کي شاه سائين اجهو هن طرح شعر جو روپ ڏنو آهي:

جي تون منهنجي آهين!، توکي تڙي ڪير؟
ان لاءِ وڏم وير تہ سکن مانَ سهاڳڻيون.

ڄنيسر کي پاڻ ڏي متوجہ ڏسي، ليلان رڙ ڪري وجي ان جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرن تي ڪري ۽ سندس ساهه هليو ويو. ٻئي طرف چنيسر به پاڻ روڪي نه سگهيو ۽ جيئن ئي ليلان جو لاش هنج ۾ کڻي دانهن ڪيائين ته سندس روح به ساڳي راهه تي روانو ٿي ويو.

ليلان ۽ چنيسر جو انهيءَ طرح ميلاپ ۽ موت ڏسي، ڪونروءَ جو روح پڻ بي تاب ٿي ويو ۽ جيئن ئي چنيسر جي مڙهه کي ڇهڻ ڪيائين، ته پاڻ به وڃي انهن جي دنيا ۾ پهتي.

سيني کي، انهيءَ ايراضيءَ جي هڪ قديم قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو، جيڪو قبرستان هن وقت به "ليلان جو قبرستان" سڏجڻ ۾ اچي ٿو ۽ موجوده جاگرافيءَ موجب، ميرپورخاص تعلقي جي ايراضيءَ ۾ "مگرين جي ڪاتيءَ" لڳ آهي.

انهيءَ ايراضيءَ کان اولهه اتر طرف شهدادپور ۽ سنجهوري تعلقي جي دنگ وٽ، جهڙائو واهه جي "ياجي موري" ۽ "ڪنگ پٽي جي موريءَ" جي وچ تي، ڪونروءَ جي شهر جا کنڊرات آهن، جتان ڪونرو ڪشالا ڪري ليهور پهتي هئي، جيڪو انهيءَ هنڌ کان ۷۰ ـ ۷۵ ميل پري هو.

ليلان جي ناناڻي شهر ۾ ليهور جي وچ تي، "بروڙ" جي پٽ ۾ داسڙي جي نهرايل قلعي جا کنڊرات آهن، جيڪي موجوده شادي پلي اسٽيشن جي بلڪل لڳ آهن.

اهي سيئي کنڊرات، اتر کان اينڊڙ پراڻن دريائن جي ڪنارن سان آهن، جن جا نشانات ڪٿي ڪٿي اڄا به موجود آهن ۽ انهن سيني شهرن جو مرڪز ليهور ئي هو.

ليهور شهر جو اصل نالو "ليار" آهي، جيڪو لساني پيچ ـ گهڙ سبب "ليار" مان "ليهار" ۽ پوءِ ليهور بنجي ويو آهي.

شاهه صاحب واري دؤر کان به سؤ سال اڳ اهو ليهور سڏجڻ ۾ آيو هو ۽ شاهه صاحب به ان کي پنهنجي ڪلام ۾ "ليهور" ئي برقرار رکيو آهي، نه ته ٻي طرح موجوده اهڃاڻ لياري جي نالي سان ئي باقي آهن، جيڪي آهن. "لياري ڳوٺ" ۽ "لياري ديهه."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارغون - ترخان دؤر جي مشهور شاعر ادراڪي بيگلاري پنهنجي فارسي مثنوي ”چنيسر نامہ“ ۾ لکيو آهي تہ ”ليهور جي قلعي تهڻ ڪان اڳ انهيءَ شهر جو نالو ”پتڻ“ هو. جنهن مان اهو تو معلوم ٿئي تہ پتڻ مان ليهور سڏجڻ جو ڪارڻ بہ اصل ۾ ”ليلا چنيسر“ جو اهو واقعو آهي، جنهن ڪان ليهور کي شهرت ملي.

ليهور جي شهر جا آثار جيڪي شاه صاحب اچي ڏٺا، سي هن وقت بہ ساماري تعلقي جي چئن ديهن هر هڪ ديهہ ”ڪينجهيجي“، ديهہ ”لولان“، (هاٿي جهلوري)، ديهہ ”پويا“ ۽ ديهہ ”لياريءَ“ ۾ پکڙيل آهن. جن جي ڊيگهہ ٽي ميل ۽ ويڪر ڪٿي ميل، ڪٿي وڌيڪ تہ ڪٿي گهٽ بہ آهي.

ليهور جي کنڊرن کي مقامي طرح ڪي ماڻهو ”ڳاڙهو پڙو“ بہ چوندا آهن، جن جي اوپر طرف هڪ ننڍو پڙو آهي، جنهن کي ”ليلان جي ماڙي“ سڏيندا آهن ۽ اصل ۾ اهو پڙو ئي ليهور جي قلعي جو بگڙيل روپ آهي، جنهن ڪان اڌ ميل ڪن پري ”ڪونروءَ جي ماڙيءَ“ جا کنڊر آهن. جن جي قريب ”ڪينجهيجي“ شهر جا کنڊرات آهن، جن ۾ هڪ هنڌ هڪ پراڻي ڪنڊيءَ جو ٿڙ هو، جنهن کي ”ليلان جي ڪنڊي“ سڏيندا هئا. اهڙي طرح ليلان جي ماڙيءَ ڪان هڪ ڏوري تي هڪ نشان ملي ٿو، جنهن لاءِ چون ٿا تہ انهيءَجاءِ تي جادوءَ جو ”ٻڙ“ هو، جنهن تي سوار ٿي ليلان ۽ ٻيون ساميءَ جي آکاڙي ۾ وينديون هيون.

ساڳي ايراضيءَ ۾ مشهور بزرگ حسن باغبان ۽ مارل جي ڪوٽ جي قريب ”ليلان جي ترائي“ ۽ ليلان جي ڪنڊيءَ جا آثار پڻ موجود آهن.

اهڙي طرح مذڪور کنڊرن ڪان اٺ - نو ميل اتر اوپر طرف ساماري تعلقي جي ديهہ ٢٢ هيرل ۾ پچت ساميءَ جي شهر جا کنڊرات موجود آهن، جنکي ”پچت جو پڙو“ سڏيو وڃي ٿو، جنهن جي لڳ گوگي ڇهنواڻ جي شهر جا کنڊرات آهن، جن کي ”گوگي جا دڙا“ سڏيو وڃي ٿو، جن جي لڳ مشهور بزرگ ”ڪٺوريُ فقير“ جو قبرستان پڻ آهي.

شاه صاحب پنهنجي سفر دوران، اهي سمورا کنڊرات ڏٺا ۽ ڪهاڻيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان واقف ٿيو ان کي شعر جو روپ ڏيئي هميشہ لاءِ زنده رکي ڇڏيائين.

ڪافي روايتن ۽ جاگرافيائي ماحول جي آثار تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ اهي سيئي شهر، ريٽي نديءَ جي پاسن تي هئا، جيڪا ندي پوءِ هاڪڙي ڪٽي ڇڏي، اڄان بچيل حصا يعني ڍورا مختلف نالن سان سڏجڻ ۾ آيا آهن.

مختلف روايتن موجب مهراڻي جا پٽي سردار جيڪي ان وقت ڪمزور ٿي چڪا هئا، جن جي آبادين جا نشان نبي سر ڪان نئي ڪوٽ تائين موجود آهن، سي ان وقت ڄام چنيسر کي پنهنجو سردار مڃي چڪا هئا. انڪري ڄام چنيسر کي ”پٽين جو سردار“ پڻ سڏيو ويو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھ:

# "ليھور کان سيريين تائين"

حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ، ليھور جا ڪنڊرات ڏسڻ بعد، انھي ايراضيءَ جي ھڪ اھڙي بزرگ جي مزار تي وڃي چلو ڪڍيو، جنھن کي عام طرح "اصحابي" سڏيندا آيا آھن، جنھن جي مزار تعلقي عمر ڪوٽ جي ايراضيءَ ۾ "ڪينجھہ" جي ڍڙي جي اوڀر طرف ڪافي پنڌ تي ھاڪڙي جي ڪناري سان آھي، جنھن لاءِ مشھور آھي تہ اتي "ماتا" جي بيماريءَ وارن کي وٺي ويندا آھن، جيڪي ھڪدم صحتمند تي موٽندا آھن.

ھي روايت موجب اتي جن بہ ٻارڙن کي "ماتا" نڪرڻ کان اڳ وٺي ويندا آھن، انھن کي "ماتا" ڪونہ نڪرندي آھي. (والله اعلم)

متواتر روايتن موجب، اھو بزرگ قديم دؤر کان "اصحابي" سڏيو پيو اچي ۽ انگريزن بہ انجي اھميت کي قبول ڪندي، انھيءَ ايراضيءَ واري ديھہ جو نالو "ديھہ اصحابو" ۽ اتان ھڪ ڪوٽايل شاخ جو نالو "اصحابو شاخ" مقرر ڪيو، جيڪا ڳالھہ اڃا تائين قائم آھي.

لاڪيٽو لطيف، اصحابيءَ جي مزار کانپوءِ ليھور جي ڪنڊرن جي اتر طرف بلڪل ويجھڙي پنڌ تي سومرا دؤر جي ھڪ مشھور بزرگ "حسن باگوائي" يا "حسن باغبان" جي مزار تي آيو، جيڪا موجوده جاگرافي موجب "ساماري روڊ" ۽ "ساماري شھر" جي وچ تي، ديھہ باغبان ۾ ھڪ وڏي ڍڙي تي آھي، جنھن ڍڙي کي "مارل جو ڪوٽ" يا "مارئي جو ڪوٽ" سڏيو وڃي ٿو.

شاھ صاحب، ھن تاريخي جوءِ ۾ ڪافي وقت رھڻ سان گڏ، مذڪور بزرگ "حسن باغبان" جي مقبري تي ويھي ھڪ چلو بہ ڪڍيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ بزرگ جي ڏهاڙي تي سماع جون محفلون مچائي، صوفيانہ راڳ جو رواج پئ وڌو، جيڪو رواج اڄان تائين قائم آهي.

بزرگ "حسن باغبان" جا مجاور فقير جيڪي ذات جا "چاوڙا" يا چوڙا" آهن، سي سيئي لطيفي راڳ کان واقف آهن ۽ هر سال ميلي جي موقعي تي يا ڪن ٻين اهم ڏهاڙن تي، باقاعدي لطيفي راڳ جي محفل ڪندا آهن، جنهن ۾ ساڻن گڏ ٿرپارڪر جي ايراضيءَ جا ٻيا راڳائي فقير بہ حصو وٺندا آهن.

"مارل جي ڪوٽ" کان اتر طرف "هميراڻي" تائين ۽ اوڀر طرف "سونهي" ۽ "ڪرناءِ" تائين، جيڪا جوءِ آهي، تنهنجو قديم نالو "سيريين" آهي، جنهنجا نشانات اڄان باقي آهن: جيئن تعلقي عمرڪوٽ جي ديهہ "ڏورو سيرين" تعلقي ساماري جون بہ ديهون "ديهہ سيريين" ۽ "ديهہ کاروڙو سيريين" وغيره.

"سيريين" ۽ آسپاس وارو علائقو، قديم دؤر ۾ "ڏٿ" جي نالي سان مشهور هو، جنهنجي حاڪمن مان، سومرا دور جي شروع ۾ "ڏولو نرور" مشهور حاڪم ٿيو، جنهنکي "مارل" جي واسطي سبب، "ڀاڻن"، "ڀائن" ۽ ڀاڍين" ڳايو ۽ اهڙو مشهور ڪيو جو سنڌ جي ڀر وارن علائقن ۾ بہ ڳائجڻ لڳو.

جڏهن شاه صاحب هن علائقي ۾ آيو تہ "ڏولي ۽ مارئيءَ" جي ڳالهہ عروج تي پهتل هئي. سنڌ توڙي ڀر وارن علائقن جي رهاڪن جي اها دعويٰ هئي تہ اها ڳالهہ سندن علائقي سان وابستہ آهي، ليڪن شاه صاحب ان ڳالهہ کي سنڌ سان منسوب ڪيو ۽ پنهنجن بيتن ۾ اهڙا اشارا پڻ ڏنا، جن جي آڌار تي ٻين سيني روايتن ۽ دعوائن کي رد ڪري سگهجي ٿو.

ڳالهہ هن طرح آهي تہ: "ڏهين صدي عيسويءَ جي آخر ۾ ٻارهين صديءَ جي شروع ۾ "ڏٿ" جي پَٽَ جو حاڪم "انڙ راءِ" هو، جنهنکي ڳالهہ ڪٺندڙن، انڙ، نڙ، نل، نر وغيره جي نالن سان ياد ڪيو آهي. ان ئي دؤر ۾ ٿر جي "ڪاٺڙ" واري حصي ۽ ان سان لاڳيتي جيسلمير واري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصي جو راجا ”پنگل راءِ“ هو، جنهن کي ڳائيندڙن پونگل، پونگڙ، پونگو، پنگهڙ، پينگهڙ، پوڳر، پڳر وغيره سڏيو آهي. اهو پونگل راءِ هڪ دفعي ڏڪارجي حالت ۾، پنهنجو مال ملڪيت ۽ ڌڻ وغيره وٺي، ”ڍٽ“ جي راجا ”انڙ راءِ“ جي راڄ ۾ آيو ۽ انڙ راءِ هنکي ڏاڍو مان ڏنو. ان طرح ٻنهي راجائن جي پاڻ ۾ گهري دوستي ٿي وئي.

ان دؤر ۾ ٻنهي راجائن جون راڻيون پيٽ سان هيون جن جو ذڪر ڪندي، ٻنهي راجائن اهو فيصلو ڪيو تہ ”پنهنجي راڻين مان جيڪر هڪ کي پٽ ۽ ٻيءَ کي ڌيءَ ڄائي، تہ وڏي ٿيڻ تي انهنجو پاڻ ۾ ”وهانءُ“ ڪيو ويندو. ڪجهہ عرصي بعد پونگل راءِ جي گهر ”ڌيءَ“ ۽ ”انڙ راءِ“ جي گهر ”پٽ“ پيدا ٿيو ۽ ٻنهي جو باقاعدي مڱڻو ڪيو ويو. جنهن بابت هڪ ڀاٽ هن طرح گواهي ڏني آهي تہ:

”انڙ“ نہ ”پنگڙ“ آڏوڏيا، پارسي پـيـپـر هيٺ،
جڏ ڪا سڳيڻ تا پيا، ”ڍولو“ ”مارو“ پيٽ.

جنهنجو مطلب آهي تہ:

(جڏهن انڙ ۽ پونگل هڪ مشهور پير هيٺ ويهي ڪچهري ڪري رهيا هئا، جڏهن ڍولو ۽ مارئي پيٽ ۾ هئا، تڏهن ئي انهنجو مڱڻو ٿي چڪو هو.)

ڏڪار ختم ٿيڻ تي ”پونگل راءِ“ پنهنجي علائقي ڏانهن هليو ويو ۽ انڙ راءِ پنهنجي خطي ۾ رهيو.

چند سالن بعد سومرا قوم جي پهرئين حاڪم همير سومري ڪاڻڙ واري علائقي تي حملو ڪري اتي پنهنجو راڄ قائم ڪيو ۽ ان سان گڏ ڍٽ جي ڪناري وارو شهر ”امرائو“ بہ پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو، جنهن تي پونگل راءِ هن تي بہ ٽي دفعا حملا بہ ڪيا، پر ڪامياب ٿي نہ سگهيو.

هاڻي پونگل راءِ پنهنجي قلعي ”پونگل ڳڙه“ ۾ رهي آسپاس وارن علائقن جي سنڀال ڪرڻ لڳو، جيڪو خطو اڳتي هلي ”پونگل ديس“ جي نالي سان مشهور ٿي ويو.

چند سالن ڪانپوءِ پونگل راءِ ۽ سندس دوست انڙ راءِ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڏي مگڻهار جڏهن ڏٺ  جي علائقي ۾ پهتو ۽ ڏولي جي دربار ۾ حاضر ٿيو، تہ دستوري راڳ ۽ تعريفي دوهن کانپوءِ پونگل ديس ۽ پونگل ديس جي شهزاديءَ جي سونهن جو بيان ڪرڻ لڳو. جيڪو لطيفي لفظن ۾ هيئن آهي:

"آمان" پڪا آميان، وڻ پڪا وٽيان،
ڪوريءَ گرجڻ سڀ پڪا ، رس وهي نيٽان.

*

ارهہ سونگا ، ننهن سپيان، ڏند تہ ٻنيهہ ٻاڻ،
ڏول تمهاري مارئي، جيئن سا هنج مياڻ.

*

ارهہ سونگا ، ننهن سپيان، نيڻ تہ منجهہ و منجهہ،
ڏول تمهاري مارئي، هٽي ڪڙندا هنجهہ.

آخر ۾ جڏهن هيئن چيائين تہ:

مارئي ايسي پاتلي، جيسي "ربڻ" ڪجور،
گهن گٽي، منهن ميني، تو ڪيئن ڇڏي ڏور !

تڏهن ڏولي جي دل پرجي آئي ۽ هڪدم پونگل ڳڙهہ ڏانهن تيار ٿيو.

جڏهن ڏولو پونگل ڳڙه ڏانهن تيار ٿيو تہ سندس داشتہ "مومل" ڪيس اوڏانهن وڃڻ کان روڪڻ لاءِ هيلا هلائڻ لڳي، پر ڏول نہ رهيو ۽ پنهنجو مختصر ساٿ وٺي پونگل ڳڙهہ پهچي ويو.

جڏهن "مارل" سان لائون لهي، "ڏولو" واپس موٽيو تہ "امرائي جي حاڪم "همير سومري" کي اها خبر پئجي وئي ۽ هن مٿس حملو ڪري، کانئس مارئي کسي، ڪوٽ ۾ بند ڪري ڇڏي.

"همير" جي مقابلي ۾ "ڏولو" ننڍو حاڪم هو، سو ڪليءَ طرح سائس وڙهڻ جي همت نہ ساري فقير بڻجي اچي "امرائي" ۾ رهڻ لڳو ۽ ڳجهہ ڳوهہ ۾ مارئي تائين پيغام پهچائي، پروگرام رٿي اونداهي رات ۾ مارئيءَ کي ڪوٽ تان ٽپائي پنهنجي علائقي ۾ پهچي ويو.

هوڏانهن جڏهن مومل کي اها خبر پئي تہ ان حسد ۽ رقابت جي باهہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان بي قابو ٿي، پاڻ کي ماڙيءَ سميت ساڙي ڇڏيو، جنهنجا ڪنڊر عمرڪوٽ جي موجوده شهر کان ميل پنڌ تي ڏکڻ طرف آهن، جنکي ڪي ماڻهو ”مومل گجر“ جي ماڙي به سمجهندا آهن، جيڪا ڳالهه بلڪل غلط آهي.

ڏولو جيئن ته همير سان دنگائي راجا هو، ان ڪري ڪيس همير جي حملي جو هر وقت خطرو رهندو هو، سو ان حملي کان بچڻ ۽ بي ڊپو ٿي رهڻ لاءِ هن ”هاڪڙي“ جو ڪنارو ڇڏي، ”رڻ“ جي هڪ شاخ جي ڪناري تي نئون قلعو وڃي ٺهرايو، جيڪو اڳتي هلي ”مارئي جو ڪوٽ“ يا ”مارل“ جو ڪوٽ سڏجڻ لڳو. جنهنجي ڪنڊرن تي ”حسن باغبان“ جو مقبرو آهي، جتي لطيف سائين چلو ڪڍيو هو ۽ راڳ جو بنياد پڻ رکيو هو.

”ڏولي ۽ مارئي“ جي انهي واقعي کان لڳ ڀڳ ٻه سؤ سال پوءِ ”عمر ۽ مارئي“ جو واقعو رونما ٿيو، جيڪو پڻ شاهه صاحب دؤر کان چار سؤ سال اڳ هو ۽ شاه صاحب جي دؤر تائين اهي ٻئي قصا پاڻ ۾ غلط سلط ٿي، ائين گڏجي ويا هئا جو ڪيترن شاعرن انهن کي هڪ قصو سمجهي ڳايو. مگر لطيف سائينءَ جي ڪلام ۾ اهي اشارا موجود آهن، جيڪي ٻنهي قصن جي نشاندهي ڪن ٿا، جنجي آڌار تي چوڻو ٿو پوي ته شاه صاحب جي سر مارئي ۾ جيترا دفعا ”عمر“ جو نالو آيو آهي، اوترا ئي دفعا ”همير“ جو نالو ملي ٿو، جنهن مان مراد ”همير سومرو“ پهريون آهي. جنهن ڏولي جي زال مارئي کنئي هئي، جيڪا ڪوٽ ۾ قيد رهڻ وقت، پٽ ڏٽيءَ جي ٻوليءَ ۾ همير سان هن طرح مخاطب ٿيندي هئي:

هاجا ڪريو همير ! بالله ٿو بند ڪرين !

*

ڪڏين ته ڪاڻ لهي، هتان هيءَ همير !

*

گهٽي ٿوري ڏينهڙين، ويندس هت همير !



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

تنين ريءَ همير، گنگهر گهاريان ڏينهڙا !

*

هيهڙو حال همير، وني شال ويڙه وجان !

اهڙي طرح همير جي حمايتي ٻائن، داين ۽ نوڪرياڻين کي اجهو هيئن ٿي ورندي ڏي ته:

هميراڻا هنڙا، ڪين مڃيندِيس مور،

ڊولي واري مارئي جڏهن همير سومري وٽ "امرائي" جي ڪوٽ ۾ بند هئي، تڏهن جيڪي آهون دانهون ٿي ڪيائين تنکي لطيف سائينءَ هن طرح بيان ڪيو آهي:

ٿيس ڪاٽياري ڪانڌ سين، هتي اچي هيئن !

*

"حقاٿو، هوت ٿيو، آئون هِت بنديائي.

*

مِلڪ ماروءَ جي آهيان، جور نه ٿيان جوءِ.

*

مون ماروءَ سين لڏيو، لوئي ۾ لائون.

*

جا سين ٿي ٿيان، ڪانڌ نه ڪنديس ڪو ٻيو.

*

ڪانڌ نه ڪنديس ڪو ٻيو، ور مارو سو ئي.

*

آءٌ ڪيئن سوڙٻين سمهان، مون ور گهاري ولهه.

اهڙي طرح شاهه صاحب کيس نصيحت ڪندي ڏس ٿو ڏي ته:

وسارج مَ ور کي، پئج مَ منڌ مري !

۽ کيس دعا ڪندي فرمائي ٿو:

لڏيئي جت لائون، سو ڏيهه پسنديءَ مارئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارئي جي سر ۾ نه فقط اهي اهڃاڻ آهن، پر هڪ اهڙو وڏو اهڃاڻ به آهي، جنهنجي آثار تي، اهو اعلانيه چئي سگهجي ٿو ته: "مارئيءَ جي سر ۾ اڌ مواد، ڍولي واري مارئي بابت آهي" ۽ اهو اهڃاڻ آهي ڍولي يا ڍول جو نالو جيئن فرمائي ٿو ته:

سانگي ساريم سومرا، "ڍاٽي پاسي ڍول".

*

"ڍولا - مارو" مون سان پرچن شال پنهوار.

شاهه عبداللطيف رحه جي وڏي هم عصر ۽ بزرگ شاعر، "ميين شاه عنات رضوي" به پنهنجي ڪلام ۾ همير بابت جامع اشارا ڏنا آهن. جيئن:

سدائين همير جي، ڪنبن پير ڪتڪ.

*

پرچون پهنوارن سين، هاجا چڏيين همير.

*

همير نثون هاڻ، مهت لهندي مارئي.

شاه ڪانپوءِ جو سڄاڻ شاعر خليفو نبي بخش "قاسم" به سر مارئيءَ ۾ اهڙا اشارا ڏيڻ لاءِ مجبور ٿي وڃي ٿو ۽ ڍولي هٿان مارئي جي آزاد ٿيڻ واري واقعي ڏانهن اشارو ڪندي فرمائي ٿو ته:

"قاسم" آيا ڪارٽي، پڳي هام "همير"

مطلب ته "عمر ۽ مارئي" توڙي "ڍولي ۽ مارئي" جو قصو اڄ تائين مونجهاري ۾ رهيو آهي، جيتوڻيڪ ان بابت شاه جي ڪلام ۾ صاف صاف ۽ واضح اهڃاڻ موجود آهن، جن ۾ عمر ۽ مارئي کان، ڍولي ۽ مارئي کي اوليت آهي.

ڍولو نرور، جيڪو ڍٽ جي علائقي جو راجا هو تنهنجو اثر ڪانئس پوءِ به باقي رهيو، جنهنجو ثبوت اهو آهي ته ڍولي کانپوءِ انهيءَ خطي تي "راءِ چنيسر داسڙي" به حڪومت ڪئي ۽ ليلان ۽ ڪونروءَ جي وابستگيءَ سبب، ان کي به شاعرن ڳايو ۽ ڪيس، "ڍٽ" جي حاڪم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئڻ سبب ”ڊولو“ سڏيو.

حضرت پٽ ڌڻيءَ جي ڪلام ۾ به اهڙا اهڃاڻ ملن ٿا، جيئن ليلان جي زبان ۾ فرمايو اٿس تہ:

”ڊوليا !“ ڊيل مَ مون، ڪانڌ ڪميڻي آهيان.

*

”ڊول“ ڪــچاڙي لاءِ ٻــولايــو ٻــوڏ چئــين !

اهڙي طرح جڏهن انهيءَ ساڳيءَ ايراضيءَ ۾ ”راڻي ميندري“ ۽ ”مومل گجر“ جو قصو مشهور ٿيو تہ شاعرن ”ميندري“ کي بہ ”ڊولو“ يا ”ڊول“ وغيره ڪونيو ۽ شاهہ صاحب وٽان بہ اهڙي گواهي ملي ٿي، جيئن سر مومل راڻي ۾، مومل جي زباني فرمايو اٿس تہ:

تــون ڊولــيــو ڍٽ ڌڻــي، ڊولا تــنــهــنــجو ڍٽ !

*

ڍٽ مَ وجھ ڊول ڪــاٺــيــاري ڪــاڻ ڪــري !

عام طرح سگهڙن وٽان هڪ ڳجهارت بہ ملي ٿي، جيڪا ”سيريين“ . ”ڍٽ“. ”ڊولي“ (ميندري) ۽ ”گجرن“ بابت اجتماعي اهڃاڻ پيش ڪري ٿي، جيئن:

”مال جون“ ، آيون، ”پوک جن“ پيون، ”نالي“ هنيون، ”ولات“ نمِن.

پڇڻي اٿس تہ:

”گجرون“ آيون، ”سيريين“ پيون، ”ڊولي“ هنيون، ڍٽ نهيون.

مطلب تہ ڊولي نرور جي لافاني داستان سبب، اهو قصو، سنڌ کان ٻاهر نڪرى ڪڇ، ڪانياواڙ، گجرات، نيڙ، بيڪانير، جيسلمير، بهاولپور، پنجاب ۽ بلوچستان جي علائقن ۾ بہ مشهور ٿي ويو ۽ اتي جا شاعر بہ مکيہ ڪردارن کي ڊولو، ڊوليو، ڊول ۽ ڊولڻ ڪوٺڻ لڳا. انهيءَ ڏس ۾ ٻين اهڃاڻن ڪانسواءِ، تازو ملڪہ ترنم نورجهان جي ڳايل هڪ جنگي نغمي کي ثبوت طور پيش ڪري سگهجي ٿو. جنهن جو ٽُل آهي:

ميريا ”ڍول“ سپهيا، تينون رب ديان رکان!

سو ڳالهہ پئي ڪيم تہ شاه صاحب، پنهنجي هن سفر ۾ ڊولي ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارئي کي نہ رڳو ٿري زبان ۾ ڳايو، بلڪ مارئيءَ جي سر ۾ بہ هن ڳالهہ جا ٽاٽا ۽ اهڃاڻ ڏيئي، انهيءَ قصي کي هميشہ لاءِ زنده ڪري ڇڏيو.

اڄ بہ برسات جي منڊ ۾ ٿر جا ڏاڏي ڪنوڻ جو چمڪاٽ ڏسي، هڪدم چوندا آهن تہ:

اڄ اترات ۾، نيچي ڪپي نهل،
"ڪا پونگل" ڳڙهہ ري باکڙين، ڪا "مارو" تٽين محل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

و:

# "سيرئين کان ڪپوراڙي تائين"

"سيريين" جي سير ۽ سفر ڪانپوءِ، شاه سائين، ان علائقي کان اتر طرف روانو ٿيو. "ريٽيءَ، جي انهي شاخ جي ڪناري سان اڳتي، هنکي جيڪي آثار ۽ شهر سامهون آيا، تن ۾ "ڳاڙهو پڙو"، سامارو، ۽ ساماري جي ڍنڍ خاص هئا. ڳاڙهي پڙي بابت هڪ روايت اها به آهي، تہ اهي آثار "ساماري قديم" جا هئا، جيڪو شاهہ صاحب جي دؤر کان بہ اڳ جو ڦٽي ويل هو. ٻئي طرف شاه صاحب جيڪو سامارو ڏٺو هو، اهو بہ هن وقت ڪنڊرن جي شڪل ۾ آهي ۽ "ساماري جي ڍنڍ" بہ پنهنجي شڪل بدلائي چڪي آهي.

شاه صاحب، سر سارنگ ۾، جتي "پراڻ جي پٽ" کان پوءِ "ناري پٽ" کي ڳايو آهي تہ:

"پـريـائـين پــيـــر پــئـي، نــظــر ٻــين نــارو"

اتي ناري پٽ جي ايراضيءَ "ساماري پٽ" ۽ ساماري شهر جو بہ ذڪر ڪيو آهي. جيئن فرمائي ٿو تہ:

ونــا پــٽ "پــراڻ" جا، ونــيــون "ســامـــاري"

يا

"چنچل ڏيئي چوٽ، سڀ "سامارو" سر ڪيو.

شاهہ صاحب کان اڳ ۾، سندس وڏي هم عصر، "ميين شاه عنايت رضويءَ" بہ "ساماري" کي ڳايو آهي، جيئن سر سارنگ ۾ فرمايو اٿس تہ:

ونــا پــٽ پــراڻ جا، "اڪــڙي، "ســامـــارو"،

ساماري کان اڳ ۾، انهيءَ پٽ جو نالو "سامير" يا "سومير" هو، جيڪو پوءِ "سمير" سڏجڻ ۾ آيو آهي، جنهن کي ڪنهن "ماموي فقير" هن طرح پاراتو ڏنو آهي تہ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سمير ۾ نہ ساريون، "ڪلريءَ" ۾ نہ ڪماند،
هر، هاري ۽ ڏاند. ڪوهہ ڄاڻا ڪيهيءَ ويا ؟

"ساماري جي ڍنڍ" کان اولهہ طرف، "ريٽيءَ" جي ساڄي پاسي "همير هور" جو پٽ آهي، جيڪو هن وقت جيمس آباد تعلقي جي ايراضيءَ ۾ اچي وڃي ٿو ۽ ڍنڍ کان اتر طرف وري "ٻوئلي جو پٽ" ۽ اڳتي "کن" جو علائقو اچن ٿا. جتي ريٽيءَ جي شاخ جي ڪناري سان "پوريءَ" جي شهر "اونچل ڪوٽ" جا ڪنڊر آهن، جن جي اولهہ ۾ انهيءَ ايراضيءَ جو مشهور قبرستان "رام جاڳو" آهي، جتي "سما دؤر" جو مشهور عالم ۽ بزرگ "مخدوم عبدالرحمان جاڳو شهيد" دفن آهن، جنهن جي ڪليل ڪرامتن کان متاثر ٿي، "نڪرن" ڪيس "رام جاڳو" ڪوٺيو، جيڪو نالو مشهور عام ٿي ويو.

اهي آثار، هن وقت جي جاگرانيءَ موجب "صالح پنيري اسٽيشن" جي اولهہ ۾ آهن ۽ ان جي اوير ۾ "ستڙين جو ديرو"، "راڻي جو ٽان" ۽ "ڏاڏي آدم جي ٻني" آهي، جنهن اندر "ساري سنگهار جي ترائي" آهي. جنهن جي ڪناري سان، هڪ وڏو پٿر ڪتل هو، جنهن کي عام طرح سيئي ماڻهو "ساري سنگهار جو نهيرو" سڏيندا هئا.

"سارو سنگهار" سنڌ جو وڏي ۾ وڏو مالدار هو، جنهن وٽ هر قسم جو مال هو، جيڪو سنڀالڻ لاءِ سانٽس گڏ هڪ وڏو راڄ رهندو هو.

١٥ صدي عيسويءَ ۾ جڏهن انهيءَ ايراضيءَ تي سومرا قوم جو آخري راجا "همير" حڪومت ڪري رهيو، جنهن مومل جي واقعي تان ڪاوڙجي جڏهن سندس سالي "راڻي مينڌري" کي جيل ۾ وڌو هو ۽ چيو هئائين تہ: "جيڪو بہ طعام چوين، ان مان توکي هڪ گره روز ملندو". جنهن تي راڻي منڌري، پهرات ڳئون جي پهرئين ڏينهن جي پس جو گره طلب ڪيو هو. جيڪو همير کي "ساري سنگهار" کان ئي ملندو هو. جنهن مان ئي اهو اندازو ٿي وڃي ٿو تہ هن وٽ ڪيترو مال هو؟

پٽ ڏٺي، انهيءَ علائقي مان گهمندو، سومرا دؤر جي بزرگ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"حضرت شاه اسماعيل" جي مزار تي فاتح پڙهندو هاڪڙي جي هڪ شاخ، جنهن کي هن وقت چندڻ سڏيو وڃي ٿو، جو ڪنارو ڏيئي "ڪپوراڙي" جي پٽ ڏانهن روانو ٿيو جيڪو پٽ ساري سنگهار جي لائق ڏيءَ ڪپوريءَ جي واسطي سبب، انهيءَ نالي سان مشهور آهي.

ڪپوراڙي جي اولهه ۾ "اڪڙيءَ جو پٽ" آهي، جتي قديم دؤر ۾ "اڪڙو وڏو" ۽ "اڪڙو ننڍو" نالي سان، بہ شهر آباد هئا. جن جي اولهه ۾ ٿوري پنڌ تي ۽ اڪڙي جي موجوده شهر جي ڏکڻ ۾، "بچاءَ بند" جي ڀنهي پاسن اڪڙيءَ جي قديم شهر جا کنڊر موجود آهن. جنهن جو ئي ذڪر ميين شاه عنايت رضويءَ ساماري سان گڏ ڪيو آهي. جيئن:

ونا پٽ پراڻ جا، اڪڙي سامارو.

اڪڙيءَ جي ير وارو اهو بند، فقط ريڻي نديءَ جي ٻوڏ کان بچڻ لاءِ ٻڌايل آهي، جنهن جو پاڻي سندس ڪابي ڪپ، يعني ايرندي طرف ڏانهن ئي حملو ڪندو هو.

ريڻي نديءَ جي پيٽ مان "منزائو واهه" ڪڍيو ويو آهي: جنهن جي اها خاصيت آهي تہ ان ۾ اڄ تائين ڪٽي بہ ريت گڏ نہ ٿيو آهي. انهيءَ لحاظ کان منزائو واه سنڌ جو سڀ کان بهترين واهه ڳڻيو وڃي ٿو.

ريڻي ندي جيڪا اونهاري جي مند ۾ اٿل ڪري "ناري" کي ٻوڙيندي هئي، سا جڏهن ختم ٿي وئي ۽ ان جي جاءِ تي هاڪڙي جون شاخون ڪم ڪرڻ لڳيون هيون ۽ اهي بہ جڏهن گهٽي پاڻيءَ سبب اٿل ڪنديون هيون، تہ انهن کي بہ ناري جا رهاڪو ريڻي ڪوٺيندا هئا ۽ وقت جي ڪٿ وقت بہ ريڻيءَ جو حوالو ڏيندا هئا تہ، جڏهن ڀرين ريڻي آئي تڏهن هيئن ٿيو هو. ٻي ريڻي وقت هيءَ ڳالهه هئي يا ٽي ريڻيءَ ۾ هن طرح لڏ پلاڻ ٿي هئي"، وغيره.

ڪلهوڙا دؤر جي مشهور شاعرن ميين شاه عنات رضوي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ پنهنجي جاگرافيائي ڪٿ ۾ ترپارڪر جي ريڻيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان اولھہ طرف واري ياڳي ڪي ”پراڻ جو پٽ“ ۽ ايرندي واري پاسي ڪي ”نارو“ ڪوٺيو آھي، جيڪو مختلف نالن سان ننڍين ايراضين ۾ پڻ وراھيل آھي، جن مان ھڪ مختصر ايراضيءَ جو نالو ڪپوراڙو بہ آھي. جتي سارو سنگھار بہ ساڪن ھو تہ ان جي پھلوان ڏيءَ ڪپورئين يا ڪپوريءَ سان گڏ ڪڇ ۽ سنڌ جو مشھور سورھيہ ”ڪارائڙو“ ڪونڌر بہ رھندو ھو.

ڪارائڙو ڪونڌر اصل ۾ ڪڇ جي علائقي جو ”ڪونڌر“ ھو، جيڪو ڪڇ ۽ سنڌ جي سرمائيدارن جون ملڪيتون ڦري، ملڪ جي غريبن ۽ ضرورتمندن کي ڏيندو ھو. ھنجي عادت ھوندي ھئي تہ ڪنھن بہ ملڪيت واري کي ڦرڻ کان اڳ اطلاع ڪندو ھو تہ: ”آئون فلاڻي تاريخ، فلاڻي ٽائيم تي ڦر ڪرڻ ايندس.“ پوءِ ھو ان وقت اتي پھچي، ھزارين ماڻھن جي وچان ڦر ڪري نڪري ويندو ھو.

ھن جي ٻي عادت اھا ھئي تہ ھو نہ ڪنھن عورت جا زيور ڪڍندو ھو ۽ نہ وري ڪنھن نياڻي جو ”ڏاج“ کسيندو ھو. ان ڪري سيئي ماڻھو کيس ”سرھو چور“ يا ”سھڻو ڦورو“ ڪوٺيندا ھئا. ڪارائڙو اھڙو وڏو پھلوان ھو، جنھن کي سگھڙن ”سنڌ جي ستن سورھين“ ۾ ڳڻيو آھي.

سنڌ جو مشھور مالدار، سارو سنگھار جڏھن مال جي سانگي، ڪڇ ڏانھن ويو تہ ”ڪارائڙي“ سان سندس ڏيٺ ويٺ ٿي ۽ کيس پنھنجي خوبصورت ۽ پھلوان ڏيءَ ڪپوريءَ جو سڱ ڏنائين، جيڪا بہ اھڙي پھلوان ھئي، جو ان جي موجودگيءَ ۾ ڪنھن ”ھاٺوءَ“ کي مال ڪاھڻ جي ھمت نہ ٿيندي ھئي.

جڏھن سارو سنگھار سنڌ ڏي آيو تہ ڪارائڙو ڪونڌر بہ ساڻس گڏ سنڌ ۾ اچي سڪونت پذير ٿيو ۽ ”ڦرڻ وارو“ شغل ڇڏي ڏنائين.

ڪارائڙي جي انھي تبديليءَ کي ڏسي، ڪڇ جي ماڻھن وني اھو ھل ھلايو تہ ڪارائڙو ھاڻي ڪمزور ٿي ويو آھي ۽ منجھس ڦر ڪرڻ جي ھمت نہ رھي آھي.

اھي ڳالھيون جڏھن ھنجي ڪن تي پھتيون، تہ ھي ڪڇ ڏانھن تيار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيو. ڪپوريءَ ڪيس ڏاڍو روڪيو، پر هي تہ رهيو ۽ ڪجھ ڏينهن کان پوءِ اتي جي راجا کي نياپو موڪليائين تہ: "آئون فلاڻي تاريخ تي، اڌ رات جو تنهنجي محلات ۾ پهچي، تنهنجا هيرا، جواهر اچي ڪٽندس."

ڪارائڙي جوا هو نياپو ملڻ تي، راجا پنهنجن خاص ماڻهن جي صلاح سان، محلات جي چوڌاري کاهي کٽائي، ان ۾ لوهہ جا انبور هڻائي ڇڏيا ۽ آس پاس ۾ چيٽن جا ڍڳ ڪرائي ڇڏيا.

جڏهن مقرر ٽائيم تہ ڪارائڙو ڪونڌر محلات ۾ داخل ٿيو تہ چيٽن جي ڍڳن کي باهہ ڏني وئي، جنهن ڪان ايترو تہ دونهون پيدا ٿيو، جو ڪارائڙو مونجهي، ان دونهين ۾ منجهي پيو ۽ کاهيءَ ۾ انبورن ۾ ڦاسي پيو. جتي کيس ڦاٿل ڏسي راجا جي سپاهين مٿس تيرن سان حملو ڪري ماري وڌو.

ڪارائڙي جي موت بعد راجا جي حڪم موجب سندس ڌڙ اتي دفن ڪيو ويو ۽ "سر" سنڌ علائقي ۾، ساري سنگهار ڏانهن موڪليو ويو.

جڏهن ڪارائڙي جو سر سنڌ ڏانهن پئي آيو تہ ان دؤر ۾ سارو سنگهار، "سمير" جي علائقي جي اڪڙيءَ پٽ جي انهيءَ ايراضيءَ ۾ رهيل هو، جنهنکي هن وقت ڪپوراڙو سڏيو وڃي ٿو.

ڪارايل ڪونڌر جو سر، جيئن ڪپوريءَ تائين پهتو تہ هوءَ پنهنجو سارو هوش حواس وڃائي ويٺي ۽ سورهيہ جو سر پينگهي ۾ وجهي لوڏڻ ۽ اهڙو تہ روج راڙو ڪرڻ لڳي جو اهو ملڪان ملڪ مشهور ٿي ويو ۽ ناري پٽ جي اها ايراضي سندس نالي پويان ڪپوراڙو سڏجڻ لڳي.

سندس انهيءَ عمل ۽ روج راڙهي ڏانهن اشارو ڪندي حضرت پٽ ڌڻي اجهو هيئن فرمايو آهي تہ:

ڪارايل جي ڪوڏ، مون "ننگر" گهٽا نهاريا،
پينگهي پيو "لوڏ"، سر "سمي جام" جو.

شاهہ صاحب کانسواءِ لاڙ جي سڄاڻ شاعر خليفي نبي بخش "قاسم" پڻ ڪپوريءَ جي اوسارن ۽ پارن جي ترجماني ڪندي، ڪهڙو نہ لاجواب چيو آهي تہ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارايل مون ساڻ، ڪر ڪالهوٽيون ڳالهڙيون،
رات و ڏينهن رهاڻ، ”سما“ تنهنجي ساريان !

*

ڪارايل مون وٽ، ڪر ڪالهوٽيون ڳالهڙيون،
ڪامان پسيو ڪٽ، جنهن سر ڏنئي پيرڙا.

*

ڪارايل کي نہ فقط شاهہ صاحب، خليفي ۽ ٻين شاعرن ياد ڪيو هو، پر اڄ بہ ڪيس سماٽ قوم جون عورتون، پنهنجي ڪنهن پياري عزيز جي موت وقت ياد ڪندي، نہ رڳو شاه صاحب جا ۽ خليفي جا مٿيان بيت چونديون آهن، پر وڏيڪ هيئين بہ چونديون آهن تہ:

نڪو ڪارايل جهڙو، نڪا ڪارايل لوڏ،
ڪونڌر منجهان ڪوڏ، ڪنڌ وڍايو ڪڇ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ز:

# ”ڪلري ۽ سيريبن جو سير“

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه ”هميراڻي“ جي ”اولهه“ ۽ ”اتر اولهه“ طرفن جو سير ڪرڻ کان پوءِ ڪپورازي جي ايراضي مان ”گل جي پتڻ“ وٽان هاڪڙو درياهه پار ڪري. هميراڻي جي اتر اوڀر واري پاسي ڪلريءَ جي پٽ ڏانهن روانو ٿيو؛ جتي قديم دؤر ۾ ”همير سومري جو چراگاهه“ هو. جنهن کي عام طرح ”هميراڻو ويءُ“ ڪوٺيندا هئا.

هڪ دفعي انهيءَ ”ويءُ“ جي ايراضيءَ ۾ سومرن جي آخري راجا همير سومري ۽ سندس ساٿين، ”ڳموريءَ جي ڍنڍ“ منجهان روجهه ماري هئي ۽ اتي ئي ڏتڙيل حال ۾ ڪين ”اونچل ڪوٽ“ جو شهزادو مليو هو، جنهن بابت ڍٽ جي قديم شاعر راڳهي فقير هن طرح گواهي ڏني آهي ته:

چڙهيا چارئي چاڳلا، چارئي يار چڱا،
ڪتن سونيون سنگهرون، هيري سان هنا،
روجهه ماريائون ”راڳهو“ چئي، ڳموري ڳنا،
ڏٺائون ڏتڙيل حال ۾ ”فقير“ منجهه فنا،
سامي سچ ڳنا، هو جوڳي جور جرڪٿو.

همير ۽ سندس ٻين ساٿين (جيڪي پاڻ ۾ ڪل چار هئا) جي شڪار تي چڙهڻ بابت لاڪيٽي لطيف پڻ نشاندهي ڪئي آهي، جيئن فرمائي ٿو ته:

”چڙهيا چارئي يار، سوڌا شڪاري ....“

”اونچل ڪوٽ“ جو شهزادو جيڪو ڏتڙيل حالت ۾ همير ۽ سندس ساٿين کي گڏيو هو. تنهن جو نالو ”راول“ هو ۽ اهو نهايت حسين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ جميل هو، جنهن جي سونهن بابت حضرت پٽ ڌڻي رحه ڪي ٻه چوٽو پيو تہ:

سج سهائي جا ڪري، سامي سائي روءِ،
اڇي ٿي عطر جي، منجهان مگهٽ بوءِ،
سا ڏيکاربائين جوءِ، جتان لاهوتي لعل ٿيو.

اهو ٻي حال شهزادو همير جو پاڙيسري راجا هو. جيڪو هميراٹي جي ايراضيءَ جي اولهہ ۾، "ڪن" واري ايراضيءَ ۾ پنهنجي سهٹي شهر "اونچل ڪوٽ" ۾ رهندو هو. ان پنهنجي حال ٻڌائڻ سان گڏ "ڪاڪ محل" جي "سونهن پرين" جو ذڪر پڻ ڪيو، جيڪو لطيفي لفظن ۾ هيئين طرح آهي:

جهڙا گل حيات جا، تهڙا مٺن وبس،
چوٽا تيل چنبيلئا، ها هو هپيس،

جوڳياٹي روپ ۾ شهزادي سان ملاقات بابت بہ وڌيڪ واضح شڪل ۾ پٽ ڌڻي اڇهو هيئن بہ فرمايو آهي تہ:

جوڳيءَ جاڳائي. "ماري وڌا مامري ....

همير، "راول شهزادي" کان گجرين بابت احوال پڇڻ لڳو. جنهن بابت شاه صاحب کان بہ شاهدي ملي ٿي تہ:

آءُ لانگو تيا لال! ڪنهن پر ڏنئي گجربون؟

ڏنڙيل شهزادو، مومل جي حسن جو بيان ڪرڻ لڳو، جيڪو شاهہ جي ٻوليءَ ۾ هيئينءَ طرح آهي:

"مومل" ڪي مجاز جا، اکين ۾ الماس،
نڪا عام، نہ خاص، جي وبا سي وڍيا.

"ٻي حال شهزادي" جي واتان، مومل جي حسن جي اهڙي تعريف ٻڌي، همير سومرو ۽ سندس ساٿي، هرڪجي پيا ۽ ڪاڪ ڏانهن هلڻ جي اهڙي تڪڙي تياري ڪيائون، جو لطيفي لفظن ۾ جڻ هڪٻئي کي چئي رهيا هجن تہ:

هلو هلو ڪاڪ تڙين!، "چرو" جت چڙهن،
ڪوڙين رنگ رچن، "پانوڙي" جي پڪ سين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخرڪار هي چارئي يار هلڻ جو پروگرام ٺاهي، ڪاڪ طرف روانا ٿيا. ڪاڪ تي پهچي جڏهن منزل انداز ٿيا ته ”ناتر“ سندن آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ هڪ ٻه ڏينهن رهڻ بعد ڪين مومل ڏانهن هلڻ جي دعوت ڏنائين. جنهن تي سڀ ڪان ڀرين ”همير سومرو“ روانو ٿيو. طلسمي محل وٽ پهچي هو وائڙو ٿي. ڏڄي پوئتي موٽي آيو. همير کان پوءِ ”ڏماچائي سينهڙو“ ۽ ”ڏونئر ڀٽي“ واري واري سان ويا اهي به گهبرائجي اڌ منجهان پوئتي وري آيا.

آخر ۾ راڻو ميندرو روانو ٿيو. جنهن ساٿين جي شڪست جو راز پروڙي، اتي پهچي سامهون ايندڙ طلسمي سمنڊ تي سوپاري هٽي سمورو حال معلوم ڪري ورتو، لاڪٽي لطيف کان ته ان بابت اشارو ملي ٿو ته:

”فڪر ساڻ ڦٽي ڪئي سوڍي سوپاري ....“

مطلب ته راڻو ميندرو دوستن کان مليل احوال ۽ ناتر کان حاصل ڪيل معلومات بعد طلسم جا راز پروڙي، مومل جي محلات تائين پهچي ويو ۽ وجي ساٿس لائون لڏائين.

جڏهن راڻو موٽي يارن وٽ آيو ته سيني کيس واڌايون ڏنيون ۽ مٿس رشڪ ڪيائون. همير سومري (جيڪو سندس ڀيڻويو به هو) کيس مومل جي حسن جي هڪ جهلڪ ڏيکارڻ لاءِ چيو راڻو کيس ڏنارن جهڙا ڪپڙا پارائي. مينهن ڏهڻ جي بهاني اوڏانهن وٺي ويو. هن کي ڏسندي ئي مومل سمجهي ويئي ته اهو ڏنار نه، بلڪ همير سومرو آهي، سو راڻي کي ڏوراپو ڏيندي چيائين ته:

راڻا نه جاتوءِ، وڏي ويڻ ورسئين،
ڪوجهو ڪوهه ڪيوءِ؟ ست پٽيرو سومرو.

(شاهه)

مومل جي واتان اهڙا الفاظ ٻڌي همير، راڻي تي نهايت گهڻو ناراض ٿيو ۽ ٻاهر اچڻ تي ساٿين جي مدد سان راڻي کي اٺ تي ٻڌي اچي عمر ڪوٽ پهتو ۽ اتي کيس ”اندار يونئري“ ۾ بند ڪري ڇڏيائين. آخر جڏهن گهڻين ميڙين ۽ منٿن بعد کيس آزاد ڪيائون. ساٽس اهو به شرط لاڳو ڪيائين ته: ”هو هاڻي ”ڪاڪ تي مومل وٽ ڪڏهن به نه ويندو!“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مگر راڻو جيڪو مومل جي محبت ۾ گرفتار ٿي چڪو، سو رهي نہ سگهيو ۽ هڪ پلو اڻ چوندي. ان تي سوار ٿي ڪاڪ تي وڃڻ لڳو، هر ڪنهن مهيني ۾ ٽي دفعا ويندو هو. انهيءَ هل هلان ۾ جڏهن هڪ رات هن مومل سان گڏ ڪنهن بئي کي ستل ڏٺو تہ هو ناراض ٿي پنهنجو لڪڻ مومل جي پر ۾ ڇڏي هليو ويو.

هاڻي مومل لاءِ وڏي مشڪل پيدا ٿي پئي ۽ هن راڻي کي يقين ڏيارڻ لاءِ اهو چوائي موڪليو تہ "مون سان ان رات توهان جيڪو مرد ستل ڏٺو هئو، اها منهنجي ڀيڻ "سومل" هئي، جنهن کي مون تنهنجي سڪ ۾ مردانو لباس پهرائي پاڻ سان گڏ سمهاريو هو." مگر راڻي سڪو ۽ رکو جواب ڏياري موڪليو، جنهن مومل جون متيون منجهائي وڌيون اها ڳالهہ پٽ ڌڻي هن طرح بيان ڪئي آهي تہ:

گجر گهٽا گهائيا، پاٽان لڱس گهاءُ،
ميندري ملاءُ، لڱس ڪان ڪپار ۾.

هاڻي مومل جون اکيون کليون ۽ هوءَ .... پاڻ کي اڪيلي، بيوس ۽ مجبور محسوس ڪرڻ لڳي سو لڙڪ لاڙيندي راڻي کي نياپن ۽ خطن وسيلي منٿون ڪرڻ ۽ پڪارڻ لڳي تہ:

رَسم، رسڻ گهوربو، ڇڏ راڻا ريماڻي.
ميٺ منهنجي ميندرا، عاقل اگلائي.

مومل جا جڏهن انهيءَ قسم جا نياپا ۽ خط اچڻ لڳا. جن ۾ ڪاڪ جو ذڪر، ڪاڪ جي تعريف ۽ ڪاڪ تي اچڻ لاءِ دعوت بہ هئي تہ عرض ۽ آزيون بہ هيون. تہ راڻي ان کي جيڪي ورنديون موڪليون، تن کي شاهہ صاحب هن طرح شعر جو روپ ڏنو آهي:

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا نہ محلن،
بائن ۽ بانهين جا بندڻ ڪين بجهن،
لڪين لاهوتين اهڙيون اوري ڇڏيون.

راڻي جي طرف کان اهڙا جواب ملڻ بعد مومل جا سڀ آسرا ختم ٿي ويا ۽ هوءَ نهايت بي حال بڻجي پيئي ۽ هر وقت جيڏين سرتين آڏو روئندي، پٽيندي چوندي هئي تہ:


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڏيون منهنجي جيءَ سين، راڻي رڻ ڪيو،
قلب ڪاڪ ڪنڌيين، پرزا ٿي پيو،
ٻجهان ٻهر وڃو، هيون هنڌ نہ هيڪڙي.

جڏهن مومل جا سڀ حيلا ٻي ڪار ٻنجي ويا ۽ آهون ۽ دانهون ٻي اثر ثابت ٿيون تہ هو. ڪاڪ کي الوداع چئي، فقيراڻو ويس پهري، ڏٺ جي "سيريين" واريءَ ايراضيءَ ۾ آئي ۽ راڻي جي شهر جي قريب هڪ ننڍو محلات ٺهرائي اچي رهي. جتي راڻي سان دوستيءَ جو ناتو ڳنڍيائين.

راڻو، مومل کي فقيراڻي ويس ۾ سڃاڻي نہ سگهيو ۽ ساڻس دوستيءَ جو ناتو نباهيندو رهيو. هڪ دفعي چوپڙ راند ڪندي مومل جي ٻانهن تان ڪپڙو پري ٿي ويو ۽ سندس ٻانهن تي "لسڻ" جو نشان ظاهر ٿي پيو، جيڪو ڏسندي راڻو کيس سڃاڻي ويو ۽ هڪدم اٿي پنهنجي گهر ڏانهن هلڻ لڳو. مومل سندس پيرن تي ڪري پيئي ۽ زارو زار روئي منٿون ڪرڻ لڳي مگر راڻو راس نہ آيو ۽ مومل کي پري ڌڪي هليو ويو.

راڻي جي اها روش ڏسي، مومل بلڪل مايوس ٿي ويئي ۽ ٻيو ڪوبہ چارو نہ ڏسي ستي ٿيڻ لاءِ ڪانيون گڏ ڪرائي ڏاگهہ تي چڙهڻ جي تياري ڪيائين.

جڏهن راڻي کي اها خبر پهتي تہ هو اهو تماشو ڏسڻ لاءِ گهوڙي تي سوار ٿي اچي اتي پهتو، پر هن جي پهچڻ کان پهرين، باهہ ڏڳي چڪي هئي ۽ مومل مچ جي وچ ۾ هئي.

مچ جون ڄڀيون ڏسي راڻي جي گهوڙي کيس مچ ڏانهن ڇڪيو. راڻي گهڻيئي بچڻ جي ڪوشش ڪئي پر بچي نہ سگهي ۽ گهوڙي سوڌو جلي رک ٿي ويو.

مومل جي ڏاگهہ چڙهڻ ۽ راڻي جي سڙڻ جا نشان "راڻي جي ڀڙي" لڳ موجود آهن، جن کي مومل جي ڀڙي سڏيندا آهن. ان جي اولهہ ۾ اڌ ميل پنڌ تي "هاڪڙو" آهي. "ڪاڪ" ۽ لداڻي" جي ايراضي اٽڪل ١٨٠ ميل اتر طرف. "چتربل جي تڙ وٽ آهي، جتي هڪ پراڻو کوهہ پڻ آهي. جنهن ۾ اندر وڃڻ جي لاءِ ڦيريدار ڏاڪڻ ٺهيل آهي. کوهہ جي لڳ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پراڻي ڪوٽ جا ڪنڊر آهن. جن جي چڙهڻ لاءِ پڻ ڦيريدار ڏاڪڻ ٺهيل آهي ۽ انهيءَ ڪوٽ اندر، هڪ پٿرائين محلات جا ڪنڊر پڻ آهن؛ جن کي ”مومل جي محلات“ چوندا آهن. جن جي پر ۾ مومل طلسم تيار ڪيو هو.

مومل جي ڪاڪ ۽ لڊاڻي وارن آثارن کان جيسلمير جو شهر ڏهه ميل کن اوير طرف آهي. اتان ۴۰ ميل کن اتر اولهه طرف ”ماٿيلي“ جي پراڻي شهر جا ڪنڊرات لين ٿا. جتي چوڏهين صديءَ جي آخر ۽ پندرهين صديءَ جي شروع ۾، گجر قوم جي ”راجا نند“ جي حڪومت هئي ۽ جيڪو خزاني جي گم ٿيڻ ۽ مومل جي طلسم ٺهڻ کان پوءِ ماٿيلو ڇڏي لاڙ طرف هليو ويو هو. اتي هن پنهنجي لاءِ هڪ نئون ڪوٽ وجي ٺهرايو هو. جنهن جا ڪنڊر ”سيراڻيءَ کان پنج ميل اولهه ڏکڻ طرف اڄ بہ موجود آهن جن کي هن وقت بہ ”نند ڪوٽ“ سڏيو وڃي ٿو.

راجا نند کان پوءِ سندس پٽ ”ڪانجي“ ساماٽو جنهن ڪڇ جي ڪناري سان ”پوراڻ دريا“ جي قريب هڪ مضبوط پٿرائو قلعو وجي ٺهرايو. جيڪو ٽٽل شڪل ۾ اڄ بہ موجود آهي.

## سخي چام ڪرن جي راڄڌاني جا آثار:

شاه صاحب مومل ۽ مينڌري جا تاريخي ماڳ ۽ آثار ڏسڻ کانپوءِ انهيءَ ايراضي سان لاڳيتن آثارن ڏانهن آيو، جيڪي چام ڪرن جي نالي سان مشهور آهن. هن وقت اهي عمر ڪوٽ کان ڇهه (6) ميل الهندي طرف ساماري واري رستي جي لڳ موجود آهن. هن وقت اها ايراضي ”سونپور“ جي نالي سان مشهور آهي ۽ هينئر ان ماڳ تي اتي هڪ بزرگ ”سانگي فقير“ جي مزار آهي. جتي مالوند ماڻهو سهائي سومر تي اچي کير ورهائيندا آهن ۽ خيراتون ڪندا آهن. چام ڪرن جي آثار جو اهو دڙو سطح زمين کان تقريباً 4.3 فوٽ مٿي آهي. وڏي عمر وارن کان روايت ملي ٿي تہ لڳ ڀڳ ٽالپر دؤر جي شروعات ۾ اتي هڪڙي ”وائي“ بينل هئي، جيڪا سموري هرڻ جي سڱن سان ٺهل هئي ۽ اهو ”وائي“ جي آخري دؤر هو. ان بعد اهو نشان بہ ڊهي ختم ٿي ويو ۽ ”وائي“ بہ ڊهي ويئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سخي ڄام ڪرن اهڙو سخي هو، جنهن کي نہ رڳو شاهہ صاحب ڳايو هو پر ڪانئس اڳوڻن شاعرن پڻ ساراهيو هو. شاهه صاحب هن لاءِ فرمايو آهي تہ:

اڪين سو ئي اوڙڪيو جن ڪنين سئوم "ڪرن"،
ماءُ منهنجو من، ڄام پسندي پٽيو.

هن وقت ڄام ڪرڻ جي ياد جا آثار موجود آهن، جن ۾ ڪرنا موري، ديهہ ڪرنا، ديهہ ٻيلو ڪرنا ۽ سونپور جي ڀڙي ڏسي سگهجن ٿا. ڄام ڪرن پنهنجي دؤر جو مشهور سخي ۽ ڏاتار هو. جنهن جو ذڪر اڄا تائين زنده آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ح:

# مهراڻي ۾ سير ۽ سفر

شاهه صاحب ناري پٽ مان مومل ۽ مينڌري ۽ سخي ڄام ڪرن جا آثار ڏسڻ کان پوءِ جانهيري واري ايراضيءَ ۾ اچي مُهراڻي ۾ پهتو. ان وقت رات ٿي چڪي هئي، ان ڪري شاهه صاحب هڪ وانڊ ۾ وڃي ترسيو ۽ پنهنجو پاڻ ظاهر ڪونه ڪيائين. اسر مهل اٿي ويٺو ته ڪنهن پاسي کان ٻه ڪتان ڪا فقيراڻي تنوار ٻڌڻ ۾ ڪين آيس. انهيءَ تي ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ بي ساخته سنڌس زبان مان هيٺيون بيت نڪتو، جيڪو هن وڏي آواز سان پڙهيو:

پنيءَ جي پوٽن، پوڻ پٽڪيو نه سٽيان،
سنجڻ واريون ستيون وڃي ويڙهه ورن،
پيا سيٽ سڙن، تڙهي ٻنهي ڪنڌهين.

شاهه صاحب جنهن وقت اهو بيت پڙهي رهيو هو ته ان وقت سنڌس ويجهو هڪ ٻوڙي جي پاسي ۾ انهيءَ خطي جو مشهور درويش ميهار فقير پلي الاهي ياد ۾ مشغول هو، تنهن ڪنڌ مٿي ڪٽي ڪيس ورندي ڏني:

نڪي سنجڻ واريون ستيون، نڪي سيٽ سڙن،
تڙ وڏي ترتيب سان، ٿا باڏار ! ٻڌن .....

بيت پورو ڪري ميهار فقير اٿي شاه صاحب ڏي آيو ۽ معذرت ڪري ساڻس مليو ۽ پوءِ شاه صاحب ۽ ميهار فقير ڪيترو ئي وقت خلاصا ڪچهري ڪندا رهيا. اهڙي طرح هڪ ڏينهن اتي رهڻ کان پوءِ شاهه صاحب جن اتان کان چند ميل اتر طرف ڪيجراڙي جي شهر ۾ آيا ۽ شهر جي عالمن حافظ عبدالحميد پلي، حافظ عبدالرحيم پلي سان مليا، پاڻ ۾ علمي رهاڻ ڪيائون. اتان پوءِ وري ٽي چار ميل اتر طرف پنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري، ويهري جي ڳوٺ ۾ ميين نور محمد ڪيريي جي مدرسي ۾ آيا ۽ اتي ميين جي مست شاگرد ابن فقير دهلڙي واري سان رهاڻ ڪيائون. اتان پوءِ عمرڪوٽ ڏي اسهيا. جتي ڪيجراڙي جو نوجوان شاعري رحيم ڏنو پلي سندن خدمت ۾ عمرڪوٽ گهمرايو. عمر ڪوٽ پهچڻ کان پهرين ويهري کان تورو اڳتي مومل جي ماڙي جا آثار ڏنائون، جيڪا مومل ڏولي نرور جي محبوبه هئي جنهن ڏولي کي سندس مڱ ماروي کان پرانهون ڪيو هو. ان سلسلي ۾ چون ٿا ته هڪ فقير ڪنهن مهل سان ڏولي جي دربار ۾ پهچي ويو ۽ ان راڳ جي بهاني سان ڏولي کي اهڙا ته ڳجها پيغام ڏنا. جن کان ڏولو مجبور ٿي مارل ڏانهن اسهيو ۽ اتي پهچي ان سان لائون لڌائين. لائن بعد هن کي پنهنجي علائقي ڏانهن وڃي پئي آيو ته همير سومرو پهريون، جيڪو عمر ڪوٽ جو حاڪم هو ۽ جنهن تي ماروي جي پيءُ پينگل راءِ تي ڪاهه ڪري هن جوڙ ڪيترين ائيون هٽي ويو هو، تنهن جو سندس ڏيءَ کي سندس علائقي مان لنگهندي ڏٺو. سو ڏولي تي حملو ڪري ان کي آڻي ڪوٽ ۾ قيد ڪيائين. ڏولو جيئن ته ننڍو سردار هو ۽ منجهس همير سان وڙهڻ جي سگهه نه هئي. تنهنڪري فقيرائو ويس ڪري، ڏوتين جي ذريعي مارئي کي ڪوٽ مان نڪري اچڻ جو پروگرام ٻڌايائين؛ جنهن موجب مارئي مقرر ٽائيم تي ڪوٽ مان ٻاهر نڪري ڏولي سان ڪٺي اٺ تي سوار ٿي سيريين واري علائقي ۾ پهچي وئي جيڪو علائقو هاڪڙي ۽ ريٽي جي وچ تي هو اهو واقعو عمر سومري جي دور کان لڳ ڀڳ ٻه سؤ سال اڳ هو. ٻن سؤ سالن کان پوءِ عمر سومري غريب عورت ماروي کي گهر مان ڪٺي اچي عمرڪوٽ ۾ بند ڪيو. شاه صاحب جڏهن عمرڪوٽ ۾ پهچي اهو قصو ٻڌو ته ان بابت مختصر روايتون سندس سامهون آيون. ڪن چيو ته ماروي‍ءَ کي همير ڪوٽ ۾ بند ڪيو ۽ ڪن چيو ته ان کي عمر سيريين مان ڪٺي آيو هو. ان ڪري شاهه صاحب سر ماروي ۾ جيڪا ڪهاڻي بيتن ۾ پيش ڪئي آهي. تنهن ۾ همير توڙي عمر ٻئي جوابدار آهن ۽ ٻنهي کي شاهه سائين ڏاڍ جو ڪارڻ ڄاڻايو آهي. هن مارئي جي بيتن ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيترا دفعا عمر جو ذڪر ڪيو آهي. اوترائي دفعا همير جو بيان ڪيو اٿس. هن سر ۾ نہ رڳو همير جو ذڪر ڪيو آهي. پر ڪن بيتن ۽ واين ۾ ڍولي جو پڻ بيان اچي ٿو. جيئن هڪ بيت ۾ فرمايو آهي تہ:

ڍولا مارو مون سان، پرچڻ شال پنهوار. (وائي)

سانگي ساريم سومرا، ڍاٽي پاسي ڍول. (بيت)

مطلب تہ مارئي جي سر ۾ ڍول ۽ مارئي جي ڪهاڻي صاف ظاهر آهي. شاه صاحب رحيم ڏني فقير سان جيئن عمر ڪوٽ ويو تہ اتان کان اتر طرف چند ميلن جي فاصلي تي ڪاروڙي شهر جا ڪنڊر ڏنائين. جتان عمر مارئي کي ڪنيو هو. پوءِ شاه صاحب رحيم ڏني سان گڏجي ڪاروڙي جي پٽ ۾ ويو ۽ ٻڌل ڳالھ کي سامهون رکي بيت چيائين تہ:

ڪاروڙيا ڪٽي وبڙهي جهپ وبا،

سيڻ منهنجا سيد چئي هاٺي هت هئا،

پسي پٻ تن جا لڙي لڙڪ پيا.

ڏيهي ڏور ٿيا ڏيان ڏوراپا ڪن ڪي.

ان کان پوءِ مارئي جو عمر ڪوٽ جي پرسان ڪچڻ ۽ مارن جو اتان کان لڏي وڃڻ جو واقعو سامهون آيو تہ ان لاءِ فرمائين تہ:

جہ سي لوڙائو ٿيا، جني سندي ڏير،

ماروئڙا فقير، رهي رهندا ڪيترو،

*

جہ سي لوڙئو ٿيا، جني پر رهن،

مارو منجهہ ترن، رهي رهندا ڪيترو.

شاه صاحب ڪاروڙي ۾ چورس ڪوھ ڏنا جيڪي مارئي جي دور جا هئا ۽ ڪاروڙي شهر جي اوپر طرف ولهار نالي وڏو ڏهر ڏٺو. جنهن جو ذڪر شاه سائين سر سارنگ ۾ هن طرح ڪيو آهي:

ڪن اچي عمر ڪوٽ تان وسايا ولها.

ان کان پوءِ ايرندي طرف پدمات جو پٽ ۽ دودات جو پٽ ڏٺا جتي قديم دور جي ڪيترن فقيرن جي رهائش هئي. ان بعد شاه صاحب مهراڻي جون حدون ڇڏي ڪاهوڙ طرف روانو ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ط:

# ڪاهڙ ۾ سير سفر

مُهراڻي ڪان پوءِ شاهه صاحب ڪاهوڙ جي ايراضيءَ ۾، ڪاهوڙ جو ڏڪار توڙي سُڪار جو ماحول ڏٺو. جنهن ۾ نرمايائين:

ورسي وطن ڇايون، صحرا ستر جن،
ڪڳولاڙا ۽ ڳڱريون، اوچڻ اباڻن،
ويڙهيا ڳهمن وليئين جهانگي منجهه جهنگن،
مونکي ماروئڙن سج ڳٺائي سيج ۾.

مارئي جو اصل وطن ڪاهڙ هو. جتان هي هر وقت ملير ڏانهن پيئي واجهائيندي هئي ۽ ڏڪار جي حالت ۾ هي سدائين مارن سان گڏجي ملير ۾ اچي رهندي هئي. ان جو ذڪر اجهو هيئن ڪيو اٿس تہ:

ڪريو مُهاڙ ملير ڏي، ايپائي آهي،
جا متي ڏنيس ماروئين، سا لوئي نہ لاهي،
سومرا ساهي ستي وجهہ مَ سنگهرون.

ڏڪار سان گڏ شاهہ صاحب سڪار جا بہ منظر چٽيا آهن:

هن مند مارو سنرا ڪاهڙ ۾ خوشحال،
سائون، سيارچ، مڪٽي، جيڏيون آٿين جال،
ستيءَ جي سيد چئي ڪا ساٿيهہ منجهہ سنيال.
لڳن تان لطيف چئي لوئي لاهي مِ لال.
پلو ڪندو پال، مينهن وسندا موٽ تون.

ڪاهڙ ۾ ساڪي جو گڏ ۽ پوٺيو تاريخي آثار هئا. جيڪي ڏسڻ ڪان پوءِ شاهہ سائين مشهور سورهيہ رٺمل رانوڙ جا آثار ڏٺا ۽ ان بابت ڪجهہ ڏوهيڙا بہ چيائين. جيڪي سر ڍول مارو ۾ موجود آهن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاهڙ ۾ پيرن جا ڪيترائي قسم ٿين ٿا. سيني ۾ ساڏوهين چارين جا پيرون مشهور آهن، جن کي اڇا يا ڏونٺرا پيرون چوندا آهن. انهن کي لطيف سائين هيئن ياد ڪيو آهي؛

نيٽين نند وهه ٿي ساري ساڏوهيون.

ڪاهڙ جي ڪاري پاٽي، وڻن ۽ ٻوٽن جو شاهه صاحب تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي، جيڪو مارئي جي سُر ۾ تفصيل سان ملي ٿو. ڪاهڙ جون ڪٿيون مشهور آهن، جن کي ساراهيندي لطيف سائين هيئن چيو آهي ته:

ڪاهڙ ڪٿيون خاصيون اڇيو ات اچن،
ڪديو پيڻ ڪَهن، ملير گهر جي مارئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ي :

# پارڪر ۾ سير سفر

شاهه صاحب ڪاهڙ جي سير ڪانپوءِ پارڪر ۾ داخل ٿيو. هتي هن ڪي پاري ننگر جي ڪندرات جي ويجهو پراڻي هاڪڙي جو ٻچيل حصو نظر آيو، جيڪو هن وقت ”سانگهه“ جي نالي سان سڏجي ٿو ۽ جيڪو قديمي دؤر ۾ راجا جسوڏڻ آڳري جي راڄڌاني ۾ شامل هو. جڏهن راجا جسوڏڻ جي دور ۾ ملڪ ۾ سخت ڏڪار اچي پيو، ته انهيءَ علائقي جا ماڻهو سخت تڪليف ۾ گذاريندي به اتان ڪان پري نٽي ويا. نيٺ مجبور ٿي راجا جسوڏڻ وٽ وڃي اجازت گهريائون ته پنهنجي ملڪ ڪان ٻاهر وڃي پورهيو ڪريون ۽ پوءِ وسڪارو ٿيڻ تي موٽي اچون. انهيءَ ڳالهه بابت شاهه سائين هڪ بيت ۾ هن طرح اشارو ڏنو آهي ته:

ڪنڌيين آڪَ ڦلاريا، سانگهه سڪو ساهه،
مهڙاٽي وٽان، رويو راڄ رضا گهري.

جسوڏڻ مهڙاٽي جو راڄ اپرندي طرف پارڪر جي حد ڪان اولهه طرف پٽيهل درياءَ تائين هو. پٽيهل جي ويجهو آڳاڙين جو وڏو شهر هو، جتي آڳاڙيا لوهه ۽ رُڪ جون تلوارون ناهيندا هئا. جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي ته:

اڄ آڳڙيا آيا، سوڏا سراٽي،
پياري پاٽي، تيغون ڪندا تڪيون.

آڳڙين ڪي ڪن مؤرخن اگريا به لکيو آهي ته ڪن اڳرا پڻ ڄاڻايو آهي، پر اصل ۾ اهي سيئي آڳڙيا آهن، جن جو ڪم تلوارون ناهڻ ۽ انهن کي پاڻي ڏيئي تيز ڪرڻ هو، انهن جي شهر اڳڙي جا ڪنبراڄ به موجود آهن.
”سانگهه“ ڪان اڳتي نڪري شاهه صاحب جيئن ڪارونجهر تي پهتو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته ڪيس جابلو وڻ ڳاڙهيليون ۽ گوندا نظر آيا، جيڪي ميويدار وڻ آهن. پارڪر جا ماڻهو ته انهن ميون کي چاهه سان استعمال ڪندا آهن، سو انهن ماڻهن جي چاهت کي سامهون رکي، شاهه سائينءَ اجهو هيئن فرمايو آهي ته:

پنهوارن پاپوهيو، وربا واهوندا،
ساريم سيڻ، سيد چئي ڳاڙهيليون گوندا،
پٽن پر هوندا، پونگا پڙ پنار جا.

ان بعد شاهه صاحب ڪارونجهر جو ۽ ان جي وهڪرن ۽ غارن جو چڱيءَ طرح سير ڪيو، ان ۾ هڪ غار اندر هن چلو پڻ ڪڍيو. چلي واري غار ۾ هڪڙي ننڍڙي کوهي به ملي ٿي. جنهن کي مقامي ماڻهو ”مدن مهتي جي واءِ“ ڪوٺيندا آهن. انهن ڪان سواءِ پارڪر ۾ ڳوٺ هسترو چانديا جي پرسان هڪ وڻ جي چوڌاري لوڙهو آيل آهي، جنهن لاءِ چون ٿا ته اتي شاهه صاحب چلو ڪڍيو هو، جيڪو اڄ به شاهه جو تڪيو يا شاهه جو چلو سڏجي ٿو.

انهيءَ علائقي ۾ هڪ خطي جو نالو چوٽاڻ يا چوٽاڻو آهي، جيڪو قديم دؤر ۾ مشهور سخين ۽ بهادرن جي رهڻ جو هنڌ هو. هتي رهندڙن مان ابڙو اگهامر ۽ انڙ وير مشهور هئا. انهن ڪان سواءِ پارڪر ڪان پريان ٻيلي واري ٻيٽ جو حاڪم سپڙ ڄام پڻ هو، جن سيني کي شاهه صاحب مختلف سُرن ۾ ڳايو آهي، انهيءَ ڪان سواءِ وڏو سخي ۽ ڏاتار ٻيلي ڏٽي ڏياڃ ويراٽي پڻ هن خطي جو رهاڪو هو، جنهن کي شاهه صاحب جدا سر سورٺ ۾ ڳايو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪ :

# "پائر جي پٽ ۾ سير سفر"

شاهه صاحب پارڪر جي چوٿائي واري حصي مان نڪري، پائر جي پٽ واري پاسي کان قديم شهرن جا کنڊر ڏسندو ڪونجي جي رڻ پٽ تائين پهتو ته هن کي انهيءَ واٽ ۾ ڪيترا بُت ۽ بتخانا ڏسڻ ۾ آيا، جن ۾ کي وڏا ماڻهوءَ جيڏا بت هئا، ته ڪي ننڍا فوٽ جي برابر هئا. انهن جي معلومات حاصل ڪندي ڪيس اهو ٻڌايو ويو ته اهي جهونجهارن جا بت آهن، جيڪي رڻ ۾ ڏارين سان وڙهندي شهيد ٿيا هئا. اهي گهٽي ياڳي ڪونجهي جي رڻ پٽ ۾ ئي شهيد ٿيا هئا. جن ۾ گهٽي ياڳي سڀ جهونجهار ئي هئا. جهونجهار جي وضاحت اها ملي ته جيڪي مجاهد سسيءَ وڍجڻ کانپوءِ به وڙهندا رهن ۽ مرڻ کان پوءِ به ڪيترن کي ماري پوءِ پٽ تي ڪرن، تن کي جهونجهار سڏيندا هئا.

شاهه صاحب جهونجهارن جي بهادريءَ ۽ جرئت کي سامهون رکندي انهن کي خوب ڳايو آهي. جيئن فرمائي ٿو:

ونڪا ونڪن گڏيا، ڊوڙيو ڏين ڊهون،
مهاين وهون، نير مهانگو ڪنديون.

اها جنگ ڄام فيروز جي لشڪر جي شاهه حسن جي وڏي فوج سان هئي. جنهن جنگ ۾ ڄام فيروز جي لشڪر جا ويهه هزار سپاهي مارجي ويا. اهو ساڳيو ئي پٽ آهي، جنهن جي ير ۾ بدامن جي پٽ هئي، جنهن ۾ پهرئين دؤر ۾ ماڻهوءَ لاءِ نه پر پکين ۽ جانورن لاءِ به سلامتي هئي. شاهه صاحب جنهن دؤر ۾ آيو. ان وقت اها سلامتي ختم ٿي چڪي هئي ۽ ڪئين شڪاري ٻين پاسن کان اچي اتي پکين جا شڪار ڪندا هئا. جن ۾ ڪونجن جو شڪار خاص هو. شاهه صاحب انهن کي شڪار ٿيندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسي ڪين نصيحت ڪئي تہ:

چيتا ڪيو چٽيج، بدامائي پيٽ ۾،
نيٽين نند مَ ڏيج، چيڙون چپر آيون.

اهڙي طرح شاهہ سائين ڪونجن ۽ ٻين جاندارن کي نصيحت ڪئي آهي تہ اهي شڪارين کان ۽ ھائن کان خبردار ٿين. انهيءَ رڻ پٽ کان شاهہ صاحب راهوڪي بازار ڏانهن مڙيو ۽ اتي ڪرو ڍنڍ جي پرسان هڪ پٽ تي آرام ڪيائين. جيڪا راهوڪي بازار کان اولهہ طرف هئي ۽ جتي شاهہ صاحب هميشہ اچي رهندو هو. اڄ بہ ان کي پٽائي جي پٽ سڏيو وڃي ٿو.

انهي علائقي ۾ قاضي اسماعيل، ڏنو فقير ۽ هندي فقير شاهہ صاحب جا خاص دوست هئا. جڏهن بہ شاهہ صاحب اُتي اچي مهمان ٿيندو هو تہ، ان پِٽ يا دڙي تي ترسندو هو. ان جي ويجهو هن وقت هندي فقير جو قبو آهي، جنهن جي پاسي ۾ راهومن جي مرشد شاهہ حسن جو مقبرو آهي، جيڪو مرمت طلب آهي. اهو ديهہ لياري ۽ تپي راهوڪي بازار ۾ اچي ٿو.

وات ۾ جيڪي شهر اچن ٿا، انهن ۾ ڏهر ٻلهياري ۽ جتن جي ترائي مشهور آهن. قديم دؤر ۾ ڏهر ۽ ٻلهياري ۾ سنڌ جا قديم وهڪرا اچي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندا هئا، جن لاءِ شاهہ صاحب فرمايو آهي تہ:

ڊاڳي ۽ ڍور ٻئي وهن ٻلهيار ۾،
تڏهن تاجڙين تور، هئي جسوڏڻ سان.

جسوڏڻ جي دؤر ۾ اهي ٻيئي شهر آباد هئا، انهن مان ڍوري جي ڪناري تي مشهور وڏو ڪندو ٻيڻل هو، جنهن سان مخاطب ٿيندي شاهہ صاحب فرمايو آهي تہ:

ڪندا تون ڪيڏو، جڏهن پريو ڍور وهي،
جسوڏڻ جيڏو، تو ڪو گڏيو پهيڙو.

اهڙي طرح شاهہ صاحب ڪندي کي ۽ ڪندي ڏٺي جسوڏڻ مهڙائي کي خطاب ڪندي انهي دؤر جي تاريخ جا اهڃاڻ ڏنا آهن. جن ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پارڪر ڪان پنيهل تائين جاگرافي ۽ تاريخ ملي ٿي. ان ڪان پوءِ شاهه صاحب ڏيپلي واري علائقي ۾ ويڙهيجهپ آيو ۽ اتي راول فقير درس سان ياراڻو ٿي ويس؛ جنهن شاهه صاحب جو معتقد بنجي شاهه جو راڳ ڳايو ۽ راڳ جو اڳواڻ ٿيو. ان ڪان پوءِ ويڙهيجهپ ۾ شاهه جي تڪيي تي، جتي هڪ چار هيٺ هن چلو ڪڍيو هو، راڳ جو بنياد پيو. جيڪو اڃان تائين قائم آهي. راول فقير ڪان پوءِ احمد فقير راڳ ڳايو ۽ ان ڪان پوءِ اسحاق فقير اڳواڻ ٿيو. اسحاق فقير ڪان پوءِ اسماعيل فقير اها ڊيوٽي ڏني ۽ ان ڪان پوءِ ويجهي دؤر ۾ باجيت فقير راڳ جو اڳواڻ ٿيو. هن وقت ان جو پٽ نالي مٺو اهو ورثو سنڀاليو پيو اچي. اهي سيئي فقير راول فقير جي اولاد مان آهن، جيڪي درس فقير سڏجن ٿا ۽ سومرا دؤر جي مشهور بزرگ جرڪس ڏناڻي جي اولاد مان آهن، جيڪي پهرين ويڙهيجهپ ۾ وينل هئا ۽ پوءِ اتان نڪري ڳوٺ تياوري، تي ڪيتلاري ۾ ساڪن آهن. سندن شجرو جرڪس ڏناڻي ڪان مٿي هن طرح آهي.

جرڪس پٽ ڏنو پٽ ڪڙيو پٽ راهو پٽ راڄپار پٽ هوٿي پٽ سرڪي پٽ ڏارام پٽ دروٽ پٽ اجهراءِ پٽ ڏيارگ پٽ ڏرگ پٽ ايڪسوا پٽ ڀڏا پٽ جادم وغيره.

ويڙهيجهپ ۾ شاهه صاحب جي تڪيي واري چادر مشهور آهي، جنهن تي هندو خواه مسلمان باس باسين ٿا ۽ ميلي ۾ ايندا رهن ٿا. ويڙهيجهپ ۾ ان وقت شاهه صاحب جا جيڪي ٻيا معتقد هئا تن ۾ يارو فقير ۽ مارو فقير مشهور آهن. يارو فقير تي اڄ به هندو ڌرم وارن جو وڏو ميلو لڳي ٿو. ويڙهيجهپ ڪان ونگي ڏانهن، پراڻ جي ڪناري تي پاتال شهر جا پراڻا آثار آهن. جتي قديم دؤر ۾ مشهور سخي جکرو اوڍاڻي رهندو هو. ان جي ماءُ هوٿل نگامري پارڪر جي رهاڪو هئي، جنهن جا ٻه پٽ جادم ۽ جکرو هئا ۽ ڌيءَ سکر نالي سان هئي. انهن کي به شاهه صاحب سُر مارئي ۾ ياد ڪيو آهي. جيئن ته:

سونهن وڄايم سومرا، سکر جهڙي سونهن،
دل ۾ دکي دونهن، منهنجو منهن ميرو ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوٽل جي شهرت جي ڪري ڄام جکرو، جکرو هوتياڻي به سڏبو هو. جيئن گڙهوڙيءَ صاحب هڪ بيت ۾ فرمايو آهي ته:

سمي ساماٽي، ٿمر ڪٽو مَ ساٿيا،
جنهن چنا ڄانئي ڄڏيا، ڪارڻ مهماني،
اهڙي اهجاٽي، هو هوتل ڄائو جکرو.

سخي جکري جي ساراهه شاهه صاحب سُر بلاول ۾ تفصيل سان ڪئي ۽ ان کي هن طرح ساراهيو آهي ۽ فرمائي ٿو ته:

جکرو جس ڪرو، ٻيا مڙيئي خان،
مٿي هن مڪان، اصل هئي ايتري.

جکري کان سواءِ هن ترتيءَ تي ٻيا به ڪئين نالي وارا ۽ سخي ٿي گذريا آهن، جن ۾ ڄام ڏاهر سيني ۾ اڳاٽو ۽ سپوت سردار هو. هن جي نه رڳو پاڻر تي حڪومت هئي پر ٻني ۽ ٻيلي وارا ٻيٽ، ڪريڙ ۽ ڪاهڙ به انهن ۾ شامل هئا. جن جي وچان رڻ مان گوڙي جي ناڙ وهندي هئي. جنهن جي آسپاس وارا ٻيٽ ۽ سنڌ جي ٿرپارڪر ۽ بدين ضلعن جا ٽڪر به انهيءَ ۾ شامل هئا. ڄام ڏاهر کان پوءِ. اتي جسوڌڻ اڳڙو مشهور حاڪم ٿي گذريو آهي. جسوڌڻ کي نرينو اولاد ڪونه هو، فقط ٻه ڌيئرون سهٽي ۽ سانجهي نالي سان هيون. جيڪي ڄام انڙ ولد سمي ولد راءِ راڌڻ جي ٻن پٽن ڄام هوتي ۽ ڄام جکري جي نڪاح ۾ آيون، ڄام هوتي کي سهٽي جي پٽ مان ڄام ابڙو، ڄام جوٽو ۽ ڄام ڪيبر ٿيا ۽ ڄام جکري کي سانجهي جي پيٽان ڄام ساند ۽ ڄام سيو نالي (٢) پٽ ٿيا. جن ڄام جسوڌڻ کان پوءِ پنهنجي ناني جي راڄداني سنڀالي، جسوڌڻ جي ڏهٽن کان پوءِ هن خاندان ۾ ڄام هبو ولد ڄام انڙ ولد ڄام ٽيٻو ولد ڄام سمون ولد راءِ راڌڻ نالي وارو حاڪم ٿيو. ان ڪڇ جي علائقي مان ڪافي حصو ورتو. جن ۾ هبو جبل هبو پٽ آهن. ڄام هبي کي به پٽ هڪ سمون ۽ ٻيو ڪيريو ٿيا. جن مان ڪيريو وڏيڪ سپوت ٿيو. جنهن جي نالي سان ٻني جي ڪناري تي ڪيرو نالي جبل مشهور آهي.

جنهن لاءِ ڪنهن هيئن فرمايو آهي ته:

"ڪيرا تون نيرو ٿئين، تنهنجي ٻني ڄڏي ٻهڪ"


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄام ڪيريي ڪان پوءِ ڄام جهوجهي ولد سمي هيي جو راڄ ٿيو جيڪو پڻ پنهنجي دؤر جي يادگار شخصيت هو. ان ڪان پوءِ سندس پٽ ڄام ڏاهر ساماٽو، جنهن جو اثر سيني اڳوٽن سردارن ڪان اڳرو هو. هن ٻلهيار واري ايراضي، ۾ ڏيوري جي وڏي وهڪري تي نئون شهر ٻڌايو، جيڪو سندس نالي پٺيان سڏجڻ لڳو ۽ هينئر ان کي ڏاهر جي بدران ڏهر ڪوٺيو وڃي ٿو. ڄام ڏاهر کان پوءِ ڄام پيننئن سين وڏو درويش ۽ فقير ٿي گذريو. ان کي ڄام بدران فقير پيننئن سين ڪري ڪوٺيندا هئا. جنهن جو اولاد سنڌ توڙي ڪڇ ۾ موجود آهي.

شاهه صاحب انهيءَ سفر ۾ سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾ هلندڙ چوڏهن چارن جو ذڪر ڪيو آهي. جيڪو هن طرح آهي.

## ١. جاتي وارو چارو :

هي چارو پهرين مسافر خاني کان لک پت پهچي ٿو ۽ اتان ساندرو ڏانهن وڃي ٿو.

## ٢. ڪرهي وارو چارو :

هي چارو ڪرهي کان وانر پهچي ٿو ۽ اتان پوءِ لکپت پهچي ساندري ڏانهن وڃي ٿو.

## ٣. گهاڙي وارو چارو :

هي چارو شيخاڻي گهاڙي کان کهري پهچي ٿو ۽ اتان لکپت پهچي ساندري ڏانهن وڃي ٿو.

## ۴. راهوڪي بازار وارو چارو:

هي رستو راهوڪي بازار کان دنگ پهچي ٿو. جيڪو ماگ ڏيپلي تعلقي جي ڏاڪڻي دنگ تي آهي. اتان ڪريم شاهي ”راڻ ۾“، اتان لوٽو ”رڻ اندر“ ۽ اتان ڀٽارو ”رڻ جي ڏاکڻين دنگ تي“، اتان حاجي پير پهچي ٿو.

## ۵. علي بندر وارو چارو:

هي چارو علي بندر کان دنگ، اتان ڪريم شاهي، اتان لوٽو ۽ اتان حاجي پير پهچي ٿو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**٦. ڏهر وارو چارو :**

هنيءَ چارو ڏهر کان پينار سري، اتان کوهٽ سري، اتان سرن واري سري، اتان دونارا چونڪي، "پچمر" اتان ڏنار "سليمان سهي جو ڳوٺ" ۽ اتان ڪاهوڙي شهر پهچي ٿو.

**٧. ونگر وارو چارو:**

هي چارو ونگر کان پينار سري، اتان ڪوئٽ سري، اتان سرن واري سري، اتان ڏرمشالا سري، اتان ڪنوار ٻيٽ جي سري، اتان دونالا، اتان ڏنارا ۽ اتان ڪاهوڙي شهر پهچي ٿو.

**٨. ٻلهياري وارو چارو:**

ٻلهياري کان ڪنوار ٻيٽ، اتان ڪنوار ٻيٽ جي سري، اتان دونالا، اتان ڏنارا ۽ اتان ڪاهوڙي شهر پهچي ٿو، هتان رڻ جو فاصلو (24) ميل آهي.

**٩. ننگر وارو چارو:**

ننگر پارڪر کان ڪريڙ، اتان جڙويون، اتان رڻ ۾ نڙو ٻيٽ، اتان وائو ترادر جو علائقو اچي ٿو، جيڪو ڪڇ واري رڻ جو پريون دنگ آهي.

**١٠. ونگي وارو چارو:**

ونگي کان ٻلهياري رڻ اچي ٿو. اتان ڪاهوڙ شهر سامهون اچي ٿو، جيڪو پچمر جي علائقي ۾ اچي ٿو. ان کان اڳتي ٻني آهي.

**١١. جليلي وارو چارو:**

هتي رڻ متاهون آهي، بارش جو پاڻي ٻن فوٽن کان متي ڪونه چڙهي. پار وڃڻ لاءِ مفاصلو وڌ ۾ وڌ (2) ميل آهي.

**١٢. ٻڙ تلاءِ وارو چارو:**

ٻڙ تلاءِ کان ڏڻ ٻيٽ، اتان بربتاٽو ٻيٽ ۽ اتان سوئي گام پهچبو. هتان رڻ جو مفاصلو (24) ميل آهي.

**١٣. سورا چند وارو چارو:**

هن چاري ۾ سورا چند کان ناهر ٻيٽ، اتان سرنگهو ٻيٽ، اتان ڪڇ جي ايراضيءَ ۾ پهچبو. هتان رڻ جو مفاصلو (32) ميل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ١۴. آڏي گامر وارو چارو:

هي چارو پراڻو آهي ۽ هتان رڻ جو مفاصلو (14) ميل آهي، هتان آڏي گامر کان لودرا پهچبو. جنهن جي سامهون ميداني علائقو اچي ٿو.

هتي چارن مان ڪيترائي چار اهڙا آهن جن تان فقط وهٽن تي سفر ڪري سگهبو. جن رستن تي واٽ ۾ ڪو ڀيٽ وغيره ڪونہ آهي، انهن تان تکن وهٽن جي ذريعي سفر ڪبو تہ جيئن ڏينهن ڏٺي جو رڻ پار ڪري وڃجي. پارڪر جي پاسي وارا چارا گاڏين جي هلڻ جي لائق آهن. جن ۾ تر تلاء وارو چارو خاص آهي. جتان پاڪستان کان ڀهرين بيل گاڏين جي ذريعي سنڌ کان ڪچ ڏانهن مال ويندو هو. چارن جي واٽ تي جيڪي ڀيٽ آهن. انهن ۾ نيڪ مردن کوه کٽايا ۽ تلاء نهرايا آهن، جتان مسافرن کي پاڻي بہ ملي ٿو ۽ ڪاڏي پيتي جون شيون بہ ميسر ٿين ٿيون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مومل ۽ ميندري جو ماڳ

شاهه صاحب جي رسالي ۾ بين ڳالهين سان گڏ ملڪ جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ بابت به ڪافي اهڃاڻ ۽ اشارا ملن ٿا، جن کي سامهون رکي مختلف تاريخن جي روشني ۾ ڳولا ڦولا ڪبي، ته ڪافي نئين معلومات ملندي.

شاهه صاحب جي رسالي جا سيئي سر گهٽو ڪري ڪنهن نه ڪنهن دؤر بابت نشاندهي ڪن ٿا. اهو ضرور آهي ته ڪن سرن ۾ گهٽا اهڃاڻ، پار پتا آهن ته ڪن ۾ تورا.

شاهه صاحب (رحه) جو سر مومل راڻو به اهڙو ئي سر آهي جنهن ۾ ملڪ جي قديم تاريخ بابت ڪافي نشان ملن ٿا.

”مومل ۽ راڻي“ وارو واقعو جيتوڻيڪ سنڌ جو هڪ مشهور تاريخي واقعو آهي، پر تاريخدانن اهڙو ته منجهائي وڌو آهي، جو ان بابت فيصلو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي.

تاريخي تحقيق موجب هڪڙن ليکڪن اهو واقعو ٻارهين يا تيرهين صديءَ جي ڪري ڄاڻايو آهي ته ٻين وري چوڏهين ۽ پندرهين صدي جو.

هائي جيڪڏهن ٻنهي طرفن جي عالمن جي لکتن ۽ تاريخي بنيادن کي جانچي ڏسبو ته بنيادي طرح ٻئي صحيح آهن، چو ته ٻئي ڏريون قبول ٿيون ڪن ته اهو واقعو سومرن جي آخري حاڪم همير سومري جي دؤر ۾ ٿيو هو. پر هڪڙا عالم همير جو دؤر ١٣٥٠ع کان اڳ سنيالين ٿا ته ٻيا ١٤٠٠ع کان ١٤٤٠ع تائين.

پهرين ليکڪن جي مطابق سمن جي حڪومت شروع ٿيڻ سان سومرن جي حڪومت بلڪل ختم ٿي ويئي. سمن جي حڪومت جي دؤر ١٣٥٠ع کان ١٥٢٠ع تائين جو خيال رکندي اهو قياس ٿا ڪن ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

همير جو دؤر لازمي طرح ١٣٥٠ع کان اڳ هوندو. پر ٻيا ليکڪ جيڪي همير جي حڪومت ١٤٠٠ع کان ١٤٤٠ع تائين ڄاڻائين ٿا. اهي ب ڪا وضاحت يا تنقيدي بحث نہ ٿا ڪن.

هن ڏس ۾ سنڌ جي وڏي محقق ۽ عالم جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جا عشقيہ داستان نمبر ٥ "مومل راڻو" ۾ ڪافي ڳالهيون بحث هيٺ آنديون آهن، جيڪي تاريخ جي طالب جي ڪافي رهنمائي ڪن ٿيون. ان جي باوجود تاريخ تحفتہ الڪرام، تاريخ ريگستان (جلد پهريون)، انا مينهن ملير، روح رهاڻ، بدين ضلع جي ثقافتي تاريخ، پير پٿورو، ڍول مارو، مومل راڻو، پٽ ڌٽي جا سورما، شاهہ جو سفر نامو لطيف سائين جي مختلف رسالن، ڪجهہ ماهوار رسالن، اخبارن، راوين جي روايتن ۽ پنهنجي ذاتي تحقيق جي روشنيءَ ۾ مومل راڻي بابت ڪجهہ حقيقتون پيش ڪريان ٿو:

مذڪور سر واري ڪهاڻي جا جيڪي تاريخي ڪردار ۽ قومون سامهون اچن ٿيون. سي آهن:

سومرا، سما، سوڍا ۽ گجر، جيڪي سيئي ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان اُن وقت سنڌ جي مختلف حصن تي حڪومت ڪندڙ هئا.

سومرن جي حڪومت جيڪا يارهين صديءَ جي شروع ۾ وجود ۾ آئي، اها ١٣٥٠ع ڌاري مرڪزي حيثيت وڃائي ويٺي هئي.

تاريخي اهڃاڻن مان اهو ظاهر ٿو ٿئي تہ جڏهن سومرن کان مرڪزي حڪومت کسجي ويئي ۽ سما حاڪم بنيا، تڏهن عمر سومري ڍٽ تي حملو ڪري ١٣٥٦ع ڌاري، عمرڪوٽ جو قلعو سوڍن کان کسي ورتو ۽ اتي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. جيڪا ٽن پيڙهين تائين هلي ۽ ان سلسلي جو آخري حاڪم همير هو، جيڪو راڻي مينڌري جو پيٽيو پٽ هو. مذڪوره واقعي کان پوءِ جڏهن همير سومري هن ڪهاڻيءَ جي مرڪزي ڪردار راڻي مينڌري سان اڻنگي روش اختيار ڪئي، تہ سوڍا هن تي سخت ناراض ٿيا، جنهن جي نتيجي ۾ راڻي همير سنگهہ هن تي حملو ڪري ڪانئس عمرڪوٽ جو قلعو کسي ورتو ۽ هن اتان نڪري،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڪڙي جي ساجي ڪپ تي پنهنجو راڄ قائم ڪيو ۽ اتي هڪ پراڻي وسيل شهر کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بنايو، جيڪو اڳتي هلي "هميراڻو" جي نالي سان مشهور ٿيو. هن وقت اهو "همير جو پڙو" ڪوٺجي ٿو، جيڪو عمرڪوٽ کان ١٣ ـ ١٤ ميل اولهه طرف آهي ۽ وڏي ايراضي وارو ٿو.

هميراڻي کان وٺي اولهه طرف ڪافي وڏي ايراضي کي اڳوڻي دؤر ۾ "سمير" ڪوٺيو ويندو هو، جنهن لاءِ ماموين فقيرن جو هڪ بيت مشهور آهي، جيڪو هنن ڪنهن حاڪم کي پاراتو ڏيندي چيو هو تہ:

"سمير" ۾ نہ ساريون، "ڪلري" ۾ نہ ڪماند،
هر هاري ۽ ڏاند، ڪوهہ ڇاڻا ڪيهي ويا.

مقامي روايتن موجب هميراڻي کان اتر اوير واري ايراضيءَ جو نالو ڪلري هو، جتي هينئر بہ هڪ ديهہ "ڪلري" جي نالي سان مشهور آهي، جنهن جي اولهہ ۾ "ڪپوراڙيءَ جو پٽ" ۽ "اڪڙي جو پٽ" اڄ تائين کي بہ وڏي اهميت حاصل آهي.

ٻئي طرف "سمير" واري ايراضي ۾ ڏاڏي آدم جي ٻني، سيرين، پڇٽ جو پڙو، جوڳي جو ڊير، سترين جو ديرو، اونچل ڪوٽ، ڪن، ساماري جي پراڻي شهر جا ڪنڊر، ساماري جي ڍنڍ، همير هور ۽ ٻيا ڪافي آثار اڃا وڃن ٿا.

هن ئي ايراضيءَ ۾ تيرهن ميل هيرل کان ڏکڻ اولهہ طرف هڪ وڏي پڙي جا نشان آهن، جن لاءِ چون ٿا تہ اتي ڏماڇاڻي سينهڙي جو راڄ هو ۽ هن وقت بہ انهيءَ ايراضيءَ ۾ سينهڙن جا پنج ست ڳوٺ موجود آهن.

هميراڻي کان اوير طرف هاڪڙي جي ڪاٻي پاسي ميل کن پنڌ تي راڻي مينڌري جي شهر جا ڪنڊر موجود آهن، جن جي دڙي جي ايراضي چار پنج ايڪڙ ۽ شهر جي ٺڪرات ڪافي ايراضي ۾ پکڙيل آهي.

راڻي جي پڙي کان ڏکڻ طرف اٽڪل ٻن فرلانگن پنڌ تي مومل جوڳي جي ويس ۾ اچي رهي هئي ۽ اتي ئي پنهنجو پاڻ کي ساڙيو هئائين.

راڻي جي پڙي کان ڏکڻ اوير طرف ميل کن پنڌ تي ٻڻ هڪ وڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙي جا نشان موجود آهن، جنهن لاءِ وڏي عمر جا مقامي راوي چون ٿا ته اتي ”ڏؤنر پٽي“ جي رهائش هئي.

راڻو ميندرو، ڏماچاڻي سينهڙو ۽ ڏؤنر پٽي، جيتوڻيڪ همير سومري جا وزير هئا ته به ڪين پنهنجا وڏا راڄ هئا ۽ سيئي وڏي طاقت جا مالڪ هئا. همير جڏهن عمر ڪوٽ مان شڪست کائي هاڪڙي جي اولهه ۾ پنهنجي نئين راڄ ڏاني ناهي ته اتي هن جي سمن جي سردار ”ڄام هالي“ سان اڻ بڻت ٿي پيئي، جنهن جي ڪري ڄام هالي ۽ همير سومري جي جنگ ٿي ۽ همير سومرو مارجي ويو. اهو واقعو ١۴۴٠ع ڌاري ٿيو، جنهن کان پوءِ انهيءَ ايراضي مان سومرن جي راڄائي حيثيت به ختم ٿي ويئي.

لکتن ۽ مقامي روايتن موجب، جڏهن همير سومرو هاڪڙي ڍوري تي حاڪم هو تڏهن سمن جو هڪڙو پاڻ جيڪو سمنگ چارڻ جي اولاد مان هو، ۽ سندس نالو به سمنگ هو، سو اتفاق سان هميراڻي ۾ اچي ترسيو ته همير سومري کيس گهرائي سومرن حاڪمن جي تعريف ۾ ڪجهه چوڻ لاءِ چيو، مگر پاڻ انڪار ڪيو ۽ گهڻي زور تي جيڪي ڏوها چيائين سي سيئي سومرن جي ڪؤار ۾ هئا، جنهن تي همير ناراض ٿي کيس قيد ڪيو ۽ سندس مال ملڪيت کسي ورتي. چون ٿا ته قيد جي دوران انهيءَ سمنگ همير جي خلاف ڪي بيت چيا، جهڙوڪ:

ڍري ڍوري راءِ، جنهن جو چارڻ سان ڪاهه،
پتڻ پٽي جو ٿيو، سيج وتايو ساهه،
هميران پوءِ راءَ، راڄ نه ڪندا سومرا.

هن ڪهاڻي ۾ سمن، سومرن ۽ سوڍن سان گڏ گجر قوم جو به واسطو آهي جنهن جي خاندان مان مومل هئي.

گجر قوم تاريخي اعتبار کان اصل گجرات جي معلوم ٿي ٿئي، جيڪو گوجرات مان ڦري گجرات ٿيو. ان قوم جو سنڌ سان واسطو هو جيئن دودي واري داستان ۾ هڪ ڳالهه آهي ته:

جر نه ڪٿن ڪنگرين، راءِ نه ڳنڍجن ويڻ،
گولي نيندا گوجرا، چوندا دودي پيڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ڪانسواءِ ڄام پوُنڙي ۽ همير سومري سان "وير گجر" جي جنگ بہ مشهور آهي.

مذڪوره دؤر ۾ گجر قوم جو هڪ راجا جنهن جو نالو "نند" هو، تنهن جي راڄڌاني ماٽيلي جي شهر لڳ هئي، جنهن جا نشان ڪاڪ کان پنجاه ميل کن اتر اولهہ طرف موجود آهن.

جڏهن "نند گجر" جو خزانو کڄي ويو ۽ ان جي پورائي لاءِ سندس ڏيڙن ڪاڪ تي وڌيڪ ٽيڪساٽ ٺاهيو تہ هن جي بدنامي ٿي ۽ هي اها جوءِ ڇڏي لاڙ طرف نڪري ويو ۽ اتي اچي نئون ڪوٽ ٺهرايائين جنهن جا نشان سيراٽي کان پنج ميل کن اتر اولهہ طرف موجود آهن جن کي "نند ڪوٽ" ڪوٺيو ويندو هو.

ڪاڪ ۽ لڏاڻي وغيره جو ذڪر گهڻي ڀاڱي سيني تاريخن ۾ آيل آهي، جيڪي ٻيئي جيسلمير جي ايراضي ۾ هئا. جن کان عمر ڪوٽ اٽڪل ۱۴۰ ميل پري هو. ڪاڪ جي نالي سان انهي ڪاڪ نئين ڪانسواءِ ڪپري تعلقي ۾ هڪ شهر، بدين ۾ بہ ٽي ديهون، ميرپور خاص تعلقہ ۾ هڪ پٽ ۽ ڪوهستان ۾ پڻ ڪاڪ جي نالي سان هڪ وڏي ايراضي آهي جنهن بابت لطيف سائين سسئيءَ جي بيتن ۾ اشارو پڻ ڏنو آهي :-

"ڪاڪئون" رات قيام، جيڏيون جت ڪري ويا"

هن سر ۾ ڍٽ جو ذڪر بہ اچي ٿو، جن لاءِ عالمن جا مختلف رايا آهن. هڪڙا چون ٿا تہ ڍٽ ٿر جي وچ واري ايراضي جو نالو آهي ۽ ٻين جي راءِ آهي تہ ڍٽ عمرڪوٽ کان اولهہ طرف ناري واري وڏي ايراضيءَ جو نالو آهي، جنهن ۾ اها "سيريين" واري ايراضي بہ اچي وڃي ٿي، جتي ٻارهين صديءَ عيسوي ۾ "ڏولي نرور" جي راڄڌاني هئي، جنهن جي مرڪزي شهر جا کنڊر موجوده ساماري شهر کان اوڀر طرف ٻن ميلن جي پنڌ تي آهن، جتي مشهور بزرگ، حسن باگوائي" جي درگاه آهي.

ٻئي طرف عمرڪوٽ ۽ ساماري تعلقہ ۾ ٽي چار ديهون اهڙيون آهن، جيڪي سيريين، ڪاروڙو سيريين ڏورو سيريين وغيره جي نالن سان مشهور آهن. جيڪي "سيريين" جي قدامت تي شاهد آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن مختصر بحث مان "مومل راڻي" جي تاريخي پس منظر ۽ جاگرافيائي نشانن بابت جيڪا معلومات حاصل ٿي آهي ان جي تت هيئن ٿو ٿئي تہ اهو واقعو ١۴٠٠ع کان ١۴۴٠ع واري عرصي اندر ٿيو، جڏهن سنڌ جي مرڪزي حڪومت تي سمن جو قبضو هو ۽ ڏورانهن علائقن تي مختلف قومن جو راڄ هئا، جهڙوڪ سوڍا، سومرا، گجر ۽ سما، جن بابت ڪافي روايتون ۽ بيت ملن ٿا. ان کان سواءِ اها پڻ خبر پوي ٿي تہ اهي قومون جيڪي مختلف مذهبن سان واسطو رکندڙ هيون، تن جي پاڻ ۾ ماڻٽي بہ قائم هئي ۽ اهڙي ماڻٽي جا ڪي اهڃاڻ هن وقت بہ ملن ٿا.

## مددي ڪتابن جي فهرست


(١). "دودو چنيسر" مرتب: اقبال جتوئي نيشنل انسٽيٽيوٽ آف فوڪ اينڊ ٽريڊيشنل هيري ٽيج اسلام آباد، ڇاپو پهريو سال ١٩٧٥ع.

(٢). "اٺا مينهن ملير" مرتب: پريو ناشاد، سيد نور احمد شاه ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر، ڇاپو پهريون سال ١٩٧٥ع

(٣). "تاريخ ريگستان" (پهريون) رائيچند هريجن سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ڇاپو پهريون سال ١٩٥٦ع.

(۴). "پير پٿورو" رائچند هريجن، ڇپائيندڙ خود، ڇاپو پهريون سال ١٩٥٥ع.

(٥). "تحفتہ الڪرام" علي شير قانع، سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ڇاپو پهريو سال ١٩٥٧ع.

(٦). "شاهہ عبداللطيف جو رسالو" مؤلف: غلام محمد شاهوائي ، آر - ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد، ڇاپو، سال

(٧). "بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ" محمد سومار شيخ، لاڙ ادبي سوسائٽي بدين، ڇاپو پهرين سال ١٩٧٥ع.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٨). ”مشهور سنڌي قصا“ عشقيہ داستان ”ڏول مارو“، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو پهريون سال ١٩٦٩ع.
(٩). ”مومل راڻو“ - ”مشهور سنڌي قصا“، عشقيہ داستان ڇاپو پهريون سال ١٩٧٥ع.
(١٠). ”شاهہ جو رسالو (تحقيق ۽ تصحيح) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو پهريون سال ١٩٧٧ع
(١١). ”سر مومل راڻو“ هوتچند گربخشاڻي ڇپائيندڙ خود، ڇاپو سال ١٩٤١ع.
(١٢) ”روح رهاڻ“ هوتچند گربخشاڻي ڇپائيندڙ خود، ڇاپو - سال ١٩٤١ع.
(١٣). ماهوار رسالو ”نئين زندگي“، ”سنڌي ڊائجسٽ“ ۽ اخبارن جا خاص نمبر وغيره.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ جي رسالي ۾ سنڌ جا تاريخي ۽ جاگرافيائي اشارا ۽ اهڃاڻ

ڀني:

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ سنڌ جو اهو عظيم شاعر آهي، جنهن جي عظمت کي سموري دنيا تسليم ڪيو آهي، جنهن جو ڪلام نہ رڳو فلسفي، حڪمت ۽ دانائي جو اڪمل ۽ اعليٰ نمونو آهي، بلڪ سنڌ جي ثقافت ۽ تاريخ جو پڻ گنج آهي. سندس ڪلام ۾ سنڌ جي تاريخ بابت جيڪي اشارا ملن ٿا، اهي ايتري قدر وسيع آهن جو انهن تي جيڪر قلم کڻجي تہ، تاريخ جا ڪيترائي املهہ ڪتاب تيار ٿي سگهن ٿا.

منهنجو هي مختصر مقالو، جنهن جو عنوان آهي "شاهہ جي ڪلام ۾ سنڌ جي تاريخ بابت اشارا ۽ اهڃاڻ" سو هن ڏس ۾ مختصر کان مختصر ۽ هڪ ابتدائي ڪوشش آهي، جنهن ۾ مون سڀ کان پهرين، هن ڌرتيءَ تي، موجوده انساني نسلْ جي وڏي ڏاڏي حضرت آدم عليہ السلام جي رهائش ۽ آبادڪاريءَ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان جي آثارن جي نشاندهي ڪئي آهي ۽ ان کان پوءِ باقي مقالي کي مختلف بابن ۾ ورهايو آهي، جن جا عنوان هن طرح آهن:

موٻيا، مارو، جک، ماڙيچا، پنهوار، ڪرڙ وغيره.

سنڌ جي تاريخ بابت هي عنوان جنهن ۾ مختلف قومن جي ماضيءَ ڏانهن ابتدائي اشارا آهن. تنهن ۾ هر قوم جي شاخن، حاڪمن، راجائن، راڻن، سردارن، سڪرن، پهلوانن، بهادرن، سخين، ڏاتارن، ڏات ڌڻين وغيره ۽ انهن جي آثارن جو ذڪر اچٽو آهي. ان لاءِ ظاهر آهي تہ ايتري ۽ ايڏي ساري مواد کي هڪ مقالي ۾ آڻڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي پهچ کان تہ گهڻو پري آهي. ان ڪري مون ان مواد کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قسطن ۾ پيش ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي، جيڪي بہ خبر ناهي تہ ڪيتريون بيهنديون. انڪري في الحال انهيءَ گنج مان ڪجهہ ڪٿا عرض رکان ٿو. جيڪي پيش ڪرڻ کان پهرين سيني عالمن، ماهرن، سگهڙن، سيائن ۽ پڙهندڙن کي عرض ڪندس تہ منهنجي هن ٽٽل ڦٽل، وکريل ۽ اڻپوري مقالي پڙهڻ کان پوءِ مهرباني فرمائي منهنجي هن ڏس ۾ رهبري ۽ رهنمائي ڪرڻ فرمائين.

چڱا ڪن چڱايون، مٺايون مٺن،
جو وڻ جڙي جن سان سور وڻ سيئي ڪن.

(لطيف)

شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ سنڌ جي تاريخ جا اهڃاڻ تلاش ڪندي، سڀ کان پهرين انسان ذات جي وڏي ڏاڏي، حضرت آدم عليہ السلام جا آثار سامهون اچن ٿا، جيڪي ”ٻنيءَ“ جي نالي سان مشهور آهن. جن کي عام طرح ”ڏاڏي آدم جي ٻني“ ڪوٺيو وڃي ٿو. ٻنيءَ جا اهي آثار ٻن ماڳن تي آهن، جن مان پهريان ”رڻ ڪڇ“ جي ڏاکڻين ڪناري سان، هڪ ”ٻيٽ“ جي شڪل ۾ موجود آهن، جنهن جي ڊيگهہ سٺ ميل ۽ ويڪر چوڏهن ميل آهي. (١) ٻنيءَ جي اوير طرف ٻيا جيڪي ٻيٽ آهن تن ۾ مشهور ٻيٽ، ”ڪريڙ“ ۽ ”ٻيلو“ آهي. اتر ۽ اولهہ ۾ وري ”پچم“، ”پانور“ ۽ ”ڪائوڙ“ ٻيٽ آهن؛ شاهہ سائين نہ رڳو انهن ٻيٽن کي ڳايو آهي بلڪ انهي علائقي جي مشهور جبلن جهڙوڪ - ڪيرو جبل، جُهرو جبل، هبو جبل، لوٽو جبل کي پڻ ڳايو آهي. جيئن:

ابڙو اگهامن ۾ سپڙ جيئن ”ٻيلي“،
”ٻيلي“ ۽ گُڙنار، اٺو گنگاجر جکرو،
”ڪريڙ“ پون ڪري پاٽا پير ڏکوبا پکٽيئن،
”ڪريڙٽا“ ڪيل ڪري ايو ئي آهي،
لاکو ”لوئي“ آيو ”هبي“ پيئي هاڪ،
”پانور“، ”ڪنا“ پيچڙي ڏونگر پيئي ڏاڪ،
”ڪيرا“ تون نيرو ٿئين تنهنجي ”ٻنيءَ“ چڏي ٻهڪ،
ٻنيءَ ٻهڻ نہ ڏي جهري ويئي جهوڪ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻنيءَ جي ايراضي ڪان سنڌ جي موجوده سرحد ٢٠ ـ ٢٥ ميل، ڏيپلو ۽ راهوڪي بازار ٤٠ ـ ٥٠ ميل، ”سمانتنگر“ يا ”ساموئي“ جا ڪنڊر ٤٠ ـ ٥٠ ميل پري آهن.

ٻنيءَ واري هيءَ ايراضي جيڪا هن وقت ”انڊيا“ جي ڪڇ صوبي ۾ آهي، اها قديم دؤر ۾ سنڌ سان شامل هئي، جنهن جو اثر اڃا بہ باقي آهي. اهو هيئن جو هن وقت بہ ٻنيءَ ۾ آسپاس واري ايراضي جو ڪو ماڻهو ڪڇ جي ڏاڪڻين ۽ اولهہ طرف وارن علائقن ۾ ويندو تہ اُنهيءَ ايراضي جا ماڻهو چوندا تہ ”اڙي وانجي هي پڻ سنڌ ڪان آيو آهي“ يا چوندا تہ ”اسان جي سِهرِ ۾ اڄ سنڌي آيو آهي“ (٢)

هن ٻنيءَ جي اها خوش نصيبي آهي، جو ان کي شاهہ جهڙي عظيم شاعر پنهنجي ڪلام ۾ جاءِ ڏني آهي ۽ فرمايو اٿس تہ:

ٻنيءَ ٻهڻ نہ ڏي، جهِري ويٺي جهوڪ،
”لوٺي“ متان لوڪ، لاکي لک لڏائيا. (٣)

شاهہ صاحب کان پوءِ، سنڌ جي سڄاڻ شاعر خليفي نبي بخش قاسم پڻ مذڪوره ٻني کي ڳايو آهي ۽ فرمايو اٿس تہ:

جاڙيجاڻي جنگ آهي اوتارن سين،
لکو لوڙائن جو منجهان ”ٻنيءَ“ ٻنگ،
گورا توڏ گڙنگ، هيٺو هيڪاندا ڪري. (٤)

*

مند ٿي مندل وڃيا، ٻنيءَ ٻوڙيائين،
”سامڊهي“ جي سيم ۾ ڪيما ڪوڙيائين،
جوڙون جوڙيائين، پڪي ڪورڙ ڪڇ جي. (٥)

*

مند ٿي مندل منديا، ٻڏا سڀ ”ٻنيار“
هني ميهن منجهايا رڙبون ڪن ربدار،
تڙ، واهڙ سڀ تار ٿيا، پهري ڪانہ پنهوار،
مينهون ۽ ميهار، آگي آسودا ڪيا. (٦)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خليفي نبي بخش کان پوءِ اوڻهين صديءَ جي سچاڻ شاعر غلام محمد خانزئي پڻ ٻنيءَ کي ڳايو آهي. فرمائي ٿو تہ:

سسئي جي سوار توکن قرارا نہ کيا،
آخرجو من دياري پکن پيئي پچار،
ٻنيءَ ۾ ٻيهار، وري ويهم ويسرا. (٧)

هن ٻنيءَ لاءِ متواتر روايتون آهن تہ اها ٻني قديم دؤر کان وٺي ١٩٧٠ع تائين آباديءَ کان ٻچيل رهندي آئي آهي. جنهن لاءِ وڏي عمر جا راوي چون ٿا تہ اسان پنهنجن وڏن کان، اهي پنهنجن وڏن کان، اهڙي طرح سيئي وڏا پنهنجن وڏن کان مسلسل ٻڌندا آيا آهن تہ اها ڌرتي جيئن تہ انسان ذات جي وڏي ڏاڏي آباد ڪئي هئي ۽ ان جي ئي نالي سان منسوب ۽ مشهور آهي، تنهنڪري قديم دؤر کان ان ۾ پوک ڪرڻ جي منع ڪيل آهي.

سنڌ توڙي ڪڇ جي حاڪمن جي قبضي دؤران اهو قانون نافذ رهندو آيو آهي تہ جيڪو بہ ماڻهو انهيءَ ٻنيءَ جي ايراضي ۾، گهر اندر توڙي ٻاهر ڪجهہ بہ پوکيندو تہ ان لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ مهينا قيد جي سزا هوندي. (٨)

ٻنيءَ جا ٻيا آثار انهي رڻ ڪڇ واري ٻنيءَ کان لڳ ڀڳ ٧٠ ـ ٨٠ ميل پري اتر طرف ٿرپارڪر ضلعي ۾ موجود آهن، جيڪي ٿرپارڪر ضلعي جي ٽن تعلقن هرهڪ تعلقي ساماري، تعلقي ڪوٽ غلام محمد ۽ تعلقي ڏگهڙي جي ايراضي ۾ اچي وڃن ٿا، جيڪي قديم دؤر جي ٻن دريائن پوراڻ ۽ الهندي هاڪڙي جي وچ ۾ اچي وڃن ٿا. ٻنيءَ جي هن ايراضيءَ ۾ ”ناري“ ۽ ”پراڻ“ جي پٽ جون ڪيتريون ننڍيون ننڍيون ايراضيون اچي وڃن ٿيون، جيڪي مختلف نالن سان مشهور آهن، جن کي پنهنجي پنهنجي تاريخ ۽ ڪلچر آهي.

انهن ايراضين ۾ ڪپوراڙو، اڪڙو، سارو، سيريين، مولاسو، لياري، ڪينجهيجي، سونٽ، جوارياسر، سڪرياري، رپ بروئر، دوڙيلو، سانوري، نوهٽو، ڪلات، بدام ۽ سامروٽي مشهور آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ايراضين کان سواءِ ٻنيءَ جي هن ايراضيءَ جي قديم دؤر جي ڪيترن ئي وهڪرن جا نشان پڻ ملن ٿا. جيئن ريٽي، پينگهارو، ڳونيرو، ڏنيرلو وغيره جيڪي سيئي اتر کان وهندا، ڏکڻ طرف ٻين وهڪرن سان شامل ٿي ويندا هئا يا سمنڊ ۾ وڃي ڇوڙ ڪندا هئا.

ٻنيءَ جي هن ايراضيءَ جي ڏاکڻين ڇيڙي وٽ ڪجهہ اهڙن وهڪرن جا آثار پڻ ملن ٿا. جيڪي اُتر اوپر کان ڏکڻ اولهہ ڏانهن وهندا هئا، جن جا نشان ٻنيءَ کان ڏکڻ طرف پوراڻ کان پار ٿنڊي باگي ۽ بدين تعلقن ۾ بہ ملن ٿا.

ڪيترن وڏن عالمن لکيو آهي تہ برصغير جي جنهن سر زمين تي حضرت آدم عليہ السلام لٿو يا ڪيس لاٿو ويو ان ايراضي جو نالو "دجناءَ" آهي. (٩) ان لاءِ اسين جيڪر ٻنهي ٻنين جو جائزو وٺنداسون، تہ "دجناءَ" واري ايراضي اسان کي ٻنهي طرفن ۾ ڏسڻ ۾ ايندي، جيڪا مقامي لهجي "ڏجهڙاءِ" يا "ڏاجهٽاءِ" جي نالي سان مشهور آهي.

ترپارڪر ۾ اها ايراضي ڪوٽ غلام محمد ۽ ڏگهڙي تعلقن جي ڏکڻ طرف واري دنگ تي آهي ۽ اتان وهندڙ مشهور وهڪري "جمڙائو واهہ" جي اُتان واري موريءَ تي ان قديم ايراضي واري نالي پويان "ڏاجهيرو موري" نالو مشهور٭ٿي ويو آهي.

مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي ٻنين جو اگر جائزو وٺنداسون تہ اهي ٻئي ٻنيون حضرت آدم عليہ السلام جون آباد ڪيل ٻنيون معلوم ٿينديون. جن ۾ رڻ ڪڇ واري ٻنيءَ آڳاٽي ۽ پهرين آباد ڪيل ٻني ثابت ٿيندي.

ٻنين جي مذڪور آثارن ۽ اهڃاڻن ملڻ کان پوءِ، ٻي ڏڙڪ ڇئي سگهبو تہ اها ئي متبرڪ ڌرتي آهي. جنهن کي رب پاڪ، دنيا جي پهرئين عظيم انسان جي سڪونت لاءِ پسند فرمايو، جتي هو رهيو. آباد ٿيو ۽ کاڌي جي حصول لاءِ اهي ٻنيون پوکيائين، جن جو نالو ۽ وجود اڃا باقي آهي.

مشهور روايت آهي تہ حضور ﷺ جن کي، هن ڌرتي مان جنت جي هير حاصل ٿيندي هئي ۽ پاڻ نماز کان فارغ ٿيڻ بعد گهڻو ڪري هن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪ ڏانهن منهن ڪري وهندا هئا. (١٠) اهو ئي سبب آهي جو هن ڌرتي کي "باب الاسلام" ڪوٺيو وڃي ٿو، ڇو تہ اسلام جي شروعات هن ئي ڌرتي کان ٿي هئي. (١١) وحي جو پهريون سلسلو هتان کان ئي هليو. اسلاميٰ عبادتن جو پهريون طريقو هتي ئي رائج قائم ٿيو ۽ دنيا جي پهرين ديني درسگاهہ پڻ هتي ئي قائم ٿي، جنهن ۾ حضرت آدم جي اولاد مذهبي تربيت حاصل ڪئي. (١٢)

مليل نشانن، آثارن وغيره جي لحاظ کان سيني کي اهو قبول ڪرڻو پوندو تہ، سنڌ جي هيءَ ڌرتي، اها متبرڪ ۽ عظيم ڌرتي آهي، جتان انسان ذات جي مذهبي، ثقافتي ۽ سماجي تاريخ شروع ٿئي ٿي، جنهن جي نشاندهي لطيف سائين ڪئي آهي. جنهن بابت وڌيڪ کوجنا ڪرڻ اسان جي تاريخدانن ۽ آثار قديمہ جي ماهرن جو فرض آهي.

سورج ڪيو سلام، ايرندي عجيب کي،
پيشانيءَ پر ٿيو، منجهان جلوي جام،
اتس مٿي عام، تيلاهن سدا سوجهرو.

(خليفو)

**حوالا ۽ واڌارا : .**

(١) راوي قاضي محمد سليمان يان، رهندڙ ڳوٺ پنهنجو، تعلقو ٽنڊو باگو، هن وقت وفات ڪري چڪو آهي، عمر اٽڪل ٩٠ سال هئس، سمات قوم جو يان هو. جنهن ٻڌايو تہ ورهاڱي کان پهرين هو ڪئين دفعا ڪڇ جي سيني علائقن جو سير ڪري چڪو هو. ٻنيءَ جي ديگهہ، ويڪر ۽ جاگرافيائي محل وقوع پڻ ان ئي ٻڌايو هو.

(٢) محمد سومار شيخ - "ڪچين جا قول" ڇاپو پهريون، سال ١٩٧٧ع صفحو ٧، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(٣) مرزا قليچ بيگ، شاهہ جو رسالو، سر ڏهر، صفحو ٧١٦، ڇاپو پهريون سال ١٩١٣ع هنسراج پرنٽنگ پريس سکر.

(٤) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "خليفي صاحب جو رسالو ڇاپو پهريون، سال ١٩٦٣ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ص ١٠٠


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ”خليفي صاحب جو رسالو“، ڇاپو پهريون سال ١٩٦٣ع. سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ص ٣١ .

(٦) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ”خليفي صاحب جو رسالو“ ڇاپو پهريون سال ١٩٦٣ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ص ٣١ - ٣٧.

(٧) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ”رسالو غلام محمد خانزئي“، ڇاپو پهريون، سال ١٩٨٥ع، سر ڏهر، صفحو ٤٠٨ شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، حيدرآباد.

(٨) راوي اويڙ پلي، رهندڙ ڳوٺ ويرا واءِ، تعلقو ننگر پارڪر. جيڪو ٣ - ٤ سال اڳ وڏي عمر ۾ وفات ڪري ويو آهي. ٻيو راوي آهي قاضي سليمان ڀان، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

(٩) سيد سليمان ندوي ”عرب و هندڪي تعلقات“ ۾ لکيو آهي ته جڏهن آدم کي جنت مان ڪڍيو ويو ته ان کي زمين جي جنت ۾ آندو ويو. جنهن زمين کي ”هندوستان جنت نشان“ ڪوٺيو وڃي ٿو، جيڪا زمين اصل ۾ سنڌ جي سر زمين آهي. جنهن ۾ جنت جي چئن دريائن مان هڪ درياء ”سيهون“ موجود آهي. جنهن جو اصل ته ڪو نالو ٻيو آهي پر سيوهڻ جي واسطي سان ان کي سيهون سڏيو ويو آهي.

(١٠) سيد سليماں ندوي، ”عرب و هند ڪي تعلقات“ ڇاپو پهريون، سال ١٩٣٠ع صفحو ٢، ناشر هندوستاني اڪيڊمي الله آباد.

(١١) مير حاجي محمد بخش ٽالپر جو مقالو (قلمي) ”يا دونسي سمات قبيلي جا مورث اعليٰ“ صفحو - ٣ ”ڀاڻ هي مقالو خيرپور جي سيمينار ۾ پڙهيو هئائين ۽ ان جو فوٽو اسٽيٽ ڪاپي راقم کي به ڏني هئائين.

(١٢) مولانا غلام محمد گرامي، مقالو ”سنڌ جي عظمت جا اهڃاڻ“ ڪتاب ”اُنا مينهن ملير“ مرتب ناشاد ۽ ناشر سيد نور احمد شاهه ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر، ڇاپو پهريون سال ١٩٧٥ع صفحو ٨٢.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏيهي ڏور ٿيا

ٿرپارڪر ضلعي جي ٿر ۾، جهڙي طرح ”موهر“ يا ”مهرائي“ وارو پاڳو، ٿر جي ٻئن حصن کان سهڻو، وٽندڙ ۽ من موهيندڙ آهي، اهڙي طرح مهرائي جا ماڻهو بہ ٻئن پاڳن جي رهاڪن کان وڌيڪ سهڻا ۽ حسين آهن.

مارئي ـ جيڪا مهراڻ جي ”منهن مٽور“ مٽيا واري ۽ سونهن جو بهترين نمونو هئي، سا هڪ ڏينهن جيئن پنهنجي ڳوٺ جي اولهہ طرف واري کوهہ تي پاڻي ڀرڻ لاءِ پهتي ۽ چڙهي، کوهہ ۾ واريائين تہ پريان کان هڪ اوٺي ڏٺائين، جيڪو اُٺ کي تيز هڪليندو ڏانهس پئي آيو. جيئن ئي کوهہ تي پهتو تہ مارئي کي ٻانهن کان وٺي مٿي چڪي، سندس وات تي هٿ ڏيئي، کيس کنيي ڪٺي، هليو ويو ۽ پل کن ۾ هڪ زبردست ڪوٽ ۾ پهچي ويو.

شاهہ عبداللطيف انهيءَ منظر کي اجهو هيئين طرح شعر جو روپ ڏنو آهي:

کڙي هئي کوهہ تي، اوٺي ڏٺائين،
ويس ورت هٿن مان، رتو رنائين،
چڙهندي چيائين، تہ چنو سگ سرتيون.

اهو اوٺي، عمر ڪوٽ جو حاڪم، عمر سومرو هو، جيڪو مارئيءَ جي سونهن جي هاڪ ٻڌي، مارن جي غير حاضريءَ جو موقعو حاصل ڪري، عمرڪوٽ کان ڪاروڙي جي ڳوٺ ۾ پهتو، جيڪو ڳوٺ عمرڪوٽ کان ڇهہ ـ ست ميل پري اتر طرف هو. جتان قديم دؤر ۾ ”دامن دريا“ وهندو هو، جنهن جي پيٽ جا نشان اڄ بہ موجود آهن، جن جي ساڄي طرف، ”ڪاروڙي“ جي پراڻي ڳوٺ جا پڊ ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ ڪاٻي پاسي ”امرائي“ جي قديم شهر جا آثار موجود آهن. جنهن مان اهو ٿو ثابت ٿئي تہ امرائو (امرڪوٽ) ۽ عمرڪوٽ ٻئي جدا ماڳ آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن جو هڪ ٻئي سان ڪوبہ واسطو ڪونہ آهي.

ڪاروڙي جا غريب رهاڪو جڏهن عمر سومري جي ڏاڍ جو نشانو بنيا تہ اهي، عمر سان مقابلي جي سگهہ نہ ساريندي ماٺ ميٺ ۾ ڪاروڙي مان لڏي پاٽر طرف هليا ويا ۽ ويڙهيجهپ جي مشهور ڍهر وٽ وجي ڳوٺ ٻڌائون، جيڪا ايراضي عمر سومري جي راڄڌانيءَ کان ٻاهر هئي.

مارئي، جيڪا عمر جي ڪوٽ ۾ قابو هئي، تنهن کي آسرو هو تہ سندس مائٽ ڪنهن نہ ڪنهن طرح عمر کي مجبور ڪري، کيس آزاد ڪرائيندا. تنهن جڏهن مائٽن جي لڏي وڃڻ جي خبر ٻڌي تہ سندس مارن هٿان آزاد ٿيڻ واري اميد بہ ختم ٿي وئي ۽ ڏاڍو رنائين پٽيائين.

لاڪيٽي لطيف، مارئي جي انهي ارمان ۽ افسوس واري حالت کي اجهو هيئن شعر جو روپ ڏنو آهي.

ڪاروڙيا ڪٽي، "ويڙهي جهپ" ويا،
سيڻ منهنجا سيد چئي، هاٿي هت هئا،
پسي پد تنين جا، لڙي لڙڪ پيا،
ڏيهي ڏور ٿيا، ڏيان ڏوراپا ڪن کي.

ٻئي طرف جڏهن مارئيءَ جا مائٽ، ڪاروڙو ڇڏي، عمر سومري جي حڪومت جي حد مان نڪري ويا تہ عمر کي ڏاڍو ويچار ٿيو ۽ مارئي کي وڃي چيائين تہ تنهنجن مائٽن هي ڇا ڪيو؟ هتان ڇو لڏي ويا؟ تہ مارئيءَ کيس انهن سوالن جو روڪڙو ۽ کرو جواب ڏنو. جنهن کي حضرت ڀٽ ڌڻيءَ هن طرح شعر جو روپ ڏنو آهي:

جہ سي لوڙائو ٿيا، جنين سندي ڏير،
ماروئڙا فقير، رهي رهندا ڪيترو ؟

*

جہ سي لوڙائو ٿيا، جنين پير رهن،
مارو منجهہ ٿرن، رهي رهندا ڪيترو ؟

مارئي جي انهي جواب کان پوءِ عمر ڏاڍو پڇتايو، ڇو تہ هو سنڌ جي حڪومت وڃائڻ کان پوءِ لڳ ڀڳ پنج ڇهہ سال هيڏانهن هوڏانهن رلڻ ۽ ڀٽڪڻ کان پوءِ مس مس عمرڪوٽ جي قلعي ۽ آسپاس واري علائقي تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قابض ٿيو هو ۽ پنهنجي ننڍڙي حڪومت قائم ڪئي هئائين، تنهن ڪري ڊپ ٿيو تہ متان مارئيءَ جا مائٽ سمن حاڪمن تائين پهچي وڃن ۽ سما چڙهائي ڪري، هيءَ ننڍڙي حڪومت بہ کسي نہ وٺن، سو ڏاهپ کان ڪم وٺندي، اول مارئيءَ کان معافي ورتائين ۽ پوءِ ان جي معرفت سنڌس مائٽن سان صلح ڪري، مارئيءَ جي پاڻهن سنڌن حوالي ڪيائين، جنهن حقيقت کي شاهہ صاحب اجهو هن طرح ڳايو آهي.

اُنـــي ٿـي وراڻ، ڪـيـئـن واڏايـون آئـيـون،
لٿي لـوئـڙيـاريـين، مـڙني مـنـهـن ڪـاڻ،
صـلـح واريـو سـومـري، چـئـي پـهـنـوارن پـاڻ،
هـمـيـر نـئـون هـاڻ، مـهـت لـهـنـدي مـارئـي.

مارئي جڏهن مائٽن سان گڏجي، مارن جي ماڳن تي پهتي، تہ واندين ۾ وهوا ٿي وئي ۽ واڌايون اچڻ لڳيون ۽ هر طرف خوشين جي لهر ڊوڙي وئي، جنهن کان مارئي جو ملول منهن بہ سرهو ٿيو ۽ هن ڌڻي پاڪ جا لک لک شڪرانا ادا ڪيا.

ٿر جي مشهور شاعر خليفي نبي بخش ”قاسم“ لغاري انهيءَ حقيقت کي نگاهہ ۾ رکي، اجهو هيئن فرمايو آهي:

آيـــم اجـــڙوال، ٿـــاريـــلا ٿـــر ڌڻـي،
لاٿـائـون لـطـيـف چئـي، مـتـان قـيـد ڪـنـگـال،
مـون تـي وريـا واهـرو، لٿـو بـنـد بـبـال،
سـٽـي سـڏ سـوال، مـوهـر ڌڻـي مـوٽـيـا.

مارئيءَ جي مائٽاڻي ڳوٺ ڪاروڙي ۾ هن وقت ٻيو ڪوبہ پراڻو آثار باقي ڪونهي. فقط ڪچي مٽيءَ جي هڪ مسجد موجود آهي، جنهن جو نهرائيندڙ ڪلهوڙا دؤر جو هڪ بزرگ ميون امان الله ڊاسوڙيءَ وارو هو، جنهن انهيءَ ڳوٺ جي ويجهو هڪ جهنگ ۾ اچي چلو ڪڍيو هو ۽ چلي مان اٿڻ کان پوءِ اها مسجد نهرائي هئائين.

اها مسجد ڳوٺ جي وچ ۾ مگرين جي پاڙي ۾ آهي، جنهن ۾ هن وقت بہ نماز پڙهي وڃي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارئي "پالوا" جي نہ، پر "ڪاروڙي" جي هئي

سال ١٩٨٥ع جي ڳالهہ آهي تہ، جڏهن "مهراڻو پبليڪشن ٿرپارڪر" طرفان شايع ٿيل ڪتاب "ڏيهي ڏور ٿيا." ۾ منهنجو هڪ مختصر مقالو ڇپيو هو، جنهن جو عنوان پڻ "ڏيهي ڏور ٿيا" هو، جنهن ۾ مون شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ ۽ خليفي نبي بخش رحہ جي بيتن جي حوالي سان لکيو هو تہ، "مارئيءَ جي مائٽن جو ماڳ ڪاروڙو هو، جيڪو عمرڪوٽ کان ست-آٺ ميل پري اتر طرف آهي."

منهنجو اهو مختصر مقالو منهنجي هڪ دوست محترم الله داد جنجهي صاحب جي نظر مان جيئن ئي گذريو، تيئن ڪيس ڏاڍي مٺيان لڳي ۽ هر محفل ۾ انهيءَ مقالي تي تنقيد ڪندو رهيو ۽ منهنجي خلاف بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ چوندو رهيو، پر اشراف مون سان روبرو ملڻ تي، ڪڏهن بہ اهڙي ڳالهہ نہ ڪئي. آخر نيٺ منهنجي انهيءَ مختصر مقالي جي رد ۾ هڪ آزادانہ مقالو لکي ورتائين، جيڪو ٻن سالن کان پوءِ هفتيوار "وينجهار" جي ٥ آڪٽوبر کان ١١ آڪٽوبر ١٩٨٧ع تائين واري پرچي ۾ شايع ٿيو، جيڪو وينجهار جي سڄن سارن "ٻن صفحن" تي پکڙيل آهي.

جنجهي صاحب جو اهو مقالو ڪنهن بہ حالت ۾ نظر انداز ڪرڻ جي لائق نہ آهي، ڇو تہ اهو مقالو اهڙي تہ جديد رنگ ۽ ڍنگ سان لکيل آهي، جو ان مان گرامر ۽ لسانيات بابت نئين ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي ۽ تنقيد جا نوان طريقا ۽ نوان گُر ظاهر ٿين ٿا، جيڪي جدت پسندن لاءِ قيمتي سرمايو آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي ٽري عالم، پنهنجي بي بها مقالي ۾ منهنجي لکت بابت پنهنجي راءِ ظاهر ڪندي، لکيو آهي ته:

* مذڪوره مضمون "ڏيهي ڏور ٿيا" ۾ صحيح ثبوت جي ڪابه صداقت نه آهي.

* ڏيکاريل دليل من گهڙت، محتاج ۽ بي ادب آهن، جنهن ڪي ڪوبه وزن يا وقار نه آهي. (وينجهار ص ١۴)

استاد الله داد صاحب جي لساني، صرفي ۽ نحوي رنگينيءَ ڪي في الحال ٽورو پاسيرو رکي، سندس تحرير جي مقصد تي اچون ٿا، جنهن ۾ هن جو اعلان آهي ته "معمور جيڪي لکيو آهي، سو سڀ غلط ۽ بي دليل آهي."

لاڪيٽي ليکڪ جي انهيءَ تحرير جي جواب ۾ عرض ڪندس ته مذڪور مقالي "ڏيهي ڏور ٿيا" ۾، مون ڪابه ڳالهه پنهنجي طرفان نه ڇڻي آهي. مون جيڪي ڪجهه لکيو آهي، اهو دنيا جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سنڌ جي سچاڻ شاعر خليفي نبي بخش "قاسم" جي بيتن جو مختصر مطلب آهي، جيڪو هرڪو آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو. باقي رهيو الله داد جو معاملو، سو جيڪڏهن اهو سولو مطلب آساني سان سمجهي نه سگهيو هجي، ته ان ۾ نڪو ڀٽ ڌڻيءَ جو قصور، نه وري خليفي جو ئي ڏوهه آهي. جي ڏوهه آهي ته شبپر خان جو، جنهن جي لاءِ حضرت سعدي شيرازي ڪئين صديون اڳ فيصلو ڏيئي ڇڏيو آهي ته:

گر نه بيند بروز شبپر چشم - چشمهء آفتاب را چه گناه.

ٽر جي تاريخدان جي جرئت جو اهو ڪمال آهي، جو هن شاهه صاحب جي مشهور بيت "ڪاروڙيا، ڪٺي ويڙهيجهپ ويا." کي، هڪڙي ئي داٽوڙي سان ڇڀي، لتاڙي، ان جي شڪل بدلائي وڏي واڪي هي اعلان ڪيو آهي ته !

"اهو بيت واقعا تي بيت آهي، جنهن ۾ "ڪاروڙو" لفظ نه آهي. اهو لفظ "ڪورڙو" آهي. ڪاروڙي ۽ ويڙهيجهپ جو پاڻ ۾ ڪوبه تعلق نه آهي." (وينجهار ص ١۴)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنجھيءَ جي جھونجھار جو مٿيون عالمانہ اعلان پڙھڻ کان پوءِ اھو ضروري ٿي پيو آھي تہ سندس طرفان پيش ڪيل عجيب و غريب اعتراضن جا جواب پيش ڪجن، تہ جيئن تر جي سگھڙ جي اڻ ڪٿ علميت ۽ اجھاڳ معلومات جو ذخيرو بہ ظاھر ٿي پوي ۽ سندس شھرت کي بہ چار چنڊ لڳي پون.

سڄاڻ عالم جي مٿين چئن جملن ۾ بہ اعتراض سمايل آھن، جن مان پھريون اعتراض آھي تہ "مذڪور بيت ۾ لفظ "ڪاروڙو" نہ بلڪ "ڪوروڙو" آھي. ٻيو اعتراض تہ "ڪاروڙي ۽ ويڙھيجھپ جو پاڻ ۾ ڪوبہ تعلق نہ آھي."

قابل معترض جا ٻئي اعتراض مبھم آھن، جن مان پھرئين اعتراض ۾ "ڪوروڙي" لفظ لاءِ ڪنھن بہ رسالي جو حوالو نہ ڏنو اٿس، ۽ ٻئي اعتراض ۾ "تعلق" لفظ جي وضاحت نہ ڪئي اٿس، جيڪي ٻئي ڳالھيون ادبي زورآوري ظاھر ڪن ٿيون، جن تي بحث ڪرڻ، منھنجي ھن مقالي ۾ شامل نہ آھي، ان ڪري آئون بنيادي مقصد ڏانھن موٽان ٿو، جنھن ۾ پھريائين مون کي فاضل نقاد جي پھرئين اعتراض جو جواب ڏيڻو آھي، جيڪو آھي "ڪاروڙيا ڪٽي ..." بيت ۾ "ڪاروڙي يا ڪوروڙي" لفظ جو استعمال، جنھن لاءِ اسان کي پنھنجي من ماني ڇڏي، لطيف سائينءَ جي رسالن جو مطالعو ڪرڻو پوندو ۽ اتان ئي فيصلو وٺڻو پوندو ۽ ان لاءِ سڀ کان پھرين اسين شاھہ صاحب جو زير بحث بيت اصل شڪل ۾ لکنداسون ۽ پوءِ ان کي ١٨٦٦ع کان وٺي، موجوده وقت تائين ڇپيل رسالن ۾ ڏسنداسون تہ اھو بيت ڪھڙن رسالن ۾ ڪٿي ۽ ڪھڙيءَ طرح آيل آھي؟

اھو بيت اصل ۾ ھيئنءَ آھي:

ڪاروڙيا ڪٽي، ويڙھيجھپ وٺا،
سيڻ منھنجا سيد چئي، ھاٿي ھت ھٿا،
پسي پڌ انين جا، لڙي لڙڪ پٽا،
ڏيھي ڏور وٺا، ڏيان ڏوراپا ڪن کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي بيت، مختلف اديبن ۽ عالمن جي ترتيب ڏنل رسالن ۾ تلاش ڪرڻ کان پوءِ، آءٌ اهو اعتراف ڪندس تہ آءٌ غريب ۽ ٿورو پڙهيو ماڻهو آهيان. مون وٽ نہ وڏو ڪتبخانو آهي ۽ نہ ئي وري وڏن اديبن ۽ وڏن لئبررين تائين پهچڻ جي توفيق اٿم. ان ڪري هتي فقط انهن چند رسالن جا حوالا پيش ڪندس، جيڪي مون کي ميسر ٿي سگهيا آهن. باقي رهيل ڇاپي رسالن بابت ادي الله داد کان ئي پڇنداسون، جيڪو پاڻ کي لطيفيات جو وڏو ڄاڻو ڪوٺائي ٿو ۽ چند سالن کان شاهہ صاحب جو هڪ "گهڻ - بيتو" رسالو ترتيب ڏيو ويٺو آهي ۽ ڇپائڻ جي سوچ ۾ آهي، ان ڪري وٽس لازمي طرح سڀ ڇاپي رسالا هوندا. باقي مون کي فقط ويهہ رسالا ملي سگهيا آهن، جن مان بہ ٽي رسالا اهڙا آهن، جيڪي ڪنهن طرح مٿئين بيت کان خالي آهن، باقي جن رسالن ۾ اهو بيت ملي ٿو، انهن جو خاڪو هيٺينءَ طرح آهي.

١٣٠٣ هہ واري بمبئي ڇاپي ۾ اهو بيت ٣٨٨ صفحي تي آهي. ١٣١٠هہ واري ڇاپي ۾ اهو بيت ٤٤٠ صفحي تي آهي. ١٣٢٩هہ واري بمبئي ڇاپي ۾ اهو بيت ٣٦٦ صفحي تي آهي. ١٣٤٠هہ واري بمبئي ڇاپي ۾ اهو بيت ٣٦٦ تي آهي، ٢٤ سٽن واري قديمي ڇاپي ۾ اهو بيت ٢٥٢ صفحي تي آهي تارا چند واري سرڪاري ڇاپي ۾ اهو بيت ٥٩٩ صفحي تي آهي. مرزا قليچ بيگ واري رسالي ۾ اهو بيت ٨٣٠ صفحي تي آهي. عبدالله سومري جي ڪتابت ڪيل رسالي ۾ اهو بيت ٣٤٩ صفحي تي آهي. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي واري رسالي جي ٽئين جلد ۾ اهو بيت ١٠٤ صفحي تي آهي. خان بهادر محمد صديق ميمڻ واري رسالي ۾ اهو بيت ٤٥٠ صفهي تي آهي. غلام محمد شاهواڻي واري رسالي ۾ اهو بيت ٨٢٨ ۽ ٨٢٩ صفحي تي آهي. محمد عثمان ڏيپلائيءَ واري رسالي ۾ اهو بيت ٢٧٧ صفحي تي آهي. مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ واري رسالي ۾ اهو بيت ٦٩٤ صفحي تي آهي. علامہ آءِ - آءِ قاضي جي رسالي ۾ اهو بيت ٧٤١ صفحي تي آهي، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي رسالي ۾ اهو بيت ٢٩١ صفحي تي آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلائيءَ جي پاڪيٽ سائز رسالي ۾ اهو بيت ۵۸۲ صفحي تي آهي. ڪلياڻ جي سر مان شروع ٿيندڙ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ واري رسالي ۾ اهو بيت ۵۵۸ صفحي تي آهي. انهن سيني رسالن ۾ اهو بيت اٿيئن اهي. جيئن مون مٿي لکيو آهي. سيني عالمن مذڪور بيت ۾ لفظ "ڪاروڙو" برقرار رکيو آهي، ۽ ڪنهن به عالم "ڪوروڙو" نه لکيو آهي. متن ته پري رهيو، پر ڪٿي ڪنهن رسالي جي حاشيہ به "ڪوروڙو" لفظ ڪونہ ٿو ملي.

هاڻي پڙهندڙ حضرات جنجهي صاحب کان پڇي سگهن ٿا تہ اهو "ڪوروڙو" لفظ ڪهڙي ڇاپي رسالي ۾ آهي؟ جيڪڏهن جنجهي صاحب درست جواب ڏيئي نٿو سگهي تہ پڙهندڙ ئي فيصلو ڪن تہ ڏوهہ ڪنهن جو ؟

قابل نقاد جو ٻيو اعتراض آهي تہ "ڪاروڙي ۽ ويڙهيجهپ جو پاڻ ۾ ڪوبہ تعلق نہ آهي". (وينجهار ص ۱۴)

جواب ۾ عرض ڪندس تہ اهي ٻئي ماڳ ٿر جا مشهور ڳوٺ ۽ پٽ آهن. ٻنهي جي سامهون وڏا ۽ ڪشادا ڏهر آهن. ٻنهي ڳوٺن ۾ "ماڙيچا" قوم جا پڊ ملن ٿا. ٻنهي ڳوٺن جي آسپاس "نڪر" قوم آباد آهي. ٻنهي ڳوٺن جي قريب "سمات" قوم بہ رهندي اچي ٿي. ٻنهي ڳوٺن ۾ هندو ڌرم وارن جا بہ وڏا ميلا لڳندا اچن ٿا. ٻنهي ڳوٺن جي ايراضي سهٽي، وڻندڙ ۽ راحت بخشيندڙ آهي. انهيءَ هڪجهڙائيءَ کان سواءِ ٻنهي ماڳن جي وچ ۾ قديم دؤر جو تاريخي تعلق اهو آهي تہ؛

"جڏهن عمر سومري ڪاروڙي جي ايراضيءَ مان مارئي کي ڪٽي وڃي ڪوٽ ۾ بند ڪيو، تڏهن مارئي جا مائٽ عمر سان اٽڪڻ جي ٿَر نہ سارينديي راتو رات "ملير" يا "موهر" جي ايراضيءَ مان لڏي ڪٽي پهرياڻين ملير کان "ڪاهڙ" طرف روانا ٿيا ۽ اتان پوءِ "پاٿر" طرف اسهيا ۽ وڃي ويڙهيجهپ ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. جيڪا ايراضي عمر سومري جي پهچ کان گهڻو پري هئي".

جڏهن مارئي کي اها خبر ملي تہ سندس مائٽ "ملير" مان نڪري، "ڪاهڙ" کي ڇڏي وڃي، "پاٿر" ۾ رهيا آهن، تڏهن هوءَ هر وقت مارن ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پائر" پار جو ذڪر ڪرڻ لڳي، جنهن ڪي شاعرن مارئيءَ جي زبانيءَ تمام گهڻو ڳايو آهي، جيئن تہ:

ڏور ٿيا ڏيهي، پرين "پائر" وٽ ۾. (١)

*

نياپا نينهن ڳاڏئان ڪو "پائر" پانڌي ني. (٢)

*

پئي سڪان ساريان، پچان "پائر" پور. (٣)

*

آءٌ تہ اکين اگهان جي "پائر" ڏنئي پير. (٤)

*

سوئي ساريم سومرا، جو "پائر" جو پنهوار. (٥)

جڏهن شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ ٿر جو مڪمل سير ۽ سفر ڪيو، "مارئي ۽ مارن" جا نوان ۽ پراڻا پڌ ڏٺا ۽ انهن لاءِ مقامي ماڻهن کان مختلف روايتون ٻڌيون، تڏهن انهن کي شاعريءَ جي روپ ڏيئي، مارئي ۽ مارن کي زنده ڪري ڇڏيائين، جيڪي ٿر جي قديم قوم ماروءَ جا ٻچيل نشان هئا.

مٿيئن حقيقت بابت سنڌي شاعريءَ ۾ ڪئين بيت ملن ٿا، جيڪي مارئيءَ جي ڪچڻ کان پوءِ مارن جي لڏڻ واري واقعي بابت شاهدي طور پيش ڪري سگهجن ٿا.

ڪاهڙيا ڪٺي ويا، مٽيائون ملير،
وڃي پائر پٽ ۾ ڪلي پيتائون ڪير،
تن عمر اباڻن کي ساري ٿو سرير،
زيريون لاهہ زنجير، تہ سرتيون پسان سومرا. (٦)

*

ڪاهوڙيا ڪٺي ويا، رهيا ڊٺان ڏور،
سڀ لڏايا سومري، عمر ڪري اور،
رڏي ڪنهن ضرور، مارن ملير مٽيو. (٧)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

نيرَ نہ لهي نيهن جو، لوھہ جا لهي وبا،
مارن ڌاران ماڙيين، ڍولا ڏينهن تيا،
ڏيهي ڏور ويا، ڏيان ڏوراپا ڪن ڪي. (٩)

*

اڏي اوطاقون، لڏي لوء چڏي ويا،
جيڪس منهنجي جيڏيين، چنيون تڙ تاڪون،
لاتيون ڪين لطيف چئي، ماروئڙن ماڪون،
پرهڻ پوشاڪون، متن لاڪيون لوئيون. (١٠)

*

تن ونهين ويڙهيچن ڪي روئان راتو ڏينهن،
ڪالهہ پنهوارن لڏيو، مون ڪي چاڙهي چيئن،
آءُ جيئندي ڪيئن، جو ان ٿر وجي ٿاڻا ڪيا. (١١)

*

اوڏا ڄان هئا، تان نت نياپا آئيا،
ماروئڙا ملير مان واري واڳ ويا،
تنين ڏونهہ ڪيا، ڏيئي ڏوراپا چائيان. (١٢)

*

نکي پکا پٽ ۾، نکا تڙ تنوار،
ڪاهي ڪنهن پار ويا، پاڙيچا پنهوار،
جهانگيئڙن جهونگار، تي ڏوراهين ڏيهہ ۾. (١٣)

*

نکو اير نہ پيير، نکو اوٺي آئيو،
مون وٽ آيو ڪونہ ڪو پائريان پري پير،
ڪتابتون ڪير، آئي ڏيندم ان جون. (١٤)

*


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيچ پٽڪو نہ سٽيان، ٻُري نہ ٻڪر ڏانهن،
ميان مارُوئڙن جا اوٺان پسان آنهن،
جن سانئيڪا سنجيا، سي ڏٺي ڪيئي ڪانهن،
پکا ڪٽي پرانهن، جيڪس لڏيو لوڙيائين. (١٥)

*

ويا ڳُٺن ساڻ، مارُوئڙا ٿر اڪري،
تن پڄاڻان هاڻ، جاڙ جيان ٿيو جيڏيون. (١٦)

مٿي ذڪر ڪيل بيت اهڙي ادبي گواهي آهن، جنهن کي ڪنهن به حالت ۾ رد ڪري نٿو سگهجي. اهي سيئي بيت صاف ظاهر ٿا ڪن تہ مارُوئڙا عمر جي آزار کان ملير مان نڪري ڪاهڙ جي ايراضي لتاڙي وڃي پاٽر جي پٽ ۾ رهيا ۽ پويان ”ملير“ يا ”موهر“ ۾ صرف سندن ياد باقي رهجي ويئي.

مارُوئڙن جي لڏڻ جو مقصد اهو هو تہ اهنج ۽ آزار واري هنڌ مان نڪري امن واري ايراضي ۾ رهن، جيئن ڪين وري ٻيو دفعو آزار نہ پهچي. ان لاءِ بہ ادب جي دنيا ۾ سوين بيت شاهديءَ خاطر ملن ٿا، جن مان هتي ڪجھ بيتن جون اهم مصرعون پيش ڪجن ٿيون، جنهن کي ڪوبہ رد ڪري نٿو سگهي.

لڏي ويا لطيف چئي، مارو مٿي ”موهہ“ (١٧)

*

مليران مٿي ويا، اڳهون ڏس اٿن. (١٨)

*

مارو ڪنهن ضرور، اوٺي ويا اڪري. (١٩)

*

بيشڪ پٽون لنگهيون، پرتي پنهوارن. (٢٠)

مٿي ڏنل بيتن مان نہ رڳو ڪاروڙي کان ويڙهيجهپ تائين مارن جي لڏڻ جو ثبوت ملي ٿو، پر مارُوئڙن جي همت ۽ دور انديشيءَ جو بہ ثبوت ملي ٿو. هوئنن تہ مارُوئڙا ”ملير“ يا ”موهر“ مان سڌا ”پاٽر“ ڏانهن وڃي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهيا ٿي، پر اهو رستو لاڪن خطرناڪ بہ ٿي سگهيو ٿي. ان ڪري هو رات ۾ لڏ لاٿي نڪتا ۽ ماڪ لهڻ کان پهرين مهراڻي مان نڪري ڪاهڙ جي ايراضي ۾ پهچي ويا ۽ اتان بي ٻپا ٿي هلندا وڃي ويڙهيجهپ ۾ ساڪن ٿيا. جيڪو هنن لاءِ امن وارو علائقو هو، جنهن جي شاهدي لطيف ڏني آهي تہ:

"نيئي اڏيا "امن" ۾ پڪا پنهنوارن." (٢١)

ويڙهيجهپ ۾ رسڻ ۽ اتي رهڻ لاءِ نہ رڳو "ڪاروڙيا ڪٿي ويڙهيجهپ ويا" وارو بيت ثبوت آهي، پر ٻيا بہ اهڙا ڪافي شعر ملن ٿا، جيڪي مذڪوره بيت جي پٺڀرائي ڪن ٿا، جيئن:

وري "ويڙهيجهپ" ۾، آيا پئي آس" (٢٢)

*

هيبتان همير جي، وري "ويڙ" ويا. (٢٣)

*

پائي پسايو "ميرجهپ" اي وطن ويڙهيچن. (٢٤)

قابل نقاد جو ٽيون اعتراض آهي تہ "(معمور) هڪ طرف ڏيهي ڏور ٿيا لفظ ڪم آندو آهي، (ٻئي طرف) مارئيءَ جو ڳوٺ عمرڪوٽ کان ۴ - ۵ ميل پري ڏيکاريو آهي، اتي ڏور لفظ بي معنيٰ آهي." (وينجهار)

هي اعتراض اصل ۾ شاهہ عبداللطيف تي آهي، جنهن انهيءَ بيت ۾ "ڪاروڙو" "ويڙهيجهپ" ۽ "ڏور" لفظ ڪم آندا آهن. ڳالهہ تہ ظاهر پئي آهي ۽ هرڪو ماڻهو اهو بيت پڙهڻ ڪانپوءِ ٻڌائي سگهي ٿو تہ مارئيءَ جا مائٽ جڏهن "ڪاروڙي" مان لڏي وڃي "ويڙهيجپ" ۾ رهيا، تہ اهي عمرڪوٽ ۾ بند ٿيل مارئيءَ کان ڏور ٿي ويا، ڇا اجان بہ ڪو اعتراض آهي؟ جي هائو تہ ان بيت جو نثر سامهون رکبو، جيڪو هيئن ٿيندو تہ:

مارئي چوي تہ "(منهنجا مائٽ) ڪاروڙي مان (لڏو) ڪٿي ويڙهيجهپ ڏانهن هليا ويا. منهنجا سيڻ هاڻي يعني ٿورو وقت اڳ هتي هئا، (هينئر) انهن جا پڊ پسي (مون کي) لڙڪ لڙي پيا آهن. (افسوس) منهنجا ڏيهي ڏور هليا ويا آهن، (هاڻي آئون) ڏوراپا ڪنهن کي ڏيان."

اميد آهي تہ مذڪوره بيت جو نثر پڙهڻ ڪانپوءِ، نقاد صاحب کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڏور“ جو لفظ ۽ ان جي استعمال جو ڪارڻ سمجهه ۾ اچي ويو هوندو.

اڳتي هلي، قابل نقاد ناصح بڻجي پوي ٿو ۽ فرمائي ٿو ته:

”تقريردان يا تحريردان کي ڪنهن به حقيقت جي اظهار ڪرڻ لاءِ پاڪائي، پرهيزگاري، سنجيدگي ۽ خلوص دل جي اشد ضرورت آهي، پر هتي ته روشني کي انڌوڪار ۾ آندو ويو آهي.“ (وينجهار ص ١٦ ۽ ١٧)

نقاد صاحب جي هن وعظ ۾ ”هرويرو شاهه“ واري فيصلي جو جواب گهٽو ڪري ڪاروڙي واري بحث ۾ اچي ويو آهي، پلا جي نه ۽ اجا به ڪجهه تشنه آهي، ته اڳتي اچي ويندو. پر جي ڳالهه بنهي ڳري آهي ته ان جو جواب نقاد صاحب جي تحرير آهي، جيڪا ثابت ٿي ڪري ته بيشڪ بيشڪ !! اجا به ڪي آهين ... !

هاڻي ته لڪل راز به ظاهر ٿي ويو ته نقاد صاحب نه رڳو نقاد آهي، پر ٻوليءَ جو به وڏو ڄاڻو آهي، پر جي ”تقريردار“ ۽ تحريردار“ لکي ها ته ڪيس ڇا ڪري سگهو ها؟ شڪر آهي، جو ليکڪ کي ”تقريردان“ ۽ ”تحريردان“ لکيائين.

هن اسٽيج تي نقاد صاحب نه فقط نرالي نثر جي جهلڪ پسائي آهي، پر ٽي بيت شاهه صاحب جا ۽ چوٿون بيت ”ڪرڙ ڪبيتي خان“ جو پيش ڪري ۽ ان کي به لطيف جو ڪلام ڪوٺي اعلان ڪيو آهيس ته:

”مٿيئين بيتن مان ثابت آهي ته مارئي پالوا جي هئي.“

پر ذڪر ڪيل بيتن مان ڪنهن به بيت ۾ ”پالوا“ جو نالو نه آيو آهي ۽ ان سان گڏ ڪنهن به بيت مان اهو ثابت ڪونه ٿو ٿئي ته مارئي پالوا جي هئي، باقي هتي قابل نقاد جي جرئت کي ضرور داد ڏيڻو پوندو ۽ اهو به مڃڻو پوندو ته ”هيڊ جي ڳڙي هٽ اچڻ سان ڪاني ”ڪوٺا“ ”پساري“ بڻجي سگهن ٿا.“

هتي سامعين جي دل جمعي ۽ تسليءَ خاطر، نقاد صاحب جا ڏنل اهي چارئي بيت پيش ڪجن ٿا، ته جيئن پڙهندڙ اهي بيت پڙهي پالوا جي تلاش ڪري سگهن ۽ فيصلو ڪن ته اوندهه ڪٿي آهي؟ ۽ روشني ڪٿي آهي؟ اهي بيت وينجهار جي ١٧ صفحي تي آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندس وطن سامهين ملير منهنجو ماڳ،
ڏٽ چوندينداس ڏيهہ ۾، ساڻ سرتين ساڳ،
تہ مون سنئون سياڳ، جي ويجهي ٿيان ور کي.
(شاهہ)

*

اڄ اناويهين رات جو وريا ڏونهن وطن،
هيڪل، کوندي، جونچا، مر ويڙهيچا وجن،
هاڙهو ڳاڙهو چڏيو پاسي پنهوارن،
هلي ها ڏهاڙي تان، گوتيا گس پڇن،
تن عمر اباڻن، گهڻو اکندي آهيان.

*

پاڻهين پڇي پيئون ري واهيت ري واڙ،
جوءِ کشادي جيڏيون ملير موڪ مهاڙ،
ات اباڻا جنهن جا، سا ماڙيءَ مور مَ چاڙ،
جي اکنديون آرهاڙ، لوهہ نہ تن کي لاهئين.
(شاهہ)

*

آٿين ۽ چاڙهين، ڏٽ ڏهاڙي سومرا،
ستا کيو سيد چئي، سانئون سڪائين،
منجهان لنب لطيف چئي، چانور کيو چاڙهين،
پُلاٿون نہ پاڙين، عمر آرهاڙين سين.
(شاهہ)

اهي بيت پيش ڪرڻ بعد نقاد صاحب هڪدم فيصلو ڏنو آهي تہ "مٿين بيتن ۾ کشادي جوءِ ڏٽ پالوا جو ثبوت آهي، نہ کاروڙي جو"
(وينجهار، ص ١٧)

شاهہ صاحب جي ڪلام کي سامهون رکي مٿين بيتن جو جائزو وٺنداسون تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ بيت نمبر ١، ٣ ۽ ۴ شاهہ صاحب جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختلف رسالن ۾ موجود آهن. پر بيت نمبر ٢ شاهه صاحب جو ڪلام نه آهي، اهو ڪڙڪبيتي خان جو آهي، جنهن جا ڪئين بيت، ريل گاڏين ۽ بسن ۾ انڌا فقير پڙهندا آهن ۽ آخر "اديون عبداللطيف چوي" چئي اهڙا بيت شاهه صاحب جي ڪنڌي ۾ لکندا رهندا آهن.

هن ڏس ۾ انڌن فقيرن کان سواءِ ڪجهه اهڙا فقير به آهن، جيڪي ظاهري طرح ته اکين وارا پيا ڏسجن پر ٻي طرح ڪجهه اور آهن ۽ سندن اعلان اهو هوندو ته "اسين شاهه صاحب جا گم ٿيل بيت هٿ ڪري نئون رسالو پيا تيار ڪريون،" جنهن جو بهترين ثبوت سرائي امداد علي صاحب جي سهيڙ "املهه اڻتوريا" آهي ۽ ٻين جا ذخيرا اجا "اڻ ڇپيل" ڍڳن جي صورت ۾ وٽن موجود آهن. اهڙن ذخيرن ۾ نه رڳو ٻين جا بيت شامل ڪيا ويا آهن. پر شاهه صاحب جي سچي پچي ڪلام جي اصلي شڪل ۾ پڻ تبديلي آندي وئي آهي. جيئن جنجهي صاحب مٿي ذڪر ڪيل ڇئن بيتن ۾ ٽئين ۽ چوٿين بيت ۾ "جيڏين"، "آراڙي، ڪي "جيڏيون"، "آرهاڙ" ۽ "آرهاڙي" ناهي ڇڏيو آهي.

هن بحث ۾ عجب جهڙي ڳالهه اها آهي ته جنجهي صاحب ٻئي نمبر بيت يعني "اڄ اناويهين، رات جو، وريا ڏونهن وطن" جي بيهڪ ۽ بيت جي مطلب تي ڌيان ڏيڻ کان سواءِ ائين ئي ڪٿي ٻيي ٻڌي آهي ته "مٿئين بيت ۾ هيڪل ڪونڊي، جونچا، هاڙهو، ڏهاڙو، گونيو ڳوٺن جا نالا آهن، جيڪي سيئي پالوا جي پَر ۾ آهن." (ان ڪري ڇٽبو ته مارئي پالوا جي هئي؟)

هتي جيڪڏهن جنجهي صاحب کان ڪو پڙهندڙ سوال پڇي ته: "قبلا ! مٿئين بيت ۾ شاعر صاحب پالوا جي پروارن ڳوٺن جا ته نالا ورتا آهن، پر خود پالوا جو نالو ڇو ڪونه ورتائين ؟

منهنجي خيال ۾ جنجهي صاحب وٽ ان سوال جو جواب ڪونه آهي ۽ ان کان پوءِ ڪانئس ٻيو سوال پڇبو ته حضرتا ! اهو ته هڪ بيت آهي، پر شاهه عبداللطيف، ميين شاه عنات، شاهه شريف، قطب شاهه، خليفي نبي بخش "قاسم" صوفي صديق فقير "صادق"، سچل سرمست، راضي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ لڪياري، ولي محمد فقير، مخدوم امين، شاهہ شريف ياڏائي، فتح فقير، مصري شاهہ، پير اشراف، منٺار فقير، مل محمود ۽ ٻين وڏن شاعرن جي ڪلام ۾ ڪٿي بہ ڀالوا جو نالو نہ آيو آهي. ڇو ؟

ڇا اهي سيئي بزرگ "ڀالوا" جي خلاف هئا؟ ڇا اهي سيئي "ڪاروڙي" جا حمايتي هئا؟ خود جنجهي صاحب پنهنجي گريبان ۾ منهن وجهي ڏسي تہ حقيقت ڪيئن آهي؟

ساڳئي بحث ۾ نقاد، ڀالوا جي پر وارن ڳوٺن جا نالا سامهون رکي جيڪو "دنبو دليل" ٺاهيو آهي، اهو بہ بي بقا آهي، ڇو تہ وڏن شاعرن جي ڪلام ۾ ڪافي ڳوٺن جا نالا ملن ٿا، جيڪي ٿر جا تہ ضرور آهن، پر جاگرافيائي لحاظ کان هڪٻئي کان گهڻو پري ۽ مختلف طرفن ۽ خطن ۾ آهن.

هن ڏس ۾ شاهہ عبداللطيف جو پيشرو شاعر، ميون شاهہ عنات رضوي فرمائي ٿو تہ:

"مناڙي" - "موکبهہ" جي "ڪونجر" ڪوري ڪن،
"پاٿر" - "پسايو" - ميرجهپ" اي وطن ويڙهيچن،
"آسرو" ۽ "اڪرو"، ملڪي موڪ رهن،
"راڄاري" ۽ "رتٽو" منهنجي هيين منجهہ هرن.
اکيون آب اڪنديون، پنهنجي ڪوڻ ڪٽن،
عمر اباڻن لاهي بند بدا ڏيين. (٢٥)

*

جر "جاڦرا هوء" اڳرو، او ٿاهريا منجهہ ٿرن،
"ڪاهو"، "وڪاهو"، "پانڌيو" سدا سک وسن،
سڻائون سيد چئي، "راٺا هئا" ماڙڪن،
الا "ويڙسين" وار ونڱوئي نہ ٿئي. (٣٦)

مٿين ٻن بيتن ۾ جن ڳوٺن جا نالا آيا آهن، اهي "مهرائي"، "پاٿر"، "اڄڙي ٿر" ۽ ٻين خطن سان واسطو رکن ٿا. هاڻي اسين جيڪر اها ڳڻي ٻڌنداسون تہ فلاڻي يا فلاڻي بيت ۾، فلاڻي ڳوٺ جو نالو آهي، ان ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارئي فلاڻي ڳوٺ جي هئي تہ پوءِ ڳنڍ ٻڌجي ڪين سگهندي، سو نامور نقاد جي هيڪل، ڪوندي ۽ هاڙهي، ڏهاڙي واري ڳنڍ بہ ٻڌجيو نٿي سگهي ۽ ڪڏهن بہ ٻڌجي نہ سگهندي ۽ نڪي مارئي پالوا جي ٻنجي سگهندي.

متي ذڪر ڪيل اعتراض ڪانپوءِ نامور نقاد تاريخ ڏانهن رخ ڪيو آهي، ۽ فرمايو اٿس تہ: ”مارئي جي ٿر جي پيدائش هجڻ جا چند حوالا هيٺ ڏجن ٿا.“ انهيءَ ڏس ۾ سڀ کان پهرين تاريخ طاهريءَ کي سامهون رکيو اٿس ۽ دليل ڏنو اٿس تہ:

”مير طاهر صاحب ”تاريخ طاهري“ ۽ ڪتاب ”ناز نيازي“ ١٦٢١ع ۾ لکيا آهن، ٻنهي ڪتابن ۾ وضاحت ڪيل آهي تہ مارئي جو ڳوٺ عمرڪوٽ کان هڪ سؤ ميل پري آهي. حساب موجب پالوا هڪ سؤ ميل آهي“ (وينجهار ص ١٧)

محترم ”جنجهي“ صاحب جي دليل کي پرکڻ کان پهرئين، ڪانئس سوال پڇبو تہ ڀاءُ ! تاريخ طاهري تہ موجود آهي، پر مير طاهر نسياني جي ٻي تصنيف ”ناز ۽ نيازي“ ڪٿي آهي؟ اميد تہ اها تصنيف اوهان وٽ ئي هوندي.

خدارا، جيڪڏهن اهو ناياب ڪتاب ظاهر ڪندا تہ سنڌ اوهان جا احسان مڃيندي. پر آئون سمجهان ٿو تہ ائين نہ آهي ۽ اهو ڪتاب جنجهي صاحب وٽ نہ هوندو، ڇو تہ مون اڳ ۾ ئي عرض ڪيو هو تہ ”جنجهي صاحب، نقاد گهٽ ۽ نقال وڌيڪ آهي“ ۽ سندس تنقيد جو سڄو ڍانچو نقلن تي ٻڌل هوندو آهي. سو هن ڪتان اهو بہ ٻڌو هوندو تہ مير طاهر فلاڻو يا فلاڻو ڪتاب لکيو، ۽ ان ۾ هينئن لکيل آهي. سو ٻڌل ڳالهين تي اعتبار ڪري ڪٿي ڀيڙي ٻڌي اٿس. نہ تہ درست ڳالهہ هي آهي تہ نقاد صاحب ”تاريخ طاهري“ جو رڳو ڪٿي نالو ٻڌو يا ڪنهن تحرير ۾ ڪٿي پڙهيو آهي. پر خود نہ تاريخ ڏٺي اٿس ۽ نہ پڙهي آهيس، نہ تہ جيڪر اهڙي دعويٰ ڪڏهن بہ نہ ڪري ها، تہ مارئي جو ڳوٺ عمرڪوٽ کان هيترو يا هيترو پري آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تاريخ طاهري“ سيد محمد طاهر نسيانيءَ جي فارسي زبان ۾ تاليف آهي، جيڪا هن ١٠٣٠ هـ مطابق ١٦٢١ع ۾ مڪمل ڪئي ۽ اها هتي ١٩٦٤ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿي آهي ۽ هاڻي ان جو سنڌي ترجمو بہ ڇپجي چڪو آهي. مذڪوره تاريخ ۾ صفحي ٣٢ ـ ٣٣ ـ ٣٤ ۽ ٣٥ تي سومرن جو احوال ڏنل آهي، جنهن ۾ ”عمر مارئي“ جو قصو بہ اچي وڃي ٿو.

مير صاحب انهيءَ ڏس ۾ لکي ٿو تہ: ”هن هندو مذهب جاهل جماعت جو احوال هينئن آهي تہ سيني پاڻ کي سردار ۽ اڳواڻ ٿي سمجهيو، پر عمر سومرو انهن جو سردار ۽ گادي نشين هو. هن جي حڪومت ڪيترا سال هئي، تنهن بابت خبر ڪونہ آهي پر اها خبر ملي ٿي تہ سيني ورهن ۾ هن هٿان ڪئين اهڙا واقعا نمودار ٿيا، جنهن ۾ هن رعيت جون زالون زبردستي ۽ زوري پنهنجي ڪنيون. اهڙي طرح مارئيءَ نالي هڪ شادي شده عورت ڪٺائي ورتائين.“

اهو واقعو هن ريت آهي تہ مارئي جو مڱڻو پهريائين ”بعبوڪ“ نالي هڪ شخص سان ٿيل هو، پر مارئي جڏهن جوان ٿي تہ ان جو سڱ پنهنجي عزيزن مان هڪ ٻئي شخص سان ڪري ڇڏيائون. ”بعبوڪ“ دانهن ڪئي عمرڪوٽ ۾ عمر سومري وٽ ويو ۽ چيائين تہ مارئي جيڪا منهنجي مڱ آهي، آئون ان تان هٿ ڪڻان ٿو، ان لاءِ تہ اها اوهان جي لائق آهي، ان کي هڪ پيرو ڏسندا، تہ پوءِ ان کي ڇڏي نہ سگهندا. ”بعبوڪ“ جي انهيءَ چوڻ تي عمر سومرو لباس مٽائي تکي سواري ڪئي، انهيءَ آباديءَ ۾ ويو ۽ موقعو ملڻ تي، مارئيءَ کي تيز رفتار اُٺ تي چاڙهي پنهنجي دارالحڪومت ۾ رسايائين“ (ڏسو تاريخ طاهري صفحو ٣٢ ـ ٣٣).

”تاريخ طاهري“ ۾ مارئيءَ جو ابتدائي احوال اِهو ۽ ايترو آهي، جنهن مان ڪٿي بہ اهڙو اشارو ڪونہ ٿو ملي، جنهن مان اها خبر پوي تہ مارئي ڪٿي جي رهاڪو هئي ۽ اهو ڳوٺ عمرڪوٽ کان ڪيترو پري آهي.

”تاريخ طاهريءَ“ جي ٣٦ صفحي تي مؤلف لکيو آهي تہ هن ڪتاب کان اڳ مون هڪ ٻيو ڪتاب ”ناز و نياز“ نالي لکيو هو، جنهن ۾ عمر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارئي جي واقعي کي نثر ۾ بيان ڪيو اٿم.

سيد طاهر محمد نسيانيءَ جا اهي ٻئي ڪتاب فارسي زبان ۾ لکيل آهن، جن مان "تاريخ طاهري" تہ مارڪيٽ ۾ موجود آهي، پر "ناز و نياز" ڪٿي بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي، هن وقت تائين ٿيل کوجنا موجب فقط اهو دريافت ٿيو آهي، تہ سيد طاهر محمد نسيانيءَ، "تاريخ طاهري" لکڻ کان پهرين اهو ڪتاب لکيو هو، جيڪو ان دؤر کان وٺي ايتريقدر تہ ناياب آهي، جو انهيءَ دؤر کان اٽڪل سوا سؤ سال پوءِ، جڏهن مير علي شير قانع "تاريخ تحفة الڪرام" جو مواد سهيڙي رهيو هو، تڏهن بہ اهو ڪتاب "ناز و نياز" قانع ڏسي نہ سگهيو هو، ۽ جنجهي صاحب وانگر لکي ڇڏيائين تہ اهو ڪتاب نظم ۾ لکيل آهي. (٢٧) جڏهن تہ ڪتاب جو مؤلف خود لکي ٿو تہ مون اهو ڪتاب نثر ۾ لکيو آهي. (٢٨)

منهنجي خيال ۾ اسان جي ٽري نقاد جيڪو "ناز ۽ نيازي" نالي ڪتاب جو حوالو ڏنو آهي، اهو بہ اونده ۾ هٿوراڙيون آهي. هن شايد ڪٿان اها ڳالهہ ٻڌي آهي، يا ڪيس ڪنهن عالم ٻڌائي آهي. پوءِ جڏهن هي مذڪور تنقيدي مقالي لکڻ لاءِ تيار ٿيو تہ ڪيس "ناز و نياز" نالو وسري ويو آهي، ۽ ان کي ڪٿي "ناز ۽ نيازي" بنايو اٿس. پوءِ اهو بہ خيال ڪيو اٿس تہ ان ڪتاب ۾ ضرور لکيل هوندو تہ "مارئي پالوا جي هئي، جيڪا ڳالهہ "تاريخ طاهريءَ جي موجودگيءَ ۾ غلط ثابت ٿي آهي."

ريگستاني نقاد، پنهنجي مؤقف جي پٺڀرائي لاءِ ٻيو تاريخي حوالو "تحفة الڪرام" جو ڏنو آهي، جنهن ۾ لکيو اٿس تہ:

"مير علي شير قانع، "تحفة الڪرام" ١٧٦٠ع ۾ لکيو آهي، انهيءَ موجب مارئي جو ڳوٺ پالوا آهي." (وينجهار ص ١٧)

نقاد صاحب جي مٿين حوالي جي پرک لاءِ اچو تہ "تحفة الڪرام" جو جائزو وٺون ۽ ڏسون تہ قابل معترض جو دليل ڪيتريقدر درست آهي؟

هينئر اسان جي سامهون 'تحفة الڪرام' جو فارسي ڇاپو بہ آهي، جيڪو سال ١٩٧١ع ۾ ڇپيو آهي. ان جو اُردو ترجمو بہ آهي، جيڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۹۵۹ع ۾ شايع ٿيو آهي ۽ سنڌي ترجمو ٻه آهي، جيڪو ۱۹۵۷ع ۾ اشاعت هيٺ آيو آهي، جنهن ۾ لکيل آهي ته "مارئي نالي هڪ پاڪدامن ۽ خوبصورت عورت "مارن جي قوم مان "ٿلها" ۾ رهندڙ هئي. سنڌس ماءُ ۽ پيءُ هن جو مڱڻو ڀريائين پنهون نالي هڪ شخص سان ڪيو هو، پر پوءِ ڦري هڪ ٻئي عزيز کي ڏيئي ڇڏيائون. پنهون انهيءَ محبوبه جي هٿان نڪري وڃڻ ڪري ڦٽيل دل ٿي، "عمر" وٽ فريادي ويو ۽ وڃي ٻڌائينس ته "هڪ اهڙي خداداد حسن جي مالڪياڻي عورت، منهنجي مڱيندي، ٻئي سان پرڻائي ويئي آهي. مون ته انهيءَ تان آسرو لاٿو، پر جيڪڏهن توهان هڪوار ڏسندا ته، هوءَ محلات جي لائق آهي."

عمر ڇمڙا پوش ڪري، هڪ تکي اٺ تي ويهي، مارئي جي ڳوٺ ۾ پهتو ۽ کيس ڏسڻ سان (مٿس) چريو ٿي پيو. جيئن ته سنڌس طلب جو سنڌائتو تير هن جي دل ۾ چُڀي چڪو هو، تنهنڪري موقعي ملڻ تي، کيس اٺ تي ويهاري، زبردستي اچي پنهنجيءَ جاءِ تي ڪڍيائين."

(تحفة الڪرام سنڌي صفحو ۱۰۰)

"تاريخ طاهري" ۽ "تحفة الڪرام" کانپوءِجنجهي صاحب کي سنڌ جي ٻي ڪابه تاريخ ڏسڻ ۾ ڪونه آئي، ۽ هن سڌو رخ ڪيو "سير ريگستان" ۽ "پرائي پارڪر" تي، جيڪي ٻئي ڪتاب تاريخ جا ڪتاب نه، بلڪ تفريحي ادب جا ڪتاب آهن، جن کي تاريخ جي دائري ۾ حوالي طور پيش ڪرڻ ڏاڍائيءَ جي نشاني آهي.

"تحفة الڪرام" جي مضمون مان ڪنهن به طرح اهو ثابت ڪونه ٿو ٿئي ته "مارئي ڀالوا جي هئي" ۽ نه وري مارئي جي ماڳ جو عمرڪوٽ کان ڪو مفاصلو ڏيکاريل آهي. پوءِ به نقاد صاحب خبر ناهي ته اهڙو سفيد سچ چو ڳالهايو آهي ۽ هيئن چو لکيو اٿس ته. "مير علي شير قانع تحفة الڪرام ۱۷٦۷ع ۾ لکيو آهي. انهيءَ موجب مارئي جو ڳوٺ ڀالوا آهي." شايد نقاد صاحب جي تنقيد ۽ تحقيق جو اهو به ڪو اصول آهي، جنهن ۾ ڪوڙ، ڏنا، ڏڪا ۽ ٻيون ٻڌڻ ٻڻ جائز آهي.

پرائي پارڪر جي ليکڪ خود پنهنجي ڪتاب جي باري ۾ لکيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ ”سال ۱۹۵۴ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب واري اسڪيم لاءِ جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مون کي ننگر پارڪر جي سرمايي کي سگهڙن جي سينن مان سهيڙڻ جو ڪم سپرد ڪيو (۲۹).
وڌيڪ لکي ٿو تہ ”مون هن ڪتاب ۾ ”تاريخي“ ۽ ”روايتي“ ٻنهي طريقن سان پارڪر کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.“ (۳۰)

”پراڻي پارڪر“ جي ليکڪ، تاريخ جو نالو تہ ورتو آهي، پر پنهنجي ڪتاب ۾ ڪنهن بہ تاريخ جو حوالو پيش نہ ڪيو اٿس، بلڪ ڪنهن سگهڙ جي روايت جو بہ ذڪر نہ ڪيو اٿس، جنهن مان ثابت آهي تہ سندس تحرير هڪ افساني ۽ قصي کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ آهي.

هتي جنجهي صاحب جو ڏيان تاريخ جي فقط ٻن ڪتابن ڏانهن ڇڪائيندس، جيڪي جنجهي صاحب بہ پڙهيا هوندا. جن مان پهريون ڪتاب آهي ”تاريخ سنڌ“ جلد ٻيو. جيڪو ڪتاب مشهور تاريخدان عبدالغني عبدالله جو لکيل آهي، جنهن ۾ عمر ۽ مارئي جو احوال ۾ لکيل آهي تہ ”عمر ڪوٽ ۾ جتي عمر سومرو رهندو هو، تنهن جي نزديڪ مارو ماڻهو رهندا هئا. جن ۾ مارئي نالي هڪ حسين ڇوڪري هئي. مارئي کي پهريائين سندس مائٽن ”ڦوڳ“ نالي هڪ شخص سان مڱايو، پر جڏهن مارئي وڏي ٿي،،تڏهن سندس مائٽن کيس وري ”کيت“ نالي هڪ شخص سان پرڻائي ڇڏيو“. (ص ۵۸)

ٻيو تاريخي ڪتاب آهي ”جنت السنڌ“، جنهن جو ليکڪ آهي رحيمداد خان ”مولائي شيدائي“، جيڪو ڪنهن بہ تعارف جو محتاج ڪونهي. کيس سنڌ جو ننڍو وڏو هرڪو پڙهيل ڪڙهيل شخص سڃاڻي ٿو. اهو بزرگ مارئي جي باري ۾ لکي ٿو تہ:

عمر ڪوٽ، جتي سومرن جو حاڪم عمر رهندو هو، تنهن جي نزديڪ مارو رهندا هئا. جن ۾ مارئي نالي هڪ حسين ڇوڪري هئي.
(جنت السنڌ ص ۳۲۰)

مٿي ذڪر ڪيل تاريخ جي ٻنهي ڪتابن جي لکت مان اهو ٿو ثابت ٿئي تہ مارو ڀالوا ۾ نہ بلڪ عمرڪوٽ جي نزديڪ رهندا هئا. جيڪا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه ثابت ٿي ڪري تہ مارئي جا مائٽ "مارو" ڪاروڙي ۾ ٿي رهندا هئا، جيڪو عمرڪوٽ جي ويجهو آهي. هو مارئي جي ڪجهہ ڪان پوءِ اتان ٿي "ويڙهيجهپ" ڏانهن هليا ويا.

جنهن ڳالهه ڏانهن شاهہ صاحب ۽ ٻين سيني شاعرن اشارا ڪيا آهن، هاڻي جنجهي صاحب مرضيءَ وارو آهي. تاريخ جي مذڪور ڪتابن ڪي مڃي يا نہ مڃي، پر دنيا مڃيندي رهندي.

تاريخي بحث کان پوءِ ادو الهداد صاحب لوڪل بورڊ طرف متوجهہ ٿيو آهي ۽ لکي ٿو تہ:

"ترپارڪر لوڪل بورڊ وارن ڀالوا جي کوهہ ۽ مارئي جي مال پيارڻ واري ڪونڊي کي مرمت ڪرائي آثار قديمہ وٽ قائم رکايو آهي."
(وينجهار ص ١٧)

وڏيڪ لکي ٿو تہ "مرحوم الحاج مير محمد بخش خان ٽالپر، سابق پريزيڊنٽ ترپارڪر چند سال اڳ انهيءَ وقت جي مشهور سچاڻ ۽ سگهڙ کان تحقيق ڪري کوهہ ۽ ڪونڊي جي مرمت ڪرائي ۽ هتي هڪ نمائشي ميلو لڳايو هو." (وينجهار ص ١٧)

قابل نقاد جي "لوڪل بورڊ ترپارڪر" وارن حوالن جي اصل ۾ ڪابہ اهميت ڪونہ آهي. هنن اصل ۾ پنهنجي حاڪمن (انگريزن) جي دؤر جي مفروضن جي ياد تازي ڪرڻ ۽ پنهنجو نالو چمڪائڻ خاطر اهو ماندان منديو هو، جيڪو سندن ٿي دؤر ۾ ڍهي ويو ۽ ضلعي ڪائونسل جي چونڊ ۾ مير صاحب جا پير، پارڪر جي ڪوسن هميشه لاءِ اکيڙي ڇڏيا.

ٻئي طرف آءٌ جنجهي صاحب جو ڌيان مير صاحب حاجي محمد بخش ٽالپر مرحوم جي ان مقالي ڏانهن ڇڪائيندس، جيڪو ٦ مارچ ١٩٦٧ع واري نمائشي ميلي وقت پاڻ ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيو هئائين تہ "شاعرن جون سيئي شاهديون ٻڌائين ٿيون تہ مارئي ٿر جي پاٽر واري حصي جي رهندڙ هئي." اها ڳالهہ ڪرڻ سان گڏوگڏ هن پنهنجي زوراوري واري عادت جو مظاهرو ڪندي اهو بہ چيو هئائين تہ "ڀالوا بہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻر ۾ آهي" (٣١) مير صاحب جي هن جاگرافيائي ورڇ جو فيصلو به جنجهي صاحب کي ئي ڪرڻ گهرجي ته "پاڻر" ڪٿي آهي.

ساڳئي ڪانفرنس ۾ بني سنگهه سوڍي، مارئيءَ جي ماڳ بابت جيڪي ڪجهه لکيو آهي، اهو جنجهي صاحب جهڙن عالمن لاءِ بهترين سبق آهي. هو پنهنجي مقالي ۾ فرمائي ٿو ته "مارئي جي سچي قصي کي ثابت ڪرڻ ۾ دشواريون پيش اچن ٿيون. مگر ايترو چوان ٿو ته مارئي ٿر ۾ پيدا ٿي هئي. مال چاريندڙ قوم مان هئي. ست ملامت رکيو هئائين. ستي هئي. انڪري هرڪو چوي ٿو ته اسان وٽ پيدا ٿي هئي، اسان منجهان هئي." (مهراڻ ١٩٦٧ع، ص ٢٢١)

هن ڏس ۾ نه رڳو بني سنگهه سوڍي، ڀالوا کي شڪي نگاهن سان ڏٺو آهي، بلڪ ٻين به ڪيترن اديبن کي ڀالوا ۾ مارئيءَ جا ماڳ ڏسڻ ۾ ڪونه آيا آهن. اهڙن سڄاڻ ۽ صحيح سوچ رکندڙ اديبن مان پهريون ليکڪ مرحوم الله بخش "سرشار عقيلي" آهي، جنهن کي دال ۾ ڪارو نظر آيو ۽ هن ننگرپارڪر ۾ مختيارڪاريءَ جي دؤران "ٿرپارڪر جا آثار قديمه" جي عنوان تحت مقالو لکيو، جنهن ۾ انگريزن جي تاٿيل روايتن کي دهرائيندي، مارئي جي ڪونڌي ۽ ڀالوا جو ذڪر ڪندي، آخر ۾ لکي ٿو ته: "عجيب ڳالهه هيءَ آهي ته ساري سنڌ ۾ ته مارئيءَ جو نالو ڪافين ۾ پيو وڃي، پر هي پٽ، جيڪو مارئيءَ جو ديس چيو وڃي ٿو، تنهن ۾ اهڙو سنگهار ڪونه بچيو آهي، جو مارئيءَ جا سر الاپي." - "الوحيد" آزادي نمبر ١٩٣٦ع، ص ٧٦ - ٧٧) اسان جي فاضل نقاد، لوڪل بورڊ جي حوالن ڪان پوءِ جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو نالو کنيو آهي. جنهن ۾ لکي ٿو ته: "اسان جي موجوده وقت جي مشهور ۽ مقبول مصنف ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب ادبي نقطءِ نگاهه سان پوري پاڪستان جو دورو ڪري، سال ١٩٨٣ع ۾ (٣٢٧) صفحن تي مشتمل عمر مارئيءَ بابت روايتون درج ڪيون آهن. انهيءَ ۾ ڪنهن به سياڻي مارئيءَ جو ڳوٺ ڪاروڙو نه ڏيکاريو آهي." (وينجهار صفحو ١٧)

جنجهي صاحب جي هن دعويٰ تي بحث ڪرڻ بدران، پڙهندڙن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامهون ڊاڪٽر صاحب جي مذڪور تصنيف "عمر مارئيءَ" رکجي ٿي ته جيئن اهي به ڪجهه مشاهدو ڪن ۽ جنجهي صاحب جي سفيد سچ مان واقف ٿين.

پڙهندڙن کي معلوم هجي ته مذڪور ڪتاب بابت جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڪتاب جي مقدمي ۾ لکي ٿو ته:

"هي ڪتاب لوڪ ادب سلسلي جو ٣٧ ڪتاب آهي، ان جو بنيادي مواد ڊسمبر ١٩٥٨ع تائين گڏ ٿيو. سڄي مواد کي چڪاسي، مختلف روايتن کي ترتيب ڏيئي، اپريل ١٩٦١ع ۾ ڪتاب جو ابتدائي مسودو تيار ڪيو ويو ۽ ڊسمبر ١٩٧٠ع ۾ مسودي کي آخري طرح تصحيح ڪري پريس ڪاپي تيار ڪئي ويئي." (مقدمو صفحو ج).

هن لکت جي روشنيءَ ۾ جنجهي صاحب جي مٿين دعويٰ، جنهن ۾ هن ڊاڪٽر نبي بخس خان بلوچ کي مارئيءَ بابت روايتون ڪٺيون ڪرڻ لاءِ ١٩٨٣ع ۾ سڄي پاڪستان جو دؤرو ڪرايو آهي، بلڪل رد ٿي وڃي ٿي.

ڊاڪٽر صاحب جي لکت موجب ڪتاب جو مواد ١٩٥٨ع تائين گڏ ٿيو. ١٩٦١ع ۾ ابتدائي مسودو تيار ٿيو ۽ ١٩٧٠ع ۾ پريس ڪاپي تيار ٿي. ان بعد ١٩٧٦ع ۾ ڪتاب پڻ شايع ٿي ويو، جيڪو جنجهي صاحب جي مطالعي هيٺ رهيو آهي. ان هوندي به نقاد صاحب ڪتاب جي ڇپجڻ ڪان ست سال پوءِ الاجي ڇو ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي سڄي پاڪستان جو دورو ڪرايو آهي. شايد اهو مواد اڃا وٽس هجي، ۽ هاڻي شايع ٿئي پر اڃا ڪونه آهي، ڇو جو ان ڪتاب سان منهنجو موڪليل هڪ حوالو هن سند ورتو اٿس ۽ فرمائي ٿو ته "معمور صاحب ساڳئي ڪتاب جي صفحي ١٢٧، ١٢٨، ١٢٩ ۾ ڄاڻايو آهي ته ڄام ننڊو نالي هڪ سمون ڳوٺ پالوا جو رهندڙ هو. انهيءَ وقت عمرڪوٽ جو حاڪم خفيف سومرو هو، جنهن کي هڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو عمر رکيو ويو، جو بعد ۾ عمرڪوٽ جو حاڪم ٿيو. تر ۾ قحط ساليءَ سبب ڄام ننڊو عمرڪوٽ جي پر ۾ رهيو. عمر اڃان ٽن مهينن جو ٿيو ته سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماءُ بيمار ٿي پيئي. حڪيمن مشورو ڏنو تہ ڇوڪر کي بيمار ماءُ جو کير نہ ڏجي، ان جي عيوض ڪنهن تندرست زال جو کير پيارجي، انهيءَ تي خفيف جي ٻانهن ڳولا ڪري ڄامر نندي جي زال جنهن جي گود ۾ ان وقت ٻن مهينن جي ڇوڪري مارئي نالي هئي." (وينجهار ص ١٧)

نامور نقاد کي معلوم هجي تہ "سهيڙ" جو اصول آهي تہ ڪنهن بہ واقعي بابت جيڪي بہ روايتون جيئن ملنديون آهن، اهي اکر بہ اکر ائين ڏبيون آهن. سو مذڪور ڪتاب ۾ منهنجي موڪليل اها هڪ روايت ناهي، بلڪ ڏهہ - ٻارنهن روايتون آهن، جيڪي ڪتاب جي صفحي ٥٧، ٥٨، ١٢٧، ١٢٨, ١٢٩، ١٣٠، ١٣١، ٢٠٥, ٢٠٦, ٢٠٧، ٢٠٨، ٢٠٩, ٢١٠, ٢١١، ٢١٢, ٢٦١، ٢٦٢ ۽ ٢٦٣ تي موجود آهن.

اهي سڀئي روايتون مون کي مختلف راوين کان جيئن مليون، تيئن هوبهو ڊاڪٽر صاحب ڏانهن موڪليون ويون. اهڙيءَ طرح مارئيءَ بابت سچي سند مان مليل روايتن کي سامهون رکي شاعرن جي ڪلام ۽ تاريخ جي ڪتابن مان حوالا وٺي، جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪتاب جي منڍ ۾ هڪ عالمانہ مقدمو لکيو آهي، جيڪو داد جي لائق آهي، پر افسوس جو اهو عالمانہ مقدمو جنجهي صاحب کي ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. آئون سمجهان ٿو تہ جنجهي صاحب کي جيڪو ڪتاب مليو آهي، ان جو شروع وارو حصو ڦاٽي ويل آهي، ان ڪري ٻاڻ جناب ڊاڪٽر صاحب جو محققانہ مقدمو پڙهي نہ سگهيو آهي، نہ تہ جيڪر "وينجهار وارو" ناقدانہ مقالو ئي نہ لکي ها، ۽ نہ وري ١٩٨٣ع ۾ جناب ڊاڪٽر صاحب کي مارئي بابت روايتون گڏ ڪرڻ لاءِ سڄي پاڪستان جو دؤرو ڪرائي ها. خير ! گذري کي ياد ڪونہ ڪبو. اڃا وقت ويو ڪونہ آهي، اڃو تہ گڏجي جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو عالمانہ مقدمو پڙهون، جنهن ۾ پاڻ فرمايو اٿس تہ:

"اڳاٽين روايتن ۾ پالوا جو ذڪر ڪونهي. ميين شاهہ عنات يا پٽائي صاحب پڻ پالوا جو نالو ڪونہ آندو آهي." (مقدمو صفحو ١١)

هن ڏس ۾ اڳتي هلي لکي ٿو تہ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پانئجي ٿو تہ پالوا واري روايت" پالوا ڪان ٻہ ميل پري اتر طرف هڪ ڪوهہ تي پيل پٿر جي ڪونڊي جي ڪري شروع ٿي. انگريزي دؤر ۾ ڪامورن کي ريجهائڻ لاءِ ڪي ماڻهو اٿين چوڻ لڳا تہ اها مارئي واري ڪونڊي آهي، پوءِ ضلعي جي آفيسرن ذريعي اها ڳالهہ مشهور ٿي."
(مقدمو صفحو ١١)

ساڳئي مقدمي ۾ ٻئي هنڌ فرمائي ٿو تہ:
"ميين شاهہ عنات توڙي ڀٽائي صاحب جي بيتن ۾ مارن جي ماڳ ۽ مڪان بابت جيڪي اهڃاڻ ملن ٿا، تن ۾ گهٽي کان گهٽو ذڪر "پاٿر" يا "ڪاٿڙ" جو آهي. (مقدمو، ص ١١)

ان کان پوءِ ڪاٿڙ واري علائقي تي بحث ڪندي فرمايو اٿس تہ:
"ڪاٿڙ يا ڪاهڙ وارو علائقو عمرڪوٽ کان ١٠ - ١٢ ڪوهن جي اندر آهي، جنهن ۾ ڪبڙو، ڏاهلي ۽ پارٿو تيا اچي وڃن ٿا. جيڪي عمرڪوٽ تعلقي جي تپن ڪپلور ۽ دينور سان لاڳو آهن. عمرڪوٽ کان ويجهائي بہ هڪ دليل آهي تہ شايد مارئي اتي جي هئي. چاڪاڻ تہ عمر بادشاهہ سونهي سان گڏ. ١٠ - ١٢ ڪوهن تائين ويو هوندو. هوڏانهن پالوا عمرڪوٽ کان ٤٠ ڪن ڪوهہ پري آهي." (مقدمو، ص ١٣)
جناب ڊاڪٽر صاحب وڏيڪ لکيو آهي تہ: "بيتن جا بيا ٽاٽا پڻ ڪاٿڙ واري جوءِ سان لڳن ٿا. جيئن تہ:

سنجي سنجي ڪوهڙا، ويڙهي ويا ورت. (شاهہ)

*

وجهي جر جنڊن ۾، ڪوڏان ڪن ڪهون. (شاهہ)

سنجڻ جي معنيٰ آهي ڪوهہ جي نارن مان سمنڊڙ پاڻي، سنجي سنجي يعني چڪائي گڏ ڪري ڪڍڻ ڪاٿڙ واري ٿر جا ڪوهہ اڪثر ڪري "پار" اجهاڳ يا پاتاريا آهن، پر ريجاوان آهن، جن ۾ نارن جو سيمي وارو پاڻي گڏ ٿئي ٿو.
ٻيءَ سٽ ۾ "جنڊن" جو ذڪر آهي. جنڊو معنيٰ ڪاٺ جو نهيل ڪجائو، جيڪو گڏهہ جي پٺن تي ٻڌي، ان ۾ جوڙي دلن جي وجهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پري ڪان وجي پاڻي آئجي. "پارڪر" ۾ جنڊن جو رواج بلڪل ڪونهي، پر ڪاٺڙ ۾ آهي، جيئن مقامي آچار موجب جنڊن کي چون "جينترو".(مقدمو، صفحو ١١)

جناب ڊاڪٽر صاحب جي مٿئين تبصري مان اهو ثابت ٿيو تہ مارئي پارڪر جي نہ پر ڪاٺڙ جي رهاڪو هئي، ۽ پالوا واري روايت فقط انگريز دؤر جي بي بنياد روايت آهي، جنهن کي ڪابہ اهميت ڪونہ آهي.

هن سموري بحث مان اميد تہ جناب ادي الهداد صاحب کي اها تسلي ٿي ويئي هوندي تہ مارئي پالوا جي نہ پر عمر ڪوٽ جي آسپاس واري علائقي "ڪاروڙي" جي رهاڪو هوئي. جيڪا ڳالهہ شاعري، تاريخ ۽ آثارن مان ثابت ٿي چڪي آهي.

## حوالا ۽ واڌارا :-


(١). محمد عثمان ڏيپلائي (مرتب) "شاهہ جو رسالو" (پاڪيٽ سائز) صفحو ٥٨٤، ڇاپو پهريون، سال ١٩٦٣ع، شيخ غلام علي اينڊ سنز حيدرآباد.

(٢). ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (مرتب) "ميين شاهہ عنات جو ڪلام" صفحو ٥٠، ڇاپو پهريون، سال ١٩٦٣ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(٣). ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (مرتب) "شاهہ جو رسالو" صفحو ٣٩٧، ڇاپو پهريون، سال ١٩٧٧ع، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، ڀٽ شاهہ حيدرآباد.

نوٽ: هي رسالو سسئيءَ جي سر سان شروع ٿيندڙ انن آڳاٽن رسالن ۽ ٻن ٻين پراڻن رسالن جي متن تي مشتمل آهي، جيڪي رسالا ١١٦٥هہ کان ١٢٠٧هہ تائين واري دؤر جا لکيل آهن. انهن رسالن ۾ بيتن جو وڏ ۾ وڏ تعداد ١٨٢٩ آهي. هي رسالا جيئن تہ گنج کان اڳ جا لکيل آهن، ان ڪري انهن کي "پهرئين دؤر جا رسالا" ڪوني سگهجي ٿو.

(٤) ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي (مرتب) "شاهہ جو رسالو جلد ٣،




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفحو ٦٨، ڇاپو پهريون، سال ١٩٦٣ع، ڪمشنر صاحب جو ڇاپخانو ڪراچي.

(٥) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (مرتب) ميين شاهہ عنات جو ڪلام، صفحو ٦٠، ڇاپو پهريون، سال ١٩٦٣ع ۽ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ.

(٦) محمد عثمان ڏيپلائي (مرتب) شاهہ جو رسالو، صفحو ٢٨٦، ڇاپو پهريون، سال ١٩٥١ع، دفتر لطيفي حيدرآباد سنڌ.

(٧). مولانا محمد ابراهيم بختيارپوري (مرتب) "شاهہ جو رسالو" صفحو ٨٧٤، ڇاپو پهريون سال ١٩٣١ع، هيمنداس ڪتبخانہ ڇاپخانہ سکر.

(٨) قاضي علي ميان "شاهہ جو رسالو" صفحُ ٣٧٧، ڇاپو پهريون، سال ١٣٤٠هہ مطابق ١٩٢١ع مطبع ڪريمي بمبئي.

(٩) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (مرتب) "شاهہ جو رسالو" صفحو ٥٧٨، ڇاپو پهريون، سال ١٩٨٤ع، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي ڀٽ شاهہ حيدرآباد.

(١٠) محمد سومار شيخ (مرتب) "شاهہ جا گم ٿيل بيت، سر مارئي"، صفحو ٢٦، ڇاپو ١٩٥٦ع سال ١٩٥٦ع، لطيف پبليڪيشن بدين.

١٩٥٥ع ۽ ١٩٥٦ع ڌاري شيخ صاحب کي ڪي شاهہ جا پراڻا قلمي رسالا مليا، جن ۾ ڪن سرن جي پويان زائد بيت هئا، انهن کي شاهہ صاحب جو ڪلام سمجهي مرحوم شيخ صاحب ترتيب ڏيئي ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪرايو ۽ اهي بيت ڏيپلائي صاحب ماهوار "انسان" جي مختلف پرچن ۾ پڻ شايع ڪيا. انهن ڪتابن توڙي بيتن جي مٿان عنوان هو: "شاهہ جا گم ٿيل بيت"، جن تي علامہ ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم سخت تنقيد ڪئي: آخر ٦ - ٧ سالن کان پوءِ خود شيخ صاحب قبول ڪيو تہ برابر اهو ڪلام شاهہ جو ڪلام ڪونہ آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١١) تاراچند شوقيرام (مرتب) "شاهہ جو رسالو" صفحو ٥٧٦، ڇاپو پهريون، سال ١٩٠٠ع سرڪاري ڪاتو بمبئي.
(١٢) قاضي عبدالڪريم "شاهہ جو رسالو" صفحو ٥٧٦، ڇاپو پهريون، سال ١٣٢٩هہ مطابق ١٩١١ع مطبع فتح الڪريم بمبئي.
(١٣) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (مرتب ۽ مصحح) "رسالو غلام محمد خانزئي جو" صفحو ٤٧٨، ڇاپو پهريون، سال ١٩٨٥ع شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد.
(١٤) خانبهادر (محمد صديق ميمڻ (مرتب) "شاهہ جو رسالو" صفحو ٤٣٤، ڇاپو پهريون، سال ١٩٥١ع، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد.
(١٥) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي (مرتب) "شاهہ جو رسالو" جلد ٢ صفحو ٢٩٥، ڇاپو پهريون سال ١٩٥١ع، بشير اينڊ سنز جهونا مارڪيٽ ڪراچي.
(١٦) مرزا قليچ بيگ (مرتب) "شاهہ جو رسالو" صفحو ٨٦٢، ڇاپو پهريون، سال ١٩١٣ع هنسراج پرنٽنگ پريس سکر.
(١٧) محمد سومار شيخ (مرتب) "شاهہ جا گم ٿيل بيت" سر مارئي، صفحو ٨ ڇاپو پهريون، سال ١٩٥٦ع، لطيف پبليڪيشن بدين.
(١٨) محمد سومار شيخ (مرتب) "شاهہ جا گم ٿيل بيت" سُر مارئي صفحو ٣٣، ڇاپو پهريون، سال ١٩٥٦ع، لطيف پبليڪشن بدين.
(١٩) = = = = صفحو ٤٢
(٢٠) = = = = صفحو ٤٣
(٢١) قاضي فتح محمد "شاهہ جو رسالو" صفحو ٤٤٦، ڇاپو پهريون، سال ١٨٨٦ع مطبع فتح الڪريم بمبئي.
(٢٢) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "مين شاهہ عنات جو ڪلام" صفحو ٥١، ڇاپو پهريون، سال ١٩٦٣ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٣) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ”ميين شاهہ عنات جو ڪلام“ صفحو ٧٠، ڇاپو پهريون سال ١٩٦٤ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ.

(٢٤) = = = = صفحو ٥١

(٢٥) = = = = صفحو ٥١ ـ ٥٢

(٢٦) = = = = صفحو ٥٥

(٢٧) مير علي شير قانع، تحفة الڪرام (سنڌي ترجمو) صفحو ١٠٣، ڇاپو پهريون، سال ١٩٥٧ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ.

(٢٨) سيد محمد طاهر نسياني ”تاريخ طاهري“، فارسي، صفحو ٣٦، ڇاپو پهريون، سال ١٩٨٨ع.

(٢٩) منگهارام اوجها، پرائو پارڪر، ديباچو صفحو ٨، ڇاپو ٻيو، سال ١٩٨٨ع.

(٣٠) = = = =

(٣١) مولانا غلام محمد گرامي (ايڊيٽر) ٽہ ماهي ”مهراڻ“ ١ ـ ١٩٦٧ع ص ١٩٩،

## مددي ڪتاب

اهي سڀ شاهہ جا رسالا ۽ تاريخي ڪتاب، جن جو ذڪر هن مقالي ۾ آيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڄام چنيسر داسڙو

”ڄام چنيسر“ ولد ”داسڙو“، سنڌ جي سخي ”ڄام راهوءَ“ جو ”پوٽو“ ۽ مشهور سورهيہ ۽ ڏاتار ”ڄام انڙ“ جو ”ڙپوٽو“ هو.

انين صدي عيسويءَ ڌاري، مهرائي جي ايراضيءَ ۾، ”ساموئيءَ“ جو شهر ٻڌي، جنهن حڪومت جو بنياد، لاکي ڦُهڙراءِ وڌو هو، راءِ چنيسر داسڙو انهيءَ حڪومت جو ستون گادي نشين هو.

ڄام چنيسر نہ رڳو پنهنجي موروثي حڪومت کي مضبوط ڪيو، بلڪ هن ڪڇ جي ”ڪڙير“ واري علائقي ۾ هڪ مضبوط قلعو پڻ ٺهرايائين، جيڪو ”چنيسر جو ڪوٽ“ جي نالي سان مشهور ٿيو، جنهن جا ڪنبر اڃا تائين موجود آهن. [1] جنهن کي ڪن مؤرخن ”ديول ڪوٽ“ بہ سڏيو آهي.

”راءِ چنيسر“ جو پيءُ ”ڄام داسڙو“ تمام سپوت ۽ نالي وارو حاڪم هو، جنهن ناري پٽ واري ايراضيءَ ۾ پنهنجي حڪومت جون حدون، اتر طرف وڌائي، ريٽي، جي ڪناري تي هڪ مضبوط قلعو پڻ ٺهرايو [2] ۽ هو پنهنجي رعيت توڙي آس پاس وارن راڄن سان اهڙي تہ سٺي نموني سان هليو، جو هر طرف رڳو داسڙو ئي داسڙو مشهور ٿي ويو، جنهن جي ڪري، داسڙي جا پويان، ”سمن“ سڏجڻ جي بدران ”داسڙا“ سڏجڻ لڳا. [3]

اهوئي سبب آهي جو ”ڄام چنيسر“ بہ ”سمون“ سڏجڻ جي بدران ”داسڙو“ مشهور ٿيو.

---

(١) ڪريڙ وارو ياڳو پڇم ڪان اٺ ڪوهہ ايرندي طرف آهي.

(٢) انهي قلعي جا ڪنڊر شادي پلي اسٽيشن لڳ، ريلوي لائين جي ڏکڻ طرف موجود آهن.

(٣) سنڌ ۾ هن وقت ڪيترائي داسڙن جا ڳوٺ آهن. جيئن ڳوٺ ”علي محمد داسڙو“ لڳ ”ڪڙيو گنوهر“، ڳوٺ احمد داسڙو“ لڳ لنواري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄام چنيسر ملڪ جي پراڻي مرڪزي ۽ گاديءَ واري شهر کي ڇڏي، ناري پٽ واري ايراضي جي مشهور شهر "پٽڻ" ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ اتي هڪ وڏو ۽ مضبوط قلعو ٺهرايو، جيڪو "ليهور" جي نالي سان مشهور ٿيو. جنهن بابت ادراڪي بيگلاري پنهنجي مشهور مثنوي "چنيسر نامہ" ۾ لکيو آهي تہ:

پتن گويند شهر بود اعظام    ليهور آمہ دران جا، قلع را نام.

اڳتي هلي "ليهور" جو قلعو جيئن ئي مشهور ٿيو تہ اهو پٽڻ وارو شهر بہ ليهور سڏجڻ لڳو ۽ سنڌ جي سيني ليکڪن ۽ شاعرن ان کي ليهور جي نالي سان ياد ڪيو آهي.

لطيف سائينءَ بہ ليهور کي ياد ڪيو آهي، جيئن هڪ بيت ۾ ليلان کي صلاح ٿو ڏئي تہ: .

ليلان ڇڏ ليهور، وڃ پنهنجي مائٽين،
هار منجهارا هور، تو "سوڍي" سور پرائيو.

راءِ چنيسر داسڙي جي راڄڌاني ليهور جا کنڊر، ساماري تعلقي جي چئن ديهن هر هڪ ۾ ديهہ لولان، ليلان يا جهلوري، ديهہ لياري، ديهہ ڪينجهيجي ۽ ديهہ ٺويا ۾ پکڙيل آهن، جيڪي هڪ "پراڻي ڍوري" جي ساڄي ڪپ تي اولهہ کان اوڀر طرف پکڙيل آهن.

انهيءَ ڍوري ۾ بہ روايتون ملن ٿيون، جن مان هڪڙا راوي چون ٿا تہ اهو ڍورو اصل ۾ وڏي ڍوري يعني هاڪڙي جي هڪ شاخ آهي، جيڪا تعلقي کپري جي ڳوٺ "پٽ پائٽيءَ" وٽان جدا ٿي برابر هيٺ وهندي آخر اچي وڏي وهڪري ۾ داخل ٿئي ٿي. ليڪن ٻيا راوي چون ٿا تہ اهو ڍورو اصل ۾ سنڌ جي تمام پراڻي وهڪري "ريٽي نديءَ" جي هڪ شاخ آهي، جيڪا ٿرپارڪر ضلعي ۾ شادي پليءَ وٽان وهندو، اسٽيشن صالح پنيري کان چار پنج ميل اولهہ طرف پوريءَ جي شهر "اونچل ڪوٽ" ۽ "ڪن" جي شهر جي پرسان وهندو، ساماري جي پراڻي شهر ۽ "حمير هور" کان لنگهيندو، ليهور جي پٽ ۾ پهچندو هو، جتي پهچي لياريءَ جي ڳوٺ وٽان سڌو اوڀر طرف مُڙي، ڇهہ ست ميل



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

سڏو هلي، ڪينجهہ جي ڪندبرن وٽان وري ڏکڻ مڙي، ڪافي پنڌ ڏکڻ هلي پوءِ وچي وڏي ڍوري يعني هاڪڙي ۾ داخل ٿيندو هو.

آثارن مان ائين ٿو ظاهر ٿئي تہ "ريٽي ندي" هاڪڙي کان پراڻي ندي آهي، جنهن کي جڏهن هاڪڙي وهي منڍ وٽان ڪٽيو تڏهن اها هميشہ لاءِ سڪي وئي، پر هاڪڙو ان جي پيٽ ۽ شاخن کي آباد ڪندو رهيو، ان ڪري جڏهن بہ هاڪڙي جي اٿل ٿڪري ڪاهوڙ ايندي هئي تہ ماڻهو ان کي "ريٽي" سڏيندا هئا ۽ پوڙن کي ڳٽپ جي لحاظ کان ياد ڪندا هئا. جيئن پهرين ريٽي ٻي ريٽي، ٽي ريٽي وغيره.

ليهور جا ڪندبر جيڪي لياري ۽ لولان ديهن مان شروع ٿي، ايرندي هلي ديهہ نويا ۽ ديهہ ڪينجهيجي" ۾ ختم ٿين ٿا. تن جي شروعاتي ويڪر ميل ڪن ۽ آخر ۾ ٻن ميلن کان بہ وڌيڪ آهي. اهڙي طرح ڪندبرن جي ڊيگهہ اٽڪل ٽي ميل ڪن ٿيندي، جيڪي اوچائيءَ ۾ ڪٽي گهٽ تہ ڪٽي مٿانهان آهن.

مذڪور ڪندبر جي الهندين ڇيڙي جي اولهہ ۾، لياري ڳوٺ لڳ ٻہ ننڍا دڙا آهن، جن مان هڪ کي "ڪونروءَ جي ماڙي" ۽ ٻئي کي "ليلان جي ماڙي" سڏيندا آهن، جن تي برسات جي مند ۾ ڪيئي املهہ شيون لڀن ٿيون.

ڪندبرن جي اوپر ۾، ڍوري جي ڪاہي پاسي "ڪينجهہ جي پڙي" جا ڪندبر آهن، جن جي لڳ هڪ ٿر کي "ليلان" جي ڪندي" ڪوٺين ٿا، اهڙي طرح ديهہ باغبان ۾، حسن باگوائي جي مقبري جي ويجهو پڻ "ليلان جي ڪندي" ۽ "ليلان جي ترائيءَ" جا نشان آهن.

مذڪور ڪندبرن ۽ ڍوري جي وچ تي ٻڙ جي هڪ وڻ جي ٿڙ جا نشان ملن ٿا، جن لاءِ چون ٿا تہ اهي ان جادوءَ واري ٻڙ جا نشان آهن، جنهن تي سواري ٿي، ليلان ۽ ٻيون "پڇٽ ساميءَ" جي سلام تي ويندڀون هيون. انهيءَ ٿڙ کان اٽڪل ٨ ـ ٩ ميل اوپر اتر طرف ديهہ ٢٢ هيرل ۾ پڇٽ جي محلات جا ڪندبر موجود آهن، جن تان برسات ۾ سڪا، سون، لوه جا ٽڪر ۽ ٻيون ڪيئن شيون ملن ٿيون، ليهور جي ڪندبرن کان اٽڪل ٢٥ ـ ٣٠ ميل اوپر ڏکڻ طرف هاڪڙي جي ڪناري تي "نهٽي جي شهر" جا ڪندبر موجود آهن، جن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهو راءِ چنيسر داسڙي جي وزير، راءِ جکري جو ٻڌايل شهر هو، جنهن لاءِ چوٽي آهي تہ: ـ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ”واري“ جڪري، تڏهن نهٽي نو سؤ هٽ،
پري ڪان ٿي پانڌين کي، ٿي آئي عطر - ڇٽ،
محبت سندا مٽ، هئا مهراڻي جي ملڪ ۾.

روايتن ۽ تاريخي تحقيق موجب راءِ چنيسر جي حڪومت اٽڪل ٻارهين صدي عيسويءَ جي پهريين اڌ ۾ هئي [1] جيڪا هڪ ئي وقت پراڻ، هاڪڙي، ٻائر، وٽ ۽ ڪڙير وغيره جي علائقن تي هئي.

راءِ چنيسر داسڙو وڏو بردبار ۽ ڪانڌيلو حاڪم هو، هن وٽ درگذر ڪرڻ ۽ بخش ڪرڻ جي جيڪا خصلت هئي، اها بي مثال هئي. سندس انهيءَ خصلت کي نگاهه ۾ رکندي، حضرت پٽ ڌڻي ٻه ليلان کي صلاح ڏني آهي تہ:

”ليلان“ ليلائيج، اٿئي ماڳ منٿ جو،
جي ليلائي نہ لهين، تہ پڻ ليلائيج،
آسر مَ لاهيج، سڄڻ سٻاجهو گهڻو.

ليلان، چنيسر جي سڀني سوٽ ۽ منهن چاڙهہ عورت هئي، جنهن جيڪي بہ خطائون ڪيون، سي چنيسر بخشيندو آيو ۽ آخر هار واري واقعي کان ناراض ٿي، هن ليلان کان منهن مٽي، ڪونروءَ جي قربانيءَ جو قدر ڪري، ان ڏي توجہ ڪيو، جنهن تي ليلان لاچار ٿي، ڪيس لطيفه جي لفظن ۾ هن طرح عرض ڪيو تہ:

هلي هار ويو، هو ٻهانو ٻوڇ جو،
ورتون ٿو ولهي ڪريين، ”ڏوٻاسا“ ڏيو،
هتان مون ٿي ٿيو، تون ڪمين نہ ڪانڌيلا پرين.

ليلان جي اهڙي محبت ۽ منٿ ٻڌي، ڄام چنيسر جيڪو ڪيس جواب ڏنو، سو پٽ ڌڻيءَ هن طرح ٻڌايو آهي : .

جيڪي چوين ٿي هير، سي جي انين پتي اگ ڇيئي !
تہ خون سڀ بخشيان، آٿي من ۾ وڏي مهير،
جهڙا پريئي پير، تهڙا موٽي آيئي منهن ۾.

---

(۱) جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، راءِ چنيسر کي ۱۲ ـ ۱۳ صدي جو حاڪم قبول ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنيسر جي طرفان اهڙو رکو جواب ٻڌي به ليلان مايوس ڪونه ٿي، چو ته هن کي چنيسر جي ڪانڌ ۽ بردباري جي پوري ريت پروڙ هئي، سو هن تهان وڏيڪ آهون، دانهون ۽ زاريون شروع ڪيون، جيڪي شاهه صاحب مختلف لفظن ۾ پيش ڪيون آهن: .

دلاسي جي داسڙا، تان ڪا وائي وار،
جيئن تون منهنجو ولهو، تيئن آئون تو ۾ طمعدار،
ڍڪي ڍول گذار، لڄ منهنجي لوڪ ۾.

*

ڪوڙين تنهنجون ڪامڻيون، تون ڪوڙين سندو ڪانڌ،
مون کي ڇڏ ته داسڙا، ته وڃان نه واٽوند،
مون ڳچي ۾ پاند، تو چنيسر هٿ ۾!

ليلان جي آهن دانهن نيٺ اثر ڪيو ۽ سندس حال تي رحم کائي، راءِ چنيسر کيس ورندي موڪلي ته : .

توکي تڙي ڪير ؟ جي تون منهنجي آهين،
توسان وڏ مر وير، ته سکن مان سهاڳيٽون.

ڄام چنيسر داسڙو اها ورندي موڪلڻ کان پوءِ ظاهري طرح ته هو ليلان کان رنل رهيو، پر دلي فيصلي موجب، هو ليلان کي بخش ڪري چڪو هو.

”لال نه پسي لبيس، تو دليون پرکي داسڙو“

آخر جڏهن ڄام چنيسر، راءِ جکري“ جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيو ۽ ليلان اوچتو سندس منهن ۾ اچي وئي ته هن بيساخته رڙ ڪري کيس ڳراٽڙي پاتي ۽ ان دم ئي ٻنهي جو روح پرواز ڪري ويو.

حضرت يت ڌڻيءَ انهيءَ حقيقت کي نگاهه ۾ رکندي کهڙو نه لاجواب چيو آهي ته:

پاڻ سڃاڻي ڪانڌ، پاٽهي پيهه آئيو،
ڍولي ڏنو پاند، وڃو تي ورهين ڪي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "ڄام ساهڙ نگامرو"

ڄام ساهڙ ولد گهنور ڄام، ذات جو "نگامرو" هو، جيڪا سمن جي هڪ قديم نک آهي. جنهن مان ڪئين مشهور شخصيتون ٿي گذريون آهن، جن اٺين صدي عيسويءَ کان وٺي ڪافي عرصي تائين "ميرپور ساڪري"، "ڪيٽي بندر" ۽ ٺٽي هنڌن تي حڪومت پڻ ڪئي آهي.

"ڄام ساهڙ" پنهنجي دور جو وڏو مالدار شخص هو، جنهن وٽ ٻئي مال کان سواءِ مينهين جو تمام وڏو ڌڻ هو. ان ڪري، ڪيس گهڻا ماڻهو "ميهار" پڻ ڪوٺيندا هئا. هُو سانگهڙ ضلعي جي موجوده شهر "شهدادپور" جي آسپاس واري ايراضيءَ ۾، "لوهاڻي دريا" جي ڪناري تي رهندو هو.

"لوهاڻو دريا"، جنهن کي هن وقت مقامي ماڻهو "سهڻيءَ جو ڍورو" به سڏيندا آهن. سو عربن جي دور ۾، ويندي چوٿين صدي هجريءَ تائين منصوره شهر جي لڳو لڳ ۽ "شهدادپور" کان ست ميل کن اوپر طرف وهندو هو. جيڪو پوءِ پنهنجو رخ بدلائي، شهدادپور کان اولهه طرف، بلڪل قريب وهڻ لڳو. جنهن جي وهڪري جا نشان، هن وقت به موجود آهن.

حضرت شاهه عبداللطيف، توڙي ٻئن شاعرن، "ساهڙ" توڙي "ميهار" ٻئي نالا ڪم آندا آهن ۽ هن وقت تائين به اهي ٻئي نالا پيا ڳائجن.

ڄام ساهڙ پنهنجي دور جو هڪ عظيم انسان هو، جنهن جي وفاداري ۽ سچائيءَ جو مثال ملڻ مشڪل آهي. ڄام ساهڙ جي محبوبه سهڻي ذات جي "سامٽي" هئي ۽ سندس پيءُ "جرڪٽ" يا "جرڪس" "سامٽيو"، پنهنجي خاندان جو چڱو مڙس هو. جيڪو پڻ شهدادپور جي آس پاس واري جوءِ ۾ "لوهاڻي" جي ڪناري تي رهندو هو.

سهڻي پنهنجي دؤر جي نهايت حسين دوشيزه هئي. جنهن جي قرب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ڪر ڪين سُئي، جي سير نہ گهڙي سهڻي،
هِت حياتيءَ ڏينهڙا، هـڏهن تـان نــہ هُئي،
هَـنئين هوند مُئي، پر ٻڏيءَ جا ٻـيـٽـا تـيـا.

سهڻي جي مقبري تي هر جمعي رات، شاه جو راڳ ڳايو ويندو آهي ۽ مولود پڙهيا ويندا آهن.

”ڄام ساهڙ“ عرف ”ميهار“ جي تربت، شهدادپور جي موجوده شهر ۾ اچي وئي آهي، جيڪا سيد ”الله او يائي شاهہ“ جي پاڙي ۾ آهي. جنهن کي تازي دؤر ۾ پڪي ٺهرائي آهي. جنهن جي سيرانديءَ واري پاسي، حافظ شيرازيءَ جو مشهور بيت : .

هرگز نـمـيـرد آن کے دلـش زنده شد، بـعـشـق،
ثـبـت اسـت بـــرجريـده ـــ عـــالـــم دوام مـا.

اڪريل آهي ۽ پيرانديءَ کان، شاهہ صاحب جو هيٺيون بيت لکيل آهي.

ڪنڌي ”جهليو ڪانهہ، عاشق ايو آهون ڪري،
تو ڪنئين ٻوڙي سهڻي، ٻيلي منهنجي ٻانهہ،
دريا تـوتي دانهہ، ڏيندس ڏينهن قيام جي.

سهڻي ۽ ميهار جي واقعي ۾، هڪ ڪردار، ”چٽو پير“ بہ آهي. جنهن جي نالي سان قبرستان، لوهاڻي درياءَ جي ساڄي پاسي، ميرياءَ جي هڪ ٻيٽ ۾ آهي، جيڪا اراضي ٻچل شاهہ جي ڳوٺ لڳ، هاڻا تعلقي جي ديهہ ڪاٺي جي سروي نمبر ٢٧ ۾ آهي. جتي هر سال چٽي پير جو وڏو ميلو لڳندو آهي.

حضرت پٽ ڌڻيءَ، ساهڙ جي پڊن ۽ لوهاڻي درياء کي بہ ياد ڪيو آهي، جيئن فرمائي ٿو تہ: .

من ۾ محب ميهار جون، دل اندر ”دونهيون،
آٿيو وجهي آر ۾، ”لوهاڻو“ - ”لوهيون“،
جي ساهڙ جون سونهيون، سير سراڙو تن کي.

ساهڙ ۽ سهڻيءَ جو عشق، اهڙو سچو عشق هئو، جيڪو مجاز جي منزلن کان بلڪل متاهون نڪري، حقيقي حب جي دائري ۾ پهتل هو.

”درياريءَ سهـاڙ، ڏسـڻ گـهـٽـو ڏهـلـو.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مورڙو ٻهليم

پنجين صدي هجريءَ ۾، ڪڇ جي ڪناري سان، "گندا سنگهه" شهر ۾، "ٻاچو" ۽ "ٻاراچ" نالي، "ٻهليم" ذات جا ٻه يتيم ڇوڪرا رهندا هئا. جيڪي ان شهر جي غرق ٿيڻ کان پوءِ، ڪڇ جي "نڙي" شهر ۾ وڃي رهيا. جتان پوءِ، جوان ٿيڻ تي، ڪڇ کان سنڌ ڏانهن ايندڙ هڪ قافلي سان گڏجي، سنڌ ۾ آيا ۽ "حب نديءَ" جي ڪناري "سوناريءَ جي جبل" وٽ اچي رهيا.

هڪ ڏينهن "ڪلان ڪوٽ" جو بي اولاد بادشاهه "قلوند" گهمندي اتي اچي نڪتو ۽ ڇوڪرن سان ملاقات بعد، انهن کي پاڻ سان وٺي ويو ۽ "پٽيلا" ڪري اچي سنڀاليائين. ڇوڪرا جيئن جوان ٿيا ته شڪار جو شوق ٿين ۽ روزانو، گز ڪمانون کڻي شڪار تي ويندا هئا. سو هڪ دفعي شڪار تي خالي دلن سان پاٽياريون کين سامهون آيون ۽ قضا سان ان ڏينهن کين شڪار ڪونه لڳو. ٻئي ڏينهن شڪار تي نڪرڻ مهل به خالي دلن سان پاٽياريون کين منهن ۾ آيون، هنن، ان ڳالهه کي بدسوڻي سمجهي، گز هڻي، دلا ڀڃي وڌا. اها دانهن جڏهن "قلوند" بادشاه وٽ پهتي ته ان پاٽيارين کي مٽيءَ جي دلن جي عيوض" ٽامي جا دلا وٺي ڏنا.

"ٻئي دفعي وري به اهڙو اتفاق ٿيو ۽ ڇوڪرن گز هڻي، "ٽامڙا" به ڀڃي وڌا. اها خبر جڏهن بادشاهه کي پهتي ته ان کين ڪافي دولت ڏيئي اجازت ڏني ته "هو هليا وڃن".

اجازت ملڻ بعد هو، "ڪلان ڪوٽ" کان نڪري اتر طرف روانا ٿيا ۽ هلندي جبل جي هڪ ماڙيءَ ۾ وڃي پهتا، جنهن ۾ هڪ وڏو باغ هو، جيڪو پاڻي نه ملڻ سبب سڪو پيو هو ۽ هڪ فقير اتي ننڊ ۾ ستو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. فقير ڪي ستل ڏسي هي اتي ويهي رهيا ۽ نار هلائي باغ کي پاڻي ڏيندا رهيا ۽ باغ جا ميوا کائي پيٽ گذر ڪندا رهيا. ڪافي مدت کان پوءِ فقير جڏهن ننڊ مان جاڳيو تہ هن باغ سائو ڏٺو ۽ اتي نوجوانن کي گهمندو ڏٺائين، تہ ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ جوانن کي سڏي، ڪين ڪجهہ علم سيکاريائين ۽ پوءِ موڪل ڏنائين. هي اتان اڳتي نڪتا ۽ ٻي واديءَ ۾ پهتا تہ اتي هڪ سوناري عورت ڏٺائون، جيڪا پاڻيڻ واهہ تان پاڻي جا دلا ڀري وڃي رهي هئي. جوانن کي اتي فقير کان مليل علم آزمائڻ جو خيال آيو ۽ هنن ان عورت تي دم ڪري ان جا دلا مٿي ۽ ڪڇ ۾ قابو ڪري وڌا. هوءَ جڏهن تمام مجبور ٿي، ان کان وعدو ورتائون تہ هوءَ کين پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڏيندي. اهو وعدو وٺي اڳتي هليا تہ کين بہ ساموٻا فقير مليا، جن سان سفر جي دوران ڏاڍيون چوٽون کاڌائون ۽ پوءِ جدا ٿي ويا ۽ هلندا وڃي "ڪلان ڪوٽ" جي شهر ۾ پهتا، جتي کين ڪنهن بہ ڪونہ سڃاتو. هي اتي ٧ ـ ٨ سال رهيا ۽ پوءِ "ٻانيره واه" واري ماڙيءَ طرف موٽيا ۽ سڌا ان سوناريءَ جي گهر پهتا ۽ ان کان ڌيءَ جو سڱ گهريو تہ سوناريءَ جو مڙس سامهون آيو، جنهن کين سڱ کان جواب ڏنو ۽ پوءِ هي علم جي زور تي، اها سوناري ڇوڪري کڻي، موجوده ڪراچيءَ جي ويجهو، هڪ مهاڻن جي بستيءَ ۾ آيا ۽ اتي ڇوڪريءَ کي مسلمان ڪيائون ۽ پوءِ ان سان وڏي ڀاءُ ٻاراڇ جو نڪاح پڙهيو ويو. جنهن ڳالهہ بابت هڪ ڳجهارت بہ شاهد آهي تہ: ـ

ڏيٺي، ولات هٽي، ذات کٽي، ڪنهن نالي نئي يا نرنام.

ڀيٽي: ـ سنڌهٽي، سوناري کٽي، ڪنهن ٻاچور، نئي يا ٻاراڇ.

مهاڻن جو ڳوٺ ۾ رهندي، ٻاراڇ کي پٽ ڄائو، جنهنجو نالو "اوڀايو" رکيائون. اوڀايو ننڍو هو تہ، "ٻاراڇ" گذاري ويو ۽ "ٻاچو" بہ ڀاءُ جي فراق ۾ جهجهي جهيلو ٿي پيو ۽ جلد انتقال ڪري ويو اهڙي طرح اوڀايو ٻاراڻ ۾ يتيم بنجي ويو.

اوڀايو وڏو بخت وارو هو، مهاڻن جي جنهن بہ ٻاريءَ سان گڏ ويندو هو ان ٽوليءَ جو شڪار جهجهو ٿيندو هو. ان ڪري هر ٻاريءَ جا همراهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو چاهيندا هئا تہ، اوڀايو، ساڻن گڏ هلي.

اوڀائي جو اهڙو ڀاڳ ڏسي، مهاڻن جي اڳواڻ، ان کي پنهنجي ڌيءَ جي سڱ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. جيڪو ڀڏي راڄ وارن ڪيس روڪيو تہ، هو هڪڙي يتيم ۽ ڌارئي ڇوڪر کي سڱ نہ ڏئي، پر اڳواڻ انهن جي اها ڳالهہ ڪونہ مڃي. آخر شرط رکيائون تہ اهو نوجوان ڇوڪر، جيڪر پرواري ڪن (جيڪو موجوده ڪراچيءَ جي لڳ هو) ۾ رهندڙ مانگر مڇ جو آنو ڦيهي اڇي، تہ پوءِ ڀلي ڪيس سڱ ڏنو وڃي.

اهو شرط ظاهر ٿيڻ کان پوءِ، اوڀايو جيڪو بهادر، دلير، پهلوان ۽ ٻيءَ جو هوشيار هو، سو مڇ جي آرام وقت ٻيءَ هٽي، آنو ڦيهي، ان جي کل کڻي آيو ۽ هر طرف "واهہ واهہ" ٿي وئي. جنهن بعد سڄي راڄ گڏجي ان جو وهانءَ ڪيو. انهي گهر مان اوڀائي کي ڇهہ (٦) پٽ ـ پنهير يا پڙهيار، اگارو، منجهادو يا مينهون، اسماعيل يا سانئر، هنجهہ، للو يا لکو، ٿيا. جنهن بعد اها عورت گذاري وئي تہ پٽيل ڪيس پنهنجي ٻي ڌيءَ پرڻائي، جنهن مان هڪ پٽ "مورڙو" ۽ هڪ ڌيءَ "سيرهين" يا جمڙي پيدا ٿي.

ٻي شاديءَ کان پوءِ اوڀايو، مهاڻن جو ڳوٺ ڇڏي، پرسان ٻيو ڳوٺ ٻڌو ان جو "سون مياڻ" نالو رکيائين، جيڪو اڳتي هلي "سون مياڻي" مشهور ٿيو. جتي ايتري تہ مڇي مرڻ لڳي، جو ان وقت جي حاڪم دلوراء کي ساليانو هڪ لک آنڪي اوڳڙ ٿيندي هئي.

"سون مياڻيءَ" جي اها ترقي ڏسي ڪيئن مهاڻا ٻئن پاسن کان لڏي، اتي اچي آباد ٿيا، جنهن ڪري اهو هنڌ ڀهريائين هڪ ننڍو بندر ۽ پوءِ وڏو بندر بنجي ويو. جتي هڪ وقت "نو سؤ ٻيڙيون" ۽ "تيرهن سؤ ترما" مڇي مارڻ لاءِ موجود هوندا هئا. جن کان سواءِ رڃ اڇلڻ ۽ پين ڇڪڻ وارن جو تہ ڪو ڪاٿوئي ڪونہ هو.

"سون مياڻيءَ" جو ايڏو عروج ڏسي، ٻئن ڳوٺن جي مهاڻن دلوراءِ بادشاهہ جا ڪن وڃي ڀريا، تہ اوڀايو محصول کان سواءِ سڀ پيدائش کايو ٿو وڃي. مهاڻن کان اهڙيون خبرون ٻڌي، دلو راءِ بادشاهہ، اوڀائي کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ خبر چار ورتي. گفتگوءَ جي وقت، بادشاهہ هن کان تمام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻو متاثر ٿيو ۽ سون مياڻيءَ جي بندر جو ساليانو محصول هڪ لک رپيا مقرر ڪري، ان جو مقاطعو اوياڻي کي ڏيئي ڇڏيائين.

اوياڻي جا وڏا ڇهه پٽ پهلوان، بهادر ۽ ڏگّ مڙس هئا ۽ ستون پٽ مورڙو، ٺنگ کان منڊو ۽ ايرو هو، ان ڪري ڀائرن کيس گهر ۽ اوطاق جي سنڀال لاءِ ڇڏيو ۽ پاڻ ڌنڌو ڪرڻ لڳا.

اوطاق جي سنڀال ۽ مهمانن کي ماني ڪارائڻ جي ڪري، آهستي آهستي مورڙي جو نالو مشهور ٿيندو ويو ۽ آخر "مورڙو سخي" سڏجڻ لڳو. جنهن ڪري سندس ڀاڄاين کي ڏاڍي منيان لڳي ۽ چوڻ لڳيون ته "ڪمائين اسانجا مڙس ۽ نالو ٿئي نڪمي مورڙي جو." نيٺ صلاح ٻيهارياٿون ته مورڙي کي گهر مان ئي ڪڍي ڇڏجي. سو سڀ گڏجي، مورڙي جي زال کي مهڻا ڏيڻ لڳيون ته: .

"اهڙي نڪمي مڙس کان ٻڏي وڃي مر ! جيڪو ڀائرن جي ونڊ تي پاڙيو ويٺو آهي ۽ پنهنجي ڪا به ڪمائي ڪونه ٿو ڪري."

مورڙي جي زال گهڻو ئي سٺو، پر گهڻي "ڪر ڪر" ۽ هر هر مهڻن کان مجبور ٿي پئي ۽ اهو احوال مڙس کي ٻڌائي، روئي پئي ۽ مورڙو اهو احوال ٻڌي ٻئي ڏينهن تي رڃ ڪٽي روانو ٿيو، جنهن کي ويندو ڏسي، سندس پيڻ سيرهيڻ اهو احوال وڃي وڏن ڀائرن کي ٻڌايو. جن مورڙي کي پرچائي واپس آندو. اهڙي طرح ٻه ٽي مهينا ته خير سان گذريا، پر پوءِ وري جاڳيا حالات پيدا ٿي ويا. جنهن ڪري مورڙو گڙڪمان ڪٽي، زال کي ڪرڻي، هڪ طرف منهن ڪري روانو ٿيو. اها خبر جڏهن سندس وڏن ڀائرن کي پئي ته اهي کيس موٽائڻ لاءِ ويا. مگر هو نه آيو ۽ هفتي کن ۾ وري موٽي اچڻ جو وعدو ڪري، دلو راءِ بادشاهه جي گاديءَ واري شهر "ٻانيڻ واهه" ويو ۽ اتي جاءِ مسواڙ تي وٺي وڃي ويٺو.

هڪ دفعي، هڪ ڪوهه تي، هن جي ملاقات بادشاهه سان ٿي، جنهن کانئس خبر چار وٺڻ بعد، کيس "درٻاري" ٿي رهڻ لاءِ آڇ ڪئي. جنهن تي مورڙي چيو ته حاضر ! پر منهنجا ڪجهه شرط آهن، جيڪي مڃڻ کان پوءِ هلندس. بادشاهه شرط پڇيا ته هن وراڻيو ته:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”دربار ۾ رهي، ڪوبہ ڪم ڪونہ ڪندس، پنجن درٻارين جيترو پگهار وٺندس ۽ ڏکئي وقت تي سمن ڏيڻ لاءِ حاضر هوندس.“

بادشاهہ اهي شرط قبول ڪري، هن کي پاڻ سان وٺي ويو ۽ وچي دربار ۾ رهايائين. هڪ دفعي ڪنهن خوني شينهن حملا ڪري، ڏاڍو نقصان رسايو تہ بادشاهہ ڏاڍو پريشان ٿيو، جنهن تي پراڻن درٻارين چيس تہ، ”مورڙي کي موڪليو تہ، شينهن کي منهن ڏئي“، بادشاهہ، پوءِ مورڙي کي حڪم ڪيو، تہ هو بنا هٻڪ جي تيار ٿيو ۽ تمام هوشياريءَ سان شينهن کي ماري آيو. جنهن تي بادشاهہ سلامت هن تي تمام گهڻو راضي ٿيو ۽ کيس ڪافي انعام اڪرام ڏيئي چيائين تہ، مورڙا ! اڄ گهرڻو هجئي سو گهر ! تنهن تي مورڙي هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪيو تہ، ”سائين ! اسان کي ”سون مياڻيءَ“ جو محصول معاف ڪئي“. بادشاه هڪدم اها ڳالهہ قبول ڪئي ۽ کيس محصول جي معافيءَ جو پروانو لکي ڏنائين، جيڪو هن ڀائرن ڏانهن موڪلي ڏنو.

جيڪو ملڻ تي هو ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ان سان گڏ شرمندا بہ ٿيا تہ، اسان جي زالن مورڙي سان کهڙي جٺ ڪئي ۽ هن اسان تي ڪيڏو نہ احسان ڪيو. ٻئي طرف مورڙي جي بهادري جي هاڪ بہ هُلي وئي، جيڪا خبر سوڻ مياڻيءَ ۾ بہ پهتي، جنهن تي مورڙي جا ڀائر توڙي مياڻيءَ جا رهاڪو سڀ ڦوندجي ويا. ڪجهہ وقت کان پوءِ مورڙي جا ڀائر، مورڙي وٽ آيا ۽ بادشاهہ کان چند ڏينهن جي موڪل وٺي، مورڙي کي پاڻ سان وٺي ويا. مورڙو جيئن ڳوٺ جي ويجهو آيو تہ سڄي ڳوٺ وارن اڳتي وڌي اچي هن جو استقبال ڪيو ۽ سندس بهادريءَ جا گيت ڳايا. مورڙو ٻهرين پنهنجيءَ ماءُ ۽ ڀيءُ ۽ ٻئن عزيزن سان مليو ۽ پوءِ ڀاڄاين وٽ ويو، جيڪي کيس ڏسي ڏاڍيون شرمنديون ٿيون. هي هفتو کن اتي رهي، پوءِ ٻانيڻ واهہ طرف موٽي ويو ۽ اتي خوش گذارڻ لڳو.

هوڏانهن محصول جي معافي جي ڪري، اوپائي جا پٽ ويتر شاهوڪار ٿيندا ويا ۽ سندن واپار ٻري پري تائين هلڻ لڳو. انهيءَ دؤر ۾ ”ڪُنَ“ واري مڇ وري اچي منهن ڪڍيو، جنهن ڪري ملاحن ۾ ڏاڍو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هراس اچي پڪڙيو ۽ سيئي ملاح ”ڪُنَ“ ڪان پري هلڻ لڳا.

ٻئي طرف اوياڻي جي پهلوانن صلاح ڪئي، تہ جيئن ڪنهن طرح انهيءَ مڇ کي ماري، بهادريءَ ۾ مشهور ٿيون ۽ مورڙي جي برابري ڪريون. سو اها خبر جڏهن اوياڻي کي پهتي، تہ هن پٽن کي سختيءَ سان منع ڪئي تہ، پلجي بہ انهيءَ طرف نہ وڃجو. مگر هو نہ رهيا ۽ ڪنهن طرح سان اوياڻي کان مڇ جو آنو ڦيهڻ وارو قصو ٻڌي، مڇ جي رهڻ جو ماڳ معلوم ڪري، پوءِ لڪ چپ ۾ تياري ڪرڻ لڳا ۽ هڪ ڏينهن اوچتو ملاحن جو وڏو قافلو ساڻ ڪري ڪُنَ ڏانهن روانا ٿيا. ڪُنَ جي آسپاس ۾، هنن کي مڇي تمام گهٽي هٿ آئي ۽ ڪيترا مهاڻا، مڇيءَ جون ٻيڙيون پري واپس وريا، پر مورڙي جا ڀائر واپس ورڻ جي بدران، اڳتي ”ڪُنَ“ ڏانهن هلڻ لڳا. اڳتي وڃي جيئن ئي رڇ هنيائون تہ قابو ٿي پيا. هنن ڏاڍو زور لاتو، پر رڇ نڪري نہ سگهيا ۽ ڏاڍا پريشان ٿيا تہ آخر ڪهڙي بلا آهي؟

ڪو جو ڦهر ”ڪلاچ“ ۾، جو گهڙي، تنهن نٿي،
خبر ڪونہ ڏئي، تہ رڇ ڪجاڙي رنديا ؟

هاڻي هنن کي پڪ ٿي تہ مڇ ئي اهو ڪم ڪيو آهي. پوءِ تہ اچي ڪين دٻ ورايو ۽ هو ٻيڙا هاڪاري، ڪناري تي آيا ۽ پهہ پڇائڻ لڳا تہ هاڻي آخر ڇا ڪجي؟ حضرت ڀٽ ڌڻيءَ، ملاحن جي انهن ويچارن بابت، اجهو هيئن اهڃاڻ پيش ڪيا آهن:

گنگهر يا ”ڳهڻ ڄاڻ“ ، موڙهي مت مهائيين،
ويا ڳڏجي ويہر ۾، پيا منهن مهراڻ،
اڳيان پويان تاڻ، ويا ويچارن وسري.

اهڙن ويچارن کان پوءِ، هنن فيصلو ڪيو تہ، رڇ وڃائي، خالي هٿين موٽڻ خواري آهي. تنهن ڪري، هاڻي مقابلو ڪري مڇ کي مارڻو يا خود مرڻو. ان بعد هڪ ڀاءُ اندر ويو، جنهن جي ساهي تمام گهٽي هئي، پر ڪافي انتظار کان پوءِ جڏهن هو ٻاهر نہ آيو، تہ ٻيو ڀاءُ ويو، اهڙي طرح سڀئي ڀائر هڪ ٻئي پويان هليا ويا ۽ سڀن کي مڇ ڳهي ويو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن هفتي تائين بہ هي گھر نہ پھتا، تہ اويائي جي دل مان آواز نڪتو تہ -

"جيڪس جهليا مڇ، گهاتو گهر نہ آئيا"

اويائي، هوشيار ملاح سندن تلاش ۾ موڪليا، پر ڪتان بہ ڪو پتو ڪونہ پيو. اهو حال ڏسي، اويائي کي چوٽو پيو تہ: -

اوري هـئـا ، تـہ آئـيـا ، جيـڪـس ويـــا پـــري،
ســاٿـي سـڏ ڪـري، مـاڱ نـهـاري مـوٽـيـا.

اويائي جي گهٽي هاءِ هوءِ ۽ دانهن تي، ڪي بهادر ملاح ڪُنَ جي قريب ويا ۽ اتي ويجهڙن ڪنارن تان پڳل اوليون، مولهيا ۽ ٻيو سامان ڪٺي آيا، جن کي ڏسندي سيني کي پڪ ٿي تہ، مڙسن کي مڇ ڳهي ويو آهي. پوءِ تہ هرطرف راڙهو ٿي ويو ۽ گهاتن جي زالن چوڙا ڀيڙا لاهي، وار چوڙي، ڪپڙا ڪارا ڪري ڇڏيا. جن کي ڏسي اويائي ۾ مڇ کان انتقام وٺڻ جو جذبو بيدار ٿيو ۽ هن ملاحن کي هڪل ڪري چيو تہ: -

"ڪـاهـي وڃو نـاڪـئـا ، ڪـريـو ٻري تـي ٻـڃ"

جڏهن اها خبر مورڙي کي پهتي، تہ هن جي هٿ مان گلاس ڪري پيو تہ بادشاه هڪدم ڪانئس پڇيو تہ، خير آهي؟ جنهن تي مورڙي جيڪا ورندي ڏني، تنهن کي لطيف اجهو هن طرح شاعريءَ جو روپ ڏنو آهي تہ : -

ڪـالـهہ ڪـلاچيءَ ويـا ، گـهـاتـو ڪـري گـهـور،
مـادر مـــلاحـــن جا ، ويـنـي ســـهـــان ســور،
مـون کـي ڪـري مـلـور، اونـهـي ويـــا اوهـري.

اها خبر ٻڌي، بادشاهہ کيس موڪل ڏني، هو يلي گهر وڃي ۽ پوڙهي ٻيءُ ۽ ياڄاين کي وڃي دلاسو ڏي.

مورڙو جيئن گهر پهتو تہ وڏو ماتام مچي ويو، هن کي ڏسي ياڄاين اهڙا تہ پار ڪنيا ۽ اوساريو، جو سڄو ڳوٺ ماتم ڪدهہ بڻجي ويو.

لاکيڻي لطيف، ملاح عورتن جي اوسارن جا اهڃاڻ، هن طرح پيش ڪيا آهن ۽ -



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماک پجاين مولهيا، مٿان رات پئي،
اوليون اجهڻ لڳيون، ويا ونجهه وهي،
ڪلاچئا ڪهي، ڪڏهن ڪو نه آئيو.

*

ڪلي جان ڪينڪاريان، تان سائي سنگ نه ڪن،
واريو وهٽ وجن، ڪن سياڳين سامهان..

*

مون اڏاريا مڇڙا، الله گهاتو آڻ،
ميان "مدارن" سين، مون قادر وجهه مَ ڪاڻ،
هٿ منهنجي هاڻ، قدر لڌو جن ريءَ.

مورڙو اها حالت ڏسي، هڪدم دلو راءِ وٽ پهتو ۽ بادشاهه کان ڪاريگر ۽ سامان هٿ ڪري، پنهنجي "سِٽا" موجب هڪ فانوس نما پڃرو ٺهرايائين، جنهن کي چوڌرف ڪات هئا. جيڪي اندران ڪل هلائڻ سان هليا ٿي. پوءِ پاڻ ان ۾ ويٺو ۽ ان سان ورتون، رسا ۽ سنگهرون ٻڌي، انهن جا ٻاهريان ڇيڙا پنج سؤ سان ٻاڏن ۽ پنج سؤ سڌائن گهوڙين جي ڪنڌن ۾ وجهرائي، فانوس نما پڃرو سمنڊ ۾ داخل ڪرايائين. ان پڃري ۾ اندر به هڪ رسي داخل هئي، جنهن سان ٻاهرين کي اطلاع ڪرڻو هو.

مورڙي جو اهو معرڪو ڏسڻ لاءِ هزارين ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا ۽ خود بادشاهه به لشڪر سميت اتي پهتو ۽ تنبو هڻائي اچي رهيو. جڏهن مورڙي جو فانوس نما پڃرو سمنڊ ۾ داخل ٿيو ته، مڇ ڪيس شيشي ۾ ويٺل ڏسي ڪاهي آيو ۽ ان ٺي مهل وات ڦاڙي فانوس کي ڳهي ويو. جڏهن مڇ سمورو پڃرو ڳهي ويو ته مورڙي اندران ڪل هلائي، جنهن سان ڪات چرڻ لڳا، جن مڇ کي گهائي وڌو ۽ ان ئي مهل هن رسي ڇڪي ٻاهرين همراهن کي ڇڪڻ لاءِ اشارو ڏنو. جنهن تي ٻاهر بيٺل همراهن گهوڙين جي ڦرن کي ڊوڙائي پويان ڪتا ڀڄيا ۽ سانن جي پڻن تي تيل هاري ٻاهه ڏني، جنهن تي گهوڙين توڙي سانن گڏجي زور لاتو ته ٿوري دير ۾ مڇ گهلجي اچي ٻاهر پيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڇ جي ٻاهر ايندي ئي، ٻاهر تيار بيٺل همراهن مڇ کي چيري مورڙي جو پيٽ ۽ سندس ڀائرن جا لاش ان جي پيٽ مان ڪڍيا. مورڙي ٻاهر نڪرندي ئي مڇ جو رت ڪڍي ڍڪ ڀريو ۽ اوپائي مڇ جي کل مان جوراب ٺهرائي پاتا.

ان کان پوءِ لاشن کي غسل ڏيئي، اتي سمنڊ جي ڪناري تي دفن ڪيائون ۽ مورڙو بادشاهہ سلامت کان اجازت وٺي، ڀائرن جي مقام جو مجاور ٿي ويهي رهيو. جڏهن مورڙي وفات ڪئي تہ کيس بہ سندس وصيت موجب ان قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. جيڪو قبرستان هن وقت بہ ”مورڙي جو قبرستان“ سڏجي ٿو.

ڪراچي شهر ۾ ڪڏي کان ماريپور ڏانهن ويندڙ رستي تي، موجوده وزيرمينشن سرڪيولر ريلوي اسٽيشن جي بلڪل سامهون، رستي جي پوري وچ تي، هڪ چؤسول اندر ستن قبرن جو هڪ خاص مقام آهي، جن مان ڇهہ قبرون مورڙي جي ڀائرن جون ۽ ستين قبر سندس پيءُ سيرهينءَ جي آهي. انهيءَ مقام کان ڪافي اڳتي، رستي جي هڪ پاسي ٽڪريءَ تي هڪ اڪيلي قبر آهي، جنهن لاءِ چون ٿا تہ اها مورڙي جي قبر آهي.

مورڙي جو اولاد ”بابا“ ۽ ”ڀٽ“ ٻيٽن، ”شمس گوٺ“، ”ابراهيم حيدري“ ۽ ٻين بستين ۾ آباد آهي. جن جا ٽي پاڙا - هر هڪ ”ڪراچيءَ وارا“ ”لاڙا“ ۽ ”بندري“ مشهور آهن، جيڪي سيئي مورڙي پوٽا سڏجن ٿا.

## مددي ڪتاب ۽ راوي : -


١. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ”مورڙو ۽ مانگر مڇ“ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

٢. مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ مورڙي بابت ڇپيل مواد.

٣. لطيفي ڄاڻن کان مليل احوال.

۴. ڀاڻين کان مليل احوال

۵. مختلف اديبن کان ڪچهرين دوران مليل احوال





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏولو نرور

ڏولو نرورَ، ٻارهين صدي عيسوي جي شروع ۾، ناري پٽ جي وچ واري حصي ”ڏت“ جو ننڍو حاڪم هو، جنهن جو مرڪزي حصو، ان وقت ”سيرين“ جي نالي سان مشهور هو، جنهن جا آثار ۽ نشان اڄان تائين موجود آهي. اهو ”سيرين“ وارو علائقو، جيڪو ڪونجيلي، ڀڏيلي ۽ ٻوڪلي ”ڇنن“ کان اولهه ڏکڻ اولهه طرف هلندو، ساماري تائين پهچندو هو، تنهن ۾ ان وقت جا جيڪي اهڃاڻ ملن ٿا، تن ۾ عمرڪوٽ تعلقي جي ديهه ”ڏورو سيريين“، ساماري تعلقي ۾ ”ديهه سيريين“ ۽ ديهه ”ڪاروڙو سيريين“ ۽ ”مارل جي ڪوٽ“ جا ڪنڊر مشهور آهي، جيڪي ساماري شهر ۽ ساماري روڊ جي وچ تي، شاهي رستي جي ڏکڻ طرف آهن، جن تي ارغون دؤر جي مشهور بزرگ ”حسن باگوائي“ جي درگاه آهي.

ڏولو، نرور، پنهنجي وقت جو وڏو دلير، بهادر، جرئتمند ۽ اهڙو هردل عزيز حاڪم هو، جو ڪانئس پوءِ، ڏت جا جيڪي به حاڪم ٿيا، تن کي ”ڏولو“ ڪوٺيو ويو، جيئن سر ليلان چنيسر ۾، حضرت پٺ ڌڻيءَ، راءِ چنيسر کي ڏولو ڪوٺيو آهي. جيئن:

پوچا ڏنم پير، ڏکڻ مٿي ڏول جا.

يا

ڏوليا ڏيل م مون، ڪانڌ ڪميٽي آهيان،

يا

ڏولا ! ڪجاڙياءِ، ٻولايو ٻوڏ چئين !

اهڙي طرح سر مومل راڻي ۾، راڻي مينڌري کي به ڏولو سڏيو ويو آهي، جيئن:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن وقت ڏولو ۽ مارل جوان ٿيا تہ اهي هڪٻئي کان ايترو پري هئا، جو کين اها خبر نہ رهي تہ کو سندن مڱڻو بہ ٿيل آهي. اها خبر تڏهن ظاهر ٿي، جڏهن ”مارل“ جي سڱَ لاءِ پيغام اچڻ لڳا، جن جي جواب ۾ مارل جي ماءُ ٻڌايو تہ، مارل جو ننڍي هوندي کان ”ڏولي نرور“ سان مڱڻو ٿيل آهي. جيڪو ”سيريين“ جو حاڪم آهي.

ٻئي طرف ڏولو بہ انهيءَ حقيقت کان اڻ واقف هو ۽ هو عمرڪوٽ جي ”مومل“ نالي هڪ باغائڻ جي دام ۾ قابو هو، جنهن جي رهائش عمرڪوٽ جي موجوده شهر کان ڏکڻ طرف ميل کن پنڌ تي هئي، جنهن جا کنڊر، هينئر بہ موجود آهن ۽ کين ”مومل جي ماڙي“ ڪوٺيو وڃي ٿو.

”مارل“ يا ”مارئيءَ“ کي جڏهن اهو معلوم ٿيو تہ، ڏولو نرور سندس مڱيندو آهي، جيڪو سيريين“ ۾ رهي ٿو، تڏهن ان طرف ڏانهن ويندڙ ڪونجن کي نياپا موڪلڻ لڳي، جن کي حضرت پٽ ڌڻيءَ هن طرح جو روپ ڏنو آهي :

اتر ڏيسان، اوٺيان، ڏکڻ جاوٺيان،
”ڏولو نرور“ ، ”سيريين“ ، ”ڏڻ“ ٻڪڙ ڪڙيان،
پڇو ڪونجڙيان، ڪونہ هنياري سڄڻين.

(اتر کان اچڻ ۽ ڏکڻ ڏانهن وڃڻ واريون ڪونجون، اوهين ڏسو پيون تہ ڏولو نرور سيريين ۾ آهي، پر ان جي مگَ تر جي ٻڪڙ ۾ پيئي هلي، اوهين ئي ٻڌايو تہ ڪير آهي، جيڪا سڄڻ کي پيئي ياد ڪري ؟)

اهڙيءَ طرح تصور ڪندي، خيال بچائيندي، مارل نيٺ هڪ پان ذريعي ڏولي ڏانهن پيغام موڪليو تہ، هوءَ سندس مگَ آهي، جنهن کي وساري ويهي رهڻ واجب ڪونهي، پان اتي پهچي، پيغام ڏيڻ کان پوءِ، ڏولي جي اڳيان، مارئيءَ جي سونهن جو جيڪو بيان ڪيو، سو حضرت پٽ ڌڻيءَ جي لفظن ۾ هن طرح آهي تہ:

”مارئي“ ايسي پاتلي. جيسي ”ريڻ کجور“
گهڻ گٽي، منهن ميني، تو ڪيئن ڇڏي ڏور.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(مارئي اهڙي سنهڙي اهي، جهڙي ريڻ دريا تي ٽيندڙ ڪجور، هوءَ گهٽڻ گٽڻ واري ۽ ڳالهائڻ جي مٺي آهي، تو ان ڪي پري چو ڇڏيو آهي؟)

ڍولي کي پهچائڻ لاءِ، يان ڪي، مارل وٽان جيڪو نياپو مليو اهو حضرت شاهه سائين هن طرح بيان ڪيو آهي تہ:

ڍاٽي ! جي ڍول ملي، تہ ڍولان نان ڪهيج،
ڪرسڻ پڪو، ڪڻ ڇٽي، لاٽو آپ ڪريج.

ڍولي جي بهادري، مارل جي سونهن، ڏوري ۽ جدائي، انتظار ۽ تصور، نياپن ۽ اڻ تڻ جو منظر، خليفي نبي بخش "قاسم" ٽري ٻوليءَ ۾ جنهن نموني پيش ڪيو آهي، اهو بي مثال ۽ لاجواب آهي.

خليفو صاحب فرمائي ٿو تہ:

"ڍولو نرور" سيريين، "مارو" پاس ترين،
"قاسم" تر ٻاٻيهڙا آوت لڄ مرين،
گوري جوئي باٽڙي، ڍولا آءُ گهرين.

*

"ڍولو نرور" سيريين، مارو تر رمڪ،
گوري جوئي باٽڙي، اوٻي ماٽي نڪ.

*

"ماروءِ" منهن ٻيڙلو، پان سوپاري ڪاءِ،
ڍولو نرور سيريين، اڙ ڪانگا لي آءِ.

*

ڍولو آوي توهنس ملون، پائون پڙون مين توءِ،
تجهي مليکي آبرو، ياڳ همارا هوءِ.

*

اڙ ڪانگا ! ني جاءِ تون ڪا ڳد ميرو آج،
قاسم ڪيم بسارتون، لاڪ سريکي لاج.

*

ڍولي ڪاڳد وانچتي، قاسم لاڳو ٻاڻ،
ڪاڳد پڙهتي پڙڳئي من ۾ تاڻ و تاڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطلب تہ جڏهن ڍولي کي مارل جو پيغام پهتو ۽ يان کان ان جي حسن جي ساراهہ بہ ٻڌائين تہ مينهن، واءُ ڪندو، ”پونگل ڳڙهہ“ پهتو ۽ مارل سان لائون لهي واپس وريو.

اها خبر ڪنهن نموني سان همير سومري کي بہ پهچي ويئي ۽ هو ڍولي جي واٽ تي لشڪر سميت انتظار ڪرڻ لڳو. جڏهن ڍولو مارل کي وٺي، ”سيريين“ ڏانهن پئي آيو، تہ همير مٿس اوچتو حملو ڪري، ڪانئس ”مارئي“ کسي ورتي ۽ اچي عمرڪوٽ ۾ بند ڪيائين ۽ ان کي مجبور ڪرڻ لڳو تہ، ”هوءَ ساڻس شادي ڪري“، مگر ”مارئيءَ“ سندس هڪ بہ نہ ٻڌي.

ٻئي طرف ”ڍولو نرور“ همير جي مقابلي ۾ بلڪل ننڍو حاڪم هو، جيڪو ان سان جنگ ڪري، پڇي نٿي سگهيو، ان ڪري فقير بنجي عمرڪوٽ ۾ رهيو ۽ ڳجهہ ڳوه ۾ ”مارئي“ کي پيغام موڪلي، رات جي وقت ڪيس ڪوٽ تان ٽپائي وٺي ويو.

همير جي هن حملي ۽ مارئيءَ کي عمرڪوٽ ۾ بند ڪرڻ جا اهڃاڻ ۽ اشارا، شاه صاحب جي سر عمر مارئيءَ ۾ موجود آهن. جنهن ۾ جيترا دفعا عمر جو نالو آيو آهي، اوترائي دفعا همير جو نالو آهي. اهو انهيءَ ڪري جو ڍولي ۽ همير جي حملي ۽ مارئي کي عمرڪوٽ ۾ بند ڪرڻ واري انهيءَ واقعي کان لڳ ڀڳ بہ سؤ سال کن پوءِ جڏهن ساڳئي خاندان جي حاڪم عمر سومري هٿان اهڙو واقعو نمودار ٿيو ۽ اها ڳالهہ مشهور عام ٿي تہ، همير وارو قصو (جيڪو بہ سؤ ٻہ سال اڳ جو هو) بہ ان ۾ شامل ٿي ويو ۽ شاعرن همير ۽ عمر کي هڪ سمجهي، ٻئي نالا گڏوگڏ پئي استعمال ڪيا آهن. جنهن جو وڏو ثبوت اها مشهور وائي آهي، جنهن جي ٽل ۾ ڍولي ۽ مارئي جي نالن کي گڏي، مارُوئڙن جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو ويو آهي جيئن:

”ڍولا مارو مون سان، پرچن شال پنهوار.“

ياد رهي تہ ڍولي واري مارئيءَ کي مارل ۽ مارو بہ سڏيو ويو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڄام جکرو هوٿياڻي

سنڌ جي ڏاتارن ۾ ڄام جکرو هوٿياڻي سينيءَ کان وڌيڪ ناليرو ۽ مشهور هو، جيڪو ڄام مهڙ جي اولاد مان ڳهڙ گهراڻي جو سردار هو. سندس تعريف ۾ لطيف سائينءَ فرمايو آهي تہ : .

سمو سوائي، پهون پنئشان اڳرو،
دانا جي دربار ۾، ورتي ايءَ وائي،
ڳهڙ ڳالهائي، مهڙ سڀ ملهايا.

ميين شاهہ عنايت جي شاعريءَ جي روشنيءَ ۾ اهو تو ثابت ٿئي تہ جکرو هوٿياڻي پاتار يا پاتال جو رهاکو ۽ گنگا راءِ يا گنگاجر راءِ خاندان جو فرد هو، جيڪا ڳهڙ سمن جي شاخ هئي.

ٻئي طرف، پاتال کانسواءِ، ڳهڙ جي نالي پويان ڳهڙ جي تڙ ۽ گنگا راءِ جي نالي پويان گنگا راءِ جو تڙ، جنهن کي هن وقت ”گنگارو“ ڪوٺين ٿا، سي ٻئي اڄ بہ موجود آهن.

جکري جي تعريف ۾ لطيف سائين اڄهو هيئن فرمايو آهي : .

مَنهہ مني جکرو، طاماعن تاري،
پڇي سي پاري، جي عاجز اجورن ۾.

*

هٿان جادم جکري، وٺي پوءِ مَ وڃ،
اڄهي آيا نڇ، سمي وائي وات ۾.

*

هٿان جادم جکري، وٺي وڃ مَ پوءِ،
پي پي سو ٻَر ٿئي، جو حاتم پاسي هوءِ.

لطيف سائين نہ رڳو جکري کي حاتم تو ڪوٺي، پر ان جي تعريف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ گهڻو اڳتي وڌندي فرمائي ٿو تہ:

پانوَ سين نہ پاڙيان، سوين ٻيا سردار،
آهي مثل منهن جي، سخي تنهنجي سار،
حاتم، هڙده هزار، جهڙ تنهنجي جهپيا.

*

جهڙ تنهنجي جهپيا، هزارين حاتم،
كوجهن سندا كم، كامل ري كير كري.

اهڙيءَ طرح، لاکيڻو لطيف جکري سان مخاطب ٿيندي فرمائي ٿو:

سما تو سر ڇٽ، ناتَ پاڳارا پرس ٻيا،
"ڳهڙ" تنهنجي ڳالهڙي، اچي جال جڳت،
جن جيهائي پٽ، تن تيهائي ٻكيا.

جکري جي تعريف ڪندي، لطيف سائين سائلن ۽ گهرجائن کي ٻڌائي ٿو تہ:

جكري جيهو پرس، نہ پسان كي ٻيو،
وائي جنهن جي وات ۾، ڏيو زڙي ڏيو،
وڃي ڇو نہ ويهو، ان در متي مڳّٽا!

طاماعن کي تاڪيد ڪندي چوي ٿو :.

كوه نہ جهارين جكرو، جنهن ڏيهہ ڍيا ڏيئي،
جي لڌيا تي لينگن ۾، سالن ۾ سي ئي،
سمي سيئي، طاماعو تار ڪيا.

مطلب تہ جکرو هوتيائي اهڙو ڏاتار هو، جنهن لاءِ چيو ويو تہ:

"هوتياڻيءَ هتان وڻ ٻہ وڃن واسيا!"

يا

"سمي ساماٽي، چنتا لٿي چارٽين."

جکري جي ساراهہ ۾ اسان کي لطيف سائينءَ ۽ ٻين شاعرن وٽان کافي مواد ملي ٿو، پر ان جي دؤر بابت ڪا بہ خبر ڪانہ ٿي پوي، فقط اها پروڙ ٿي پوي تہ ڄام جکرو، ڄام راهو کان گهڻو پوءِ هو ۽ سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دؤر ۾ جيڪو سڪو هلندڙ هو، تنهن کي ”رونٽو“ چيو ويندو هو، جيئن هڪ بيت ۾ آهي ته :

واسريو وريام، ته ريليندو ”رونٽن“ کي.

جکري نالي سان سنڌ ۾ پيا ٻه ڪئين سردار مشهور ٿي گذريا آهن. جيئن جکرو تيباڻي، جکرو هلاڻي، جکرو اوياڻي، جيئن ته لطيف سائينءَ جي ڪلام ۾ انهن بابت ڪو اشارو يا اهڃاڻ ڪونه ٿو ملي، تنهن ڪري انهن کي هن مضمون ۾ شامل نٿو ڪجي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏونگر راءِ سمون

سنڌ توڙي ڪڇ جي سمن ۾ ڪيھر سما مشھور سورھيہ ۽ سرويچ ھئا جن جي تاريخ تمام وڏي آھي، جن ۾ ڪيترائي اھڙا سردار آھن، جن جا نالا تاريخ ۾ سونھري لفظن سان لکيل آھن. ڪين تمام گھٽو ساراھيو ويو آھي. اھڙن سردارن ۾ ابڙي اڙينگ جو پٽ ڏونگر راءِ بہ اچي ٿو، جيڪو جنگ جي وقت لڳ ڀڳ انن ڏھن سالن جو مس ھو. پر اھڙي بھادري ڏيکاريائين جو مخالف ڌر کي ڏندين آڱريون اچي ويون.

جڏھن ڄام ابڙو جنگ جي ميدان تي ھو تڏھين سومرن جو ٻانھون ڏونگر راءِ جي نگرانيءَ ۾ ھيون. ڪيس ڇيل ھو تہ ڄا بہ ٿئي پر جيڪي ٻانھون سام ۾ آھن، سي ترڪن کي ھٿ نہ چڙھن. ان لاءِ جڏھن ڄام ابڙو جنگ جي ميدان ۾ شھيد ٿي ويو، سندس ڀاءُ ۽ ويجھا عزيز پڻ جنگ ۾ مارجي ويا، تڏھن ڏونگر راءِ سامون وٺي ڪڇ جو رڻ ۾ اھڙي علائقي ۾ پھتو، جنھن ۾ رڳو ڏيٿيون ۽ گرٽيون ھيون. ھن سيني کي اچي ڏيٿين واري ماڳ تي پھچايو. چيائين تہ اوھان کي مان ڏيٿين جي حوالي ڪري، جنگ تي وڃان ٿو. اوھان جو خدا حافظ آھي. اِھو اوھان کي بچائيندو ۽ اوھان تائين دشمن نہ پھچي سگھندو. ان بعد اھي سيئي مايون ھڪ وڏي ڏيڻ ۾ ھڪ ٻئي پويان ھليون ويون. اتي ئي غرق ٿي ويون. انھيءَ ھنڌ ئي پوءِ ھڪ نشان ڪري ان کي سومرين جو مقام ڪوٺيو ويو. جيڪو اصل ۾ رڻ جي ڏيڻ ۽ گرڻ واري ھنڌ تي آھي.

ڏونگر راءِ جي اھا ڀھرين ڏاھپ ۽ بھادري آھي، جنھن سامون بچايون، پوءِ ميدان تي آيو ۽ جنگ جو طبل پيو وڄائي. انھيءَ تي لشڪر وارن کي ٻڌايو ويو تہ اھو ابڙي اڙينگ جو ننڍو پٽ ڏونگر راءِ آھي، جيڪو سامن جي نگراني ۾ ھو. ھاٿي واندو ٿي ميدان تي آيو آھي. انھيءَ تي فوجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سالار ميدان تي آيا. هن ڪان پڇيائون تہ تو سامون ڪيڏانهن ڪيون. انهن جو اسان کي ڏس ڏي تہ هي سمورو ملڪ ۽ ملڪ جون واڳون تنهن جي حوالي ڪري هليا وڃون. انهيءَ تي جيڪو جوڪري جواب ڏنو سو لطيف جي لفظن ۾ هن طرح بيان ڪيل آهي:

ٻين مڙني ڏنيون، پر ڏئي نہ ڏونگر راءُ،
اڻ ڏنن آڏو ڦر، ڏني ڏئي ڪياءُ،
لوريون لک متاءُ، ان متيري موٽائيون. (١)

هن پوءِ علاؤ الدين جي فوجي سالارن کي وٺي اهو هنڌ ڏيکاريو، جتي مايون سومريون ڏهٽين ۾ غرق ٿي ويون هيون. فوجي سالار جوڪري جي جرئت ۽ ڏاهپ کي ڏسي وائڙا ٿي ويا. هن کي چيائون تہ تنهنجي بهادريءَ ۽ ڏاهپ کي سلام ٿا ڪريون. هي ملڪ تنهن جو آهي تنهن جو رهندو.

ان بعد علاؤ الدين جا فوجي ڪڇ خالي ڪري واپس هليا ويا، ويندي ويندي ڏونگر راءِ جي ڏاهپ ۽ دليري جا قصا ڪندا ويا جيڪي اڄ بہ مشهور آهن.

ڏوران ڏونگر نڌڙو، اوران ٿي آفت (٢)

پورو ٿيو.

---

(١) غلام محمد شاهواڻي شاهہ جو رسالو ڇاپو پهريون ١٩٥٠ صفحو ١٢٩٢ آر- ايچ احمد اينڊ برادرس، حيدر آباد.

(٢) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ــ سومرن جي دؤر ــ سال ١٩٨٠ع - ڇاپو پهرين سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهراڻ اڪيڊمي ۽ پاران شاھ عبداللطيف تي ڇپايل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| * شاھ جو رسالو | علامه غلام مصطفيٰ قاسمي | 250/= |
| * شاھ جو رسالو (لغت سميت) | غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ | 200/= |
| * شاھ عبداللطيف (شاعري ۽ فن) | علامه آءِ آءِ قاضي / عبدالغفار سومرو | 36/= |
| * شاھ عبداللطيف (تحقيقي مضمون) | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 50/= |
| * شرح لطيف (سر ڪلياڻ) | رسول بخش ڏيرو | 80/= |
| * شرح لطيف ( سر يمن ڪلياڻ) | رسول بخش ڏيرو | 44/= |
| * لطيف جو پيغام | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | 48/= |
| * ڀلارو ڀٽ ڌڻي | ڊاڪٽر بشير احمد "شاد" | 40/= |
| * لطيفي لات | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | 60/= |
| * عرفان لطيف | ڊاڪٽر بشير احمد "شاد" | 48/= |
| * ڀٽ جو گهوٽ | ڊاڪٽر بشير احمد "شاد" | 150/= |
| * ڳالهيون شاھ لطيف جون | غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ | 24/= |
| * لغات لطيفي | مرزا قليچ بيگ / سيد علي رضا شاھ | 200/= |
| * ست سورهيه - ڏھ ڏاتار | معمور يوسفاڻي | 36/= |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book